
ڪھاڻيون
حليمان
رسول ميمڻ
پوپٽ

حليمان

[ڪهاڻيون]

رسول ميمڻ

پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور ـ سنڌ
2013ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2017ع
سنڌ سلامت ڪتاب گهر

POPAT BOOK NO. 44

حليمان

(ڪهاڻيون)

ليکڪ: **رسول ميمڻ**

چاپو پهريون: 2013ع
تعداد: هڪ هزار
ٽائيٽل ڊزائين: سعيد منگي
ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ: آصف نظاماڻي
ڇپيندڙ: پوپٽ پرنٽنگ پريس، خيرپور. فون:0243-552913
ڇپائيندڙ: پوپٽ پبلشنگ هائوس مال روڊ خيرپور.
ملهه: **-/150** روپيه

HALEEMAA'N

(Stories)

By: **Rasool Memon**

First Edition: 2013
Quantity: 1000 Copies
Title Design: Saeed Mangi
nposing & Layout: Asif Nizamani
Printed by: Popat Printing Press, Khairpur Ph: 0243-552913
Published by: Popat Publishing House, Mall Road Khaiprur.
Price: **Rs. 150/-**

ارپنا

پنهنجي والد

محترم **محمد يعقوب ميمڻ** ڏانهن

جيڪو **ويهين** جون 2013ع

خميس ڏينهن لاڏاڻو ڪري ويو

سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”حليمان“** اوهان اڳيان پيش آهي. ڪهاڻين جي هن مجموعي جو ليکڪ ناميارو ڪهاڻيڪار، ناولنگار ۽ اديب **”رسول ميمڻ“** آهي. هو لکي ٿو:

”هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون موضوع جي لحاظ کان مختلف آهن. منهنجين لکڻين ۾ موضوعن جي کوٽ نہ آهي. ان ۾ ڪو شڪ نہ آهي تہ دنيا جي لکڻين جو سڀ کان وڏو موضوع پيار آهي پر پيار يونيورسٽين تائين محدود نہ آهي. اسان کي پيار جي ڪينواس کي وسيع ڪرڻُ پوندو. ساڳي موضوع تي ساڳي انداز ۾ هر هر لکي اسان پڙهندڙن کي ڇا ڏيڻ چاهيون ٿا؟ چٽرجيءَ جي ”ديوداس“ کان ايرک سيگل جي ”لو اسٽوري“ تائين اهڙي انداز ۾ سڀ پھريون موجود آهي. وڏي ڳالھ اها تہ عالمي نقاد اهڙين لکڻين کي ادب جو حصو مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن. “

هي ڪتاب **پوپٽ پبلشنگ هائوس، خيرپور** پاران 2013ع ۾ ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پوپٽ پبليڪيشن جي سرواڻ قربان منگي صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي. مهربانيون سائين رسول ميمڻ صاحب جون جنهن ڪتاب سنڌ سلامت ڪتاب گھر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

اوهان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿيهن وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رهنمائي جو منتظر.

محمد سليمان وساڻ
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
www.sindhsalamat.com
books.sindhsalamat.com

سٽاءُ

- پبلشر نوٽ: **قربان منگي** 7
- پنهنجي پاران: **رسول ميمڻ** 8

ڪهاڻيون

- ڊائون سينڊروم 12
- روڊ 23
- جينوم 28
- ڏاتوءَ جي آتم ڪهاڻي 36
- حليمان 43
- آدم جي دنيا 56
- لوڊشيڊنگ 64
- فٽ پاٿ جو فوٽو گرافر 72
- ڪوما (سڪرات) = موت زندگي 79
- هوءَ هن جو مالڪ 88

پبلشر نوٽ

سنڌي ٻوليءَ جي سَگهاري ۽ پنهنجي ئي انداز واري منفرد ڪهاڻيڪارَ رسول ميمڻ جي ڪهاڻين جون نئون ڪِتاب ”حليمان“ اوهان جي هٿن ۾ آهي. اداري ”پوپٽ“ لاءِ اِها خوشيءَ جي ڳالهہ آهي تہ هِنَ اداري پاران هن کان اڳ ۾ رسول ميمڻ جو ڪهاڻي ڪِتاب ”سونو ڏند“ ۽ ٻہ ناولَ ”اوڙوبهہ عورتون“ ۽ ”قالو بَلا“ بہ شايع ڪيا ويا، جن کي پڙهندڙن پاران تمام گهڻو مانُ مليو. انهيءَ ئي اُميدَ جي تسلسل ۾ هي ڪهاڻي ڪِتابُ ”حليمان“ اوهان آڏو آهي.

رسول ميمڻ سنڌي ٻوليءَ جو اهو ياڳ وارو ليکڪ آهي، جنهن جي مٿان ڏات جي ديوي هميشہ مهربان رهي آهي. هن لکيو آهي، مسلسل لکيو آهي ۽ ڀرپور لکيو آهي. اسان جي دُعا آهي تہ هُو مسلسل لکندو رهي ۽ ”پوپٽ“ کي سندس تخليقن کي ڇاپڻ جو اعزاز ملندو رهي.

قربان منگي
چيئرمين
پوپٽ پبلشنگ هائوس،
خيرپور - سنڌ

پنهنجي پاران

انسان عمر جي کهڙي به حد کي پهچي، پر ننڍپڻ ۾ جيئي ٿو. شايد ان ڪري جو ڄمڻ کانپوءِ دنيا پهريون دفعو هن جي مشاهدي ۾ اچي ٿي ۽ اهي منظر، ڪردار ۽ رويا سندس دماغ ۾ نقش ٿين ٿا ــ وڏندڙ عمر ۽ تجربي سان دنيا جا نقش نوان نه ٿا رهن ــ انسان انهن سان رلي ملي وڃي ٿو ۽ اهي اهميت وڃائي ويهن ٿا.

مان به ننڍپڻ ۾ جيئان ٿو. اهي ڪردار جيڪي دنيا ۾ نه رهيا آهن، منهنجي ذهن ۾ جيئرا آهن. اهي پراسرار حقيقتون آهن. پراڻي ونگن واري جاءِ، وڏو نم جو وڻ ۽ هيٺان برمو. سياري جون پوياڙيون ۽ نم جي ڇٽيل سڪل پنن سان پريل پڌر، جِتي گهمندو هيس ته پنن تي هلڻ ڪري پيرن هيٺان عجيب آواز ايندا هيا.

Nostalgia بيماري نه آهي پر هڪ حساس ذهن جو فطري عمل آهي. ڪي چوندا آهن ته ماضيءَ کي ياد ڪرڻ چڱو نه آهي، پر ڇا ڪجي حقيقت اها آهي ته ماضي اسان کي ياد ڪندو آهي. انسان زندگيءَ جي سفر ۾ لمحي لمحي ورهايل آهي. منهنجي وجود جا ڪئي ورهايل حصا پويان آواز ڏئي رهيا آهن. مان ماضيءَ جا سڏ ٻڌندو آهيان ته ڪنڌ ورائي پنهنجا پوئتي ڇڏي آيل ڪئي روپ ڏسي سگهندو آهيان. حليمان، نانڪ، احمد زوار، ڏاتو سونين والين وارو سچل، ستارو ۽ ٻيا. اهي سڀ معزز نالا آهن جيڪي منهنجين يادن تي اڪريل آهن. منهنجو پڙڏاڏو رازق ڏنو جنهن کي پيرن مٿان پنين تي پٽيون ويڙهيل هونديون هيون، وڏو سيلاني شخص هيو. ان جي وفات کانپوءِ سندس قبر جي نشاني اها هوندي هئي ته اها قبر سيني قبرن کان ڊگهي هئي. اهو قداور شخص هيو. منهنجو پڙنانو ڪاڪو حاجي جنهن پيرين پنڌ حجاز جو سفر ڪيو ۽ حج جي سعادت حاصل ڪئي. اهڙا ڪئي ڪردار جيڪي منهنجين ڪهاڻين ۾ موجود آهن، اهي منهنجين سوچن اندر ديو مالائي ديوتائن ۾ تبديل ٿي چڪا آهن.

هن مجموعي ۾ شامل ڪهاڻيون موضوع جي لحاظَ کان مختلف آهن. منهنجين لکڻين ۾ موضوعن جي کوٽَ نه آهي. ان ۾ ڪو شڪ نه آهي ته دنيا جي لکڻين جو سڀ کان وڏو موضوع پيار آهي

پر پيار يونيورسٽين تائين محدود نہ آهي. اسان کي پيار جي ڪينواس کي وسيع ڪرڻُ پوندو. ساڳي موضوع تي ساڳي اندازَ ۾ هر هر لکي اسان پڙهندڙن کي ڇا ڏيڻ چاهيون ٿا؟ چٽرجيءَ جي ”ديوداس“ کان ايرڪ سيگل جي ”لو اسٽوري“ تائين اهڙي اندازَ ۾ سڀ پهريون موجود آهي. وڏي ڳالهہ اها تہ عالمي نقاد اهڙين لکڻين کي ادب جو حصو مڃڻ لاءِ تيار نہ آهن.

پيار اندر ۾ دکندڙ اهڙي چڻنگ آهي، جيڪا نفرت جي موضوع تي لکندي بہ چمڪندي محسوس ڪري سگهجي ٿي. پيار اهو احساس آهي جيڪو پڙهندڙ کي پاڻ ڳولهي لهي ٿو- پيار جو کليل پرچار ادب جي حد تائين نہ ٿو ڪري سگهجي. تبليغ ڪرڻ ملان جو ڪم آهي. مبلغ کي حق پهچي ٿو تہ اهو پيار جو پرچار ڪري. جڏهن ليلا ڇري ۾ پيالو موڪلي امتحان وٺندي آهي تہ سندس موڪليل ڇُوري مجنون ٿو ڪائي يا پيو؟ تڏهن وجود کي شيهہ ڏئي رت ڦڙو عاشق ئي ڏئي سگهندو آهي. پيار جي لباڙهٽي ڇُوري کان ڪائيندڙ ڀڄُو ڀيو نہ.

عاشق جو وجود پيار جي گواهيءَ لاءِ ڪافي آهي. اديب پل موضوع جي لحاظ کان جانبدار هجي پر هن کي ڪردارن جي معاملي ۾ غير جانبدار هجڻ گهرجي. موضوع منشا مطابق ٿي سگهي ٿو پر لکندڙ کي ڪردارن جي ڏک سک، پيار نفرت، جذبات ۽ ٻين روين ۾ شامل هجڻ نہ گهرجي. اهو ئي فن جو ڪمال آهي تہ اهي سڀ احساس پڙهندڙ ۾ پاڻ پيدا ٿين. ساڳي ڳالهہ عشق ۽ پيار جي موضوع تي لاڳو ٿئي ٿي. لکڻين ۾ عشقَ مڙهي ٻين ڳڇين ۾ نہ وڌو وڃي پر موضوع کي ائين نڀايو وڃي جو عشق پڙهندڙ جي من ۾ پاڻ جاڳي پوي.

لکڻ جادو آهي، اهڙو جادو جيڪو سيکاري نہ ٿو سگهجي. اهو ڪيئن ممڪن آهي تہ ڪنهن جي منهن ۾ ڏسي سوچجي تہ منهنجا مهانڊا بہ ان وانگر ٿي وڃن. لکڻ پڙهندڙ کي ويهاري مٿان ٻيهي جادو پڙهڻ آهي. جڏهن پڙهندڙ کي نفرت جو احساس ڏياري چئجي تہ ”اهو پيار آهي“ ۽ هو متفق ٿئي تہ پوءِ اها لکڻ جي معراج آهي. جڏهن ڪنڊو گل ۾ ٻاهہ ٻاٽي تي پوي تہ معنا جادو اثر انگيز آهي.

هڪ ميڊيڪل ڊاڪٽر هجڻ جي حيثيت ۾ توهان کي منهنجين لکڻين ۾ کي اهڙا اشارا ملندا جيڪي افسانوي صورت ۾ علامتي بيمارين، بيماريءَ جي سبن ۽ جاندار جي اندروني بناوت متعلق هوندا. مون انهن کي سرئلسٽڪ اندازَ ۾ پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. ”ڊائون سينڊروم“ جيڪا ٻارن جي پيدائشي بيماري آهي. اها ڪهاڻي ان بيماري متعلق نہ آهي پر بيماريءَ جو علامتي انداز آهي. ساڳي طرح ڪهاڻي ”جينوم“ جنهن جو موضوع ارتقا آهي. اها ڊارون جي نظريي جو اختلافي خاڪو آهي. مان ڊارون جو مداح آهيان ۽ ارتقا منهنجو عقيدو آهي. پر ان ڪهاڻيءَ ۾ مون ڪي اختلافي سوال اٿاريا آهن. جيڪي ڪردار جي رويي مان خود بخود ظاهر ٿين ٿا.

انگريزي لفظ Evolution لاءِ سنڌيءَ ۾ استعمال ٿيندڙ لفظ ”ارتقا“ ٺهڪي ايندڙ نہ آهي. Evolution لفظ Evolve مان نڪتل آهي، جنھنجي معنا سنڌيءَ ۾ ”نسرجڻ“ آهي.

Evolution is always progressive and retrogressive.

ارتقا حالتن موافق اڳتي يا پوئتي موٽ کائي ٿي. اھا صرف ترقي نہ آهي ڇو جو صرف اڳتي نہ ٿي وڌي. ان لاءِ لفظ ارتقا موزون نہ آهي. اھا نسرتا آهي. جنھن ۾ ھڪ شيءِ مان ٻئي شيءِ نِسري نروار ٿئي ٿي. پوءِ اھا حالت موافق تبديل ٿي اڳتي وڌي يا پوئتي موٽ کائي. جيڪڏھن Evolution لاءِ لفظ ”نِسرتا“ استعمال ۾ آڻجي تہ مناسب ٿيندو. دراصل لفظ ”ارتقا“ ايڏو تہ مروج آهي جو مان پاڻ ”نسرتا“ لکندي ڪيبائي رهيو آهيان تہ متان نقاد وچڙي نہ پون.

وڌيڪ سنگت جي صلاح.

- رسول ميمڻ

ڪراچي

ڪهاڻيون

ڊائون سينڊروم

انقلاب جو دهل وڏي زور ۽ شورَ سان وڄي رهيو هيو. هڪ اهڙو آواز جنهن کان ڌرتي ڌڏي رهي هئي. هر شيءِ جاڳي رهي هئي. "انقلاب........ انقلاب" هر طرف آواز ئي آواز هيا. ماڻهو گرم بستر ڇڏي جاڳي رهيا هئا. هاري ٻنين مان ٻاهر نڪري روانا ٿي چڪا هيا ۽ مزدور ڪافي اڳتي وڌي چڪا هيا. هر ماڻهو هلڻ جي تيارين ۾ هيو. هٿ جدا ٿي رهيا هيا ۽ هٿ هوا ۾ لڏي رهيا هيا.

هو بہ اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي اپاهج ياءُ جي پڪ ۾ اچي هن کان موڪلائڻ لڳو.

"ياءُ ڌرتي تي تبديلي اچي رهي آهي...... هاڻي موڪلاڻي" هن پنهنجي اپاهج ياءُ کي چيو. جيڪو گگ ڳاڙي، ٿنڊين ٻانهن کي لوڏي هن ڏانهن نهاري وات مان غير واضع لفظ ڪڍي رهيو هيو.

"مان انقلاب ۾ شامل ٿيڻ وڃي رهيو آهيان، منهنجا ياءُ مان هڪ نئي منزل جي ڳولها ۾ وڃي رهيو آهيان. هڪ اهڙي منزل جيڪا حقيقت ۽ ڇوٽڪاري جي واديءَ ۾ هوندي. مان ان منزل تي ضرور پهچندس جيڪا انقلاب جي منزل هوندي."

هو اپاهج ياءُ سان ڳالهائيندو ويو ۽ اپاهج جنهن جي ڪمزور منڌي ڄڻ هيٺ لڙڪي رهي هئي، سو هر ڪنڌ ڪٽي غورَ سان سمجهہ ۾ نہ ايندڙ لفظن ۾ ڄڻ چئي رهيو هيو. "منهنجا ياءُ تون نہ وڃ..... مان اڪيلو ٿي پوندس، هن دنيا ۾ ڪيئن رهي سگهندس" ۽ هو اکين مان ڳوڙها ڳاڙي هن کي روڪڻ لاءِ ڪوشش ڪندو رهيو. هو هڪ اپاهج نوجوان هيو. قدرت هن کي ماءُ جي پيٽ مان ئي ايئن پيدا ڪيو هيو. نہ قدرت هن کي ڏاهپ سان نوازيو نہ ئي هن وٽ سوچ هئي. هو هڪ اهڙو معزور هيو جنهن کي هٿ کان وٺي اٿاربو ۽ ويهاربو آهي. هن جون اکيون گول ۽ ڀاڻيءَ سان ڀريل هونديون هيون، منهن گول ۽ ويڪرو، سندس واتَ مان هميشہ گگ پئي ٽمندي هئي. قد ننڍو ۽ ڄنگهون ڦريل هيون. هو ڪنهن بہ ڳالهہ کي ڇوڙ لاءِ ڇچريل لفظن ۾ رڙيون ڪري ڳالهائيندو هيو ۽ اڄ هو ياءُ آڏو روئي رهيو هيو هن کي نہ وڃڻ لاءِ چئي رهيو هيو. هن جو وڏو ياءُ جيڪو وڏي قوت وارو طاقتور شخص هيو. هن وٽ عقل هيو سوچ هئي ۽ دنيا کي بدلائڻ جي جستجو هئي. هن کي انقلاب جي ڳولها هئي. هڪ اهڙيءَ منزل جي ڳولها جيڪا ڏکن ۽ مصيبتن جي مسئلن جو حل هئي. هڪ اهڙي منزل جيڪا سچ هئي، آزادي هئي.

موڪلائڻ کان اڳ هن پنهنجي اپاهج ياءُ کي ياڪر ۾ وٺي هن جي ڳوڙهن ڀريل ڳٽي تي چمي ڏني.

“موڪلاڻي منهنجا ياءُ. شايد هيءَ اسان جي زندگيءَ جي آخري ملاقات آهي....... شايد وري نہ ملئون.”

هو اڳتي وڌيو ۽ پنهنجي گهوڙي جي واڳن ۾ هٿ وجهي وڃي ان تي چڙهيو. اپاهج نوجوان جنهن جي اکين مان ڳوڙها ۽ واتَ مان گگ وهي رهي هئي اهو حسرت ۽ پيار مان پنهنجي ياءُ کي ڏسندو رهيو. هن جي ياءُ گهوڙي کي پاسي کان ڪڙي هنئي ۽ ان کي ڊوڙائيندو پري وادين ۾ گم ٿي ويو.

“انقلاب........... انقلاب” هر طرف آواز ڌرتيءَ جي سيني مان ٻاڦَ جيان بلند ٿي رهيا هيا ۽ هو انقلاب جي دهلَ تي گهوڙي کي نچائيندو پچائيندو پئي ويو. هڪ منزل ڏانهن. حقيقت ڏانهن. سچ ڏانهن هن جو گهوڙو ڇڻ آڏامندو پئي ويو. انقلابَ جو دهل ڇڻ گهوڙي جي سنبن مان وڃي رهيو هيو ۽ هو نوجوان خود اعتماديءَ مان سڌو ڪرنگهو ڪري گهوڙي جي پٺ تي ويهي هر هر هٿ سان ڏڪ هڻي هن کي تيز هلڻ لاءِ مجبور ڪري رهيو هيو. گهوڙي جي ڳچي ۾ ٻڌل ڳاڙها، ساوا، اڇا ۽ هيڊا رومال هوا ۾ لهرائي رهيا هيا.

”انقلاب هُتي آهي“ هن اوچتو آواز ٻڌو. گهوڙي جي رفتار ڍري ڪئي ۽ ڪنائڻ لڳو. “انقلاب جي منزل سامهون آهي، سياست جي بازار ۾ داخل ٿي ۽ توکي اهو هر دوڪان تي دستياب ٿي ويندو اتي وڃ سياست جي بازار ۾ ماڻهن جي وڏي اڃ وڃ آهي، تون منزل کي ويجهو آهين“.

هو اڳتي وڌيو هڪ اهڙي منزل طرف جِتي سياست جي بازار هئي ۽ هر دوڪان تي ماڻهن جو هجوم هيو. هو بہ گهوڙي کي بازار ٻاهران ٻڌي، هلندو هر دوڪان جو جائزو وٺندو اڳتي وڌيو. هن ڏٺو هر دوڪان انساني کوپڙين ۽ جسم جي ٻين حصن جي هڏن سان ڀريو پيو هيو. اتي تير هيا تلوارون هيون، بارودن جا انبارَ هيا، گوليون هيون ۽ بندوقون جن جي سوراخَ مان بدبودار دونهون اٿين نڪري رهيو هيو جيئن تڏ ۾ ڳالهائيندڙ ماڻهوءَ جي واتَ مان ٻاڦَ نڪرندي آهي. اتي بازار جي رستن تي رت جي چيڪڙ هئي جنهن کان هن جا پيرَ ترڪيا پئي ويا. سڙيل گوشت جي بدبوءِ هئي جنهن کان هن جو ساهُ مُنجهي رهيو هيو. سڄي بازار دونهي سان ڀريل هئي ۽ ڪجهہ دوڪانن اندر چمڪندڙ ڪپڙا ۽ تاج پائي ويٺل شخص انساني هڏين جي باهہ ٻاري هٿ سيڪي رهيا هيا. هڪ سردي هئي، ڪوهيڙو هيو ۽ ڏڪٽي هئي. ٻاهيون ٻري رهيون هيون ۽ انسان ڪارا ويسَ ڪيون پريشان حاليءَ ۾ دوڪانن اندر ڏسي ڪجهہ ڳولهي رهيا هيا. وڏا شاندار دوڪانَ هيا. هر دوڪان هڪ محلات هيو. ان دوڪان جو مالڪ هڪ وڏي رعبَ ۽ تابَ وارو شخص هيو جنهن جي منهنَ تي اعتماد جون ريکائون هيون ۽ هو وڏي شانَ ۽ لاپرواهيءَ مان ايندڙ ويندڙ گراهڪ ڏانهن ڏسي رهيو هيو. هن ڏٺو اتي فرعونن جا دوڪان هيا. نمرود هڪ دوڪان جي تختَ نما ڪرسيءَ تي جلوا افروز هيو. هن بازار ۾ يوسف کي وڪامندي ڏٺو. موسيٰ

کي لٽ سهاري پريشان گهمندي ڏٺو ۽ جڏهن اڳتي وڌيو تہ هن کي عيسيٰ نظر آيو جيڪو هڪ صليبَ کي ڪلهن تي کڻي چنگهندو سياست جا چهبڪ سهندوپاٽيءَ لاءِ واجهائي رهيو هيو.

بازار کي ڏسي هن کي پريشاني وٺي وئي، سردي هوندي بہ پگهر جون بوندون هن جي نرڙ تي نڪرڻ جيتن جيان سرڪڻ لڳيون. هو اڳتي هليو ۽ پٽر جي ڊگهن ٿنڀن واري دوڪان کي ڏٺو. هن اتي سيزر جي ويٺل پارلياميٽ ۾ سينيٽ کي ڏٺو. هن ڳاڙهي خنجر وارو بروٽس ڏٺو ۽ پورن گلابي ڳٽن واري نير وهائيندڙ ڪلوپيٽرا ڏٺي. هن اتي هڪ دوڪان ۾ ڪاٺ جو گهوڙو ڏٺو ترائي جي سردارن کي شراب پي هيلن تي تبصرا ڪندي ٻڌو. هن هڪ ڪِتابن جو دوڪان ڏٺو۽ اتي ويٺل افلاطون ۽ ميڪاوليءَ کي ڏٺو. زرهہ پائي ويٺل چنگيز ڏٺو. انساني کوپڙين مان ٺهيل دوڪان ۾ هلاڪو ڏٺو. هن ميسولينيءَ جو دوڪان ڏٺو. هٽلر جو دوڪان ڏٺو۽ هڪ دوڪان اندر اجتماعي قبرون کوٽي لاش وڪڻندڙ اسٽالن ڏٺو.

هن جو دماغ چڪرائجڻ لڳو ۽ هوتيز ڪاٺڻ لڳو. "وٺ ...... انقلاب جي بازار مان ڪجهہ تہ وٺ" هن جي اندر مان آواز آيو" بازار تڏ هوندي بہ ڪيڏي نہ گرم آهي، ڇا ان جي رونق آهي. هجوم آهي..... سِرَ جو سودو آهي. تلوارَ ڪيڏي پاڻ کي ماري ڇڏ، انساني وجود جي ڪهڙي حيثيت آهي. ڌرتيءَ تي گهمندڙ ڪِول خوشنصيب آهي انسان کان خطرناڪ جانور ڌرتيءَ تي ٻيو ڪو بہ نہ آهي."

هن جو اندر ڦاٽڻ لڳو ۽ بازار جي ماڻهن وچ ۾ تيز ڪائيندو انهن جي ڪلهن تي هٿ رکندو تيزيءَ سان وٺي ٻاهر پڳو. هن دونهي، باهہ ۽ رت جي چيڪڙ مان نڪري هڪ ڊگهو ساهہ کنيو ۽ پوءِ گهوڙي وٽ پهچي ان جي ڳچيءَ ۾ ٻانهون وجهي خوب رنو. گهوڙي هٽڪار ڪري هن کي دلداري ڏني ۽ هو مايوس ٿي ڳوڙها اگهي هڪ دفعو وري گهوڙي جي پٺ تي سوار ٿي نئين منزل طرف روانو ٿيو.

هو هڪ دفعو وري نئين وادين مان ٿيندو وڏي حوصلي ۽ همت سان اڳتي وڌندو پئي ويو.

"انقلاب..... انقلاب" هر طرف آواز اڀري رهيا هيا. هن جي دل ۾ نئون جوش ۽ ولولو هيو. هن جي چپن تي اميد جي هلڪي مرڪ هئي. هن جي گهوڙي جي ٽاپن ۾ نئون آواز هيو هڪ ٻيو ردم هيو. "هو ڳائڻ لڳو "انقلاب..... انقلاب....... منزلون....." هو اڳتي هلندو رهيو. سرسبز چراگاهن مان گهوڙي جي سنبن سان وهندڙ پاڻيءَ ۾ پيدا ٿيندڙ ٿڌن چانڊارن جو مزو وٺندو. هو ريگستان ۾ ميداني زمين مٿان پچندو، ڳولهيندو رهيو.

"انقلاب..... انقلاب..... ڪٿي آهن منزلون، ڪٿي آهن ڇوٽڪارا، ڪٿي آهن راحتون، منزلون....."

جڏهن هو ڊگهن مينارن واري شهر کي ويجهو ٿيو تہ هن کي پري کان هڪ شخص تيز آواز ۾ ڳالهائيندي نظر آيو. هو ان کي ويجهو ٿيو تہ ان جوش مان هن کي آڱر سان اشارو ڏئي ٻڌايو تہ "انقلاب

هُتي آهي..... سامهون ڏگهن مينارن واري شهر اندر....... مذهب جي بازار ۾. هلو اوڏانهن هلو منزل اُتي آهي..... انقلاب اُتي آهي"

اهو چئي رهيو هيو ۽ هن گهوڙي کي ڪڙي هٽي اوڏانهن پڄايو. گهوڙو سهڪندو اچي مذهب جي بازار ٻاهران بيٺو ۽ هو ٽپو ڏئي هيٺ لٿو.

هن پاسي سان گهوڙي کي ٻڌي هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. هو بازار ۾ داخل ٿيو ته پير پائڻ جي جاءِ نه هئي. انسان انسان ۾ ڦاٿو پيو هو. هرڪو اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ۾ ٻئي جي ڪلهن کي چِڪي رهيو هيو. بازار ۾ ڪنهن کي سائي رنگ جو پٽڪو پاتل هيو ته ڪنهن کي ڪاري رنگ جو. ڪنهن جي پڳ اڇي رنگ جي هئي ته ڪنهن جي گيڙوءَ رنگي. اتي ڊگهيءَ ڏاڙهيءَ وارا به هيا ته وارن کان پاڪ به. ننڍڙين ڏاڙهين ۽ اڇين ٽوپين وارا به ته عماما پاتل ڊگهن ٽوپن وارا به. ڪن جي هٿن ۾ صليب هيا ته ڪن جي هٿن ۾ پهرڻ‌ءَ جا چنڊ چمڪي رهيا هيا. ڪن وٽ ڪنول جا گل هيا ته ڪي زيتون جي ڏانڊي هٿن ۾ جهليو بيٺا هيا. بازار ۾ وڏو گوڙ هيو. هر دوڪاندار زور سان رڙيون ڪري ڳالهائي رهيو هيو. پنهنجيءَ سچائيءَ ۽ عظمت جا ثبوت پيش ڪري رهيو هيو. برهمڻ شودرن کي ڪنن ۾ شيهي جي ڪِلي هٽي دوڪان ٻاهران ٽنگي ڇڏيو هيو. زرتشت باهه اڳيان بيهي ان کان معافي وٺي ڊڄندڙ پيلي منهن سان هٿ ٻڌيو بيٺا هيا. مهاتما ٻڌ هڪ دڪان ۾ اکيون بند ڪيون ڪنن ۾ ڪپهه وجهي ويٺو هيو. خوبصورت عورتون ناچ ڪري هن اڳيان اچي وري خوف ۾ پري ٿي پڄي ويون. اڏ اگهاڙو عيسيٰ ڪنڊن جو تاج پائي پنهنجو ٻيو ڳٽو به چماٽ لاءِ پيش ڪري رهيو هيو. اتي محمد ﷺ هيو جنهن جي ڇِتي رت سان پريل هئي ۽ ڏند شهيد ٿي چڪو هيو. اتي يزيد جو دڪان هيو ۽ ڪربلا جي ميدانَ ۾ امامن جا پيل لاوارث لاش هُيا. شهادتن جا سلسلا هيا. معصوم مفڪرن جا زهر پيتل ڦتڪندڙ جسم هيا. اتي الحمرا هيو ۽ شراب جي حوضن ۾ وهنجندڙ خوبصورت جسم هيا. صليبن جي دوڪانَ ۾ جنگين جو هڪ سلسلو هيو.

هر طرف آهون هيون. رت جا دٻا ۽ اڏ ڪٽيل انساني ڦتڪندڙ جسم هيا. پڄندڙ گهوڙن جي قدمن ۾ دربدر ٿيندڙ لاوارث انساني سِر هيا. هڪ جوش هيو. ولولو هيو. آهون هيون ۽ رڙيون هيون اتي هڪ دڪانَ ۾ ڊگهين ڏاڙهين وارا ارسطوءَ کي زهر جو پيالو پيش ڪري رهيا هيا. اتي پاپائيت پنهنجي دوڪان جي بنيادن کي نئين نظرين جي زلزلن کان بچائڻ ۾ مشغول هئي. اتي هڪ دوڪان ۾ پوڙهو گيليليو پادرين اڳيان معافي نامي تي صحيح ڪري رهيو هيو. اتي ابن عربي هر شيءِ کي ڏسي خُدا خُدا ڪري وحدت الوجود اندر ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو اتي ابن رشد جا ڪپڙا ليڙون ليڙون هيا. ڪي خدا چئي رهيا هيا ته ڪي خود بخود. ڪي نابودي معدوم ته ڪي نمودي بود ڪي

معرفت ۽ شناخت تي تبصرا ڪري رهيا هيا تہ ڪي نسبت ۽ هست تي. اتي وري ڪجھ صفات ۽ ذات جي چڪر ۾ وڙهي رهيا هيا.

ڪٿي مذهب جا مذهب تي حملا هيا تہ ڪي فرقي جي فرق ۾ قاتل هيا. هڪ دوڪان ۾ صوفي سرمد جي لاش کي وهنجاري رهيا هيا تہ ٻئي ۾ دارا شڪوھ کي ڦاسيءَ تي چاڙهڻ جون تياريون ٿي رهيون هيون ۽ منصور پنهنجي واري جو انتظار ڪري رهيو هيو. هڪ دڪان ۾ ڏرتيءَ جي گولي تي لڪيرون ڪڍي انسانن کي مذهب جي بنياد تي ورهايو پئي ويو.

اتي نفرتون هيون. انسانن جو قتل عام هيو. ويڇا هيا. هڪ ٻئي تي حملا هيا. جنت جي حاصلات ۾ دوزخ بنجندڙ ڌرتي هئي. اتي هڪ بي چيني هئي ۽ بيزاريءَ ڪي پريل بازار ۾ لڪڻ لاءِ ڪا بہ جاءِ نہ هئي. اتي عجيب ۽ غريب فڪر هيو. تلوار سان وار ڪندڙ بہ خدا جو نعرو هڻي رهيو هيو تہ مرندڙ بہ ساھ ڏيڻ کان اڳ خدا کي ياد ڪري رهيو هيو.

هو مذهب جي بازار ۾ حيران ۽ پريشان گهمندو رهيو. هن کي اتي پنهنجي منزل نظر نہ آئي، هو مايوس ٿي ويو. هو جنهن بہ دوڪان اڳيان تي لنگهيو تہ اتان آواز تي آيو: ”خدا مان وٽ آهي.“

”اصل خدا منهنجي دوڪان ۾ موجود آهي.“

”مان وٽ اچ مان توکي خدا رعايتي اگھ تي ڏيندس.“

”مان وٽ خدا مفت مهيا آهي.“

”مان وٽ خدا سان گڏ تلوار جو تحفو بہ آهي.“

هو جنهن دوڪان اڳيان ٿي لنگهيو اتان خدا وند باري تعاليٰ جي شانَ ۾ غلط آواز ٿي آيا.

هو واپس موٽيو ۽ ماڻهن جي رش کي چيريندو نفرتن، ويڇن قتل ۽ جنگ جي بازارَ مان ٻاهر نڪري آيو. هن ٻاهر نڪري هڪ دردناڪ آھ ڀري اکيون کڻي آسمان ڏي نهاريو. هن جون اکيون ڳوڙهن سان ڀرجي آيون. هو مايوسيءَ مان روئڻ لڳو. هن گهوڙي جي واڳَ ڇوڙي ان جي منهن تي پيارَ مان هٿ ڦيري پنهنجي اکين جا ڳوڙها اگهيا ۽ پوءِ هو هڪ دفعو وري ان جي پٺ تي ٽپو ڏئي چڙهيو ۽ ان کي هڪليندو نئين منزل جي ڳولها ۾ اڳتي وڌيو.

هو گهوڙي کي کڙيون هڻندون هڪليندو هڪ دفعو وري وادين۾ طوفان جيان اڏامندو پئي ويو. لڳندڙ تيز ۽ تازي هوا هن جي مايوس اکين جا ڳوڙها سڪائي هڪ دفعو وري هن جي منهن تي اُميد جي مرڪَ ڦهلائي. هو پر اُميد هيو. هن کي منزل ضرور ملندي، هو حقيقت کي ضرور ويجهو ٿيندو هو سچ کي ڳولهي ڇوٽڪاري جو انعام ضرور حاصل ڪندو.

جڏهن هن کي گهوڙي تي گهمندي ڪافي ڏينهن ٿي ويا ۽ هو اجان به پري نڪري ويو ته هو روشنين جي دنيا ۾ پهچي ويو. هن ڏٺو اتي پري کان روشنيون هڪ ٻئي پويان ڊوڙون پائي رهيون هيون. اتي نور ئي نور هيو. ڌرتي رات ۾ تارن جيان چمڪي رهي هئي ۽ هو جيئن انهن روشنين کي ويجهو ٿيو ته ڪنهن ان کي ٻڌايو "انقلاب اچي چڪو آهي هو ڏس انقلاب جون چمڪندڙ روشنيون، تيز رفتاريون، ويجهڙائيون."

"پر اهو ڪٿي آهي؟" هن سوال ڪيو.

"سامهون سائنس جي بازار ۾" ڪنهن هن کي ٻڌايو "انقلاب سائنس جي بازار ۾ موجود آهي. وڃ اتي توکي حقيقت ملندي. حقيقت جيڪا ثبوتن سان آهي، جيڪا سچ آهي."

هو بيقراريءَ ۽ خوشيءَ مان گهوڙو ڊوڙائيندو سائنس جي بازار ٻاهران اچي پهتو. هن گهوڙو ٻڌي اندر نهاريو. لوهه جي ٺهيل بازار هئي ۽ ٽامي جي سنهين تارن جا ٺهيل دوڪان هيا. ماڻهن جي پيهه ۾ هو بازار اندر وڃي دوڪانن جو جائزو وٺڻ لڳو. هن کي هڪ عجيب نفسا نفسي ڏسڻ ۾ آئي. هجوم ۾ هڪ وڏي بي چيني ۽ پيچ پيچان هئي. هرڪو ماڻهو ٿڪيل ۽ پيلي چهري وارو هيو. هرڪو ڄڻ ذهني مريض ۽ چريو هيو. سائنس جي بازار ۾ هن کي وفا ۽ پيار ڪٿي به نظر نه آيو. جيڪو جِتي هيو اتي ڪجهه نه ڪجهه ساڙي رهيو هيو. ڪجهه نه ڪجهه وڍي رهيو هيو. اتي گرم هوا ۽ دونهون هن جي جسم ۽ اکين سان پئي ٽڪرايو اتي زوڪٽ هيا ۽ ڌرتي ڌماڪن سان ڏڪي رهي هئي. اتي تيز آواز هيا ۽ هرڪو الڳ ٿلڳ هڪ ٻئي کان پري پنهنجي منهن ڳالهائي رهيو هو. ان بازار ۾ دڪان باهه سان پريا پيا هيا. اتي باهه وڪامي رهي هئي. اتي تباهيءَ جي تارازيءَ ۾ موت جو ملهه ٿي رهيو هيو. اتي ڪجهه دوڪانن تي بيماريون وڪرو ٿي رهيون هيون. اتي دل جون بيماريون ملي رهيون هيون. نفسياتي بيماريون ملي رهيون هيون.

هن اتي هڪ دوڪان ۾ آئنسٽائن کي ڏٺو جيڪو ڪنن ۾ آڱريون وجهي ڌماڪي جو انتظار ڪري رهيو هيو. اتي نيوٽن حيرت مان هر هر صوف جيان ڌرتيءَ تي ٿي ڪريو ۽ اسٽيفن جي ڪنن مان ٻاڦ سيٽون وڄائي تيزيءَ سان نڪري رهي هئي. اتي گراهم بيل گهنٽيءَ جي آوازَ تي ننڊَ مان هر هر ڇرڪ پري تي جاڳيو. هڪ دوڪان ۾ ايڊيسن جنهن جون اکيون اوجاڳي کان ڳاڙهيون هيون، اهو تيز روشنيءَ ۾ انڌن جيان ٿاڦوڙا هڻي ڪجهه ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. اتي ليونارڊو ڊاونچي وڏا ڪنيَ ٻڌي چرين جيان ڊڪون پري رهيو هيو. سندس دوڪان ۾ لڳل مونا ليزا جي تصويرَ هن جي حرڪتن تي مرڪي رهي هئي.

ان بازار ۾ بارود جي ڏپ هئي، عظيم جنگيون هيون. ڌماڪا هيا ۽ مظلوم ماڻهن جون آهون هيون. لاشن جا انبارَ هيا. جسمن جا ٽڪرا هيا. گدلاڻ هئي. ماحول جو توازن ڏاوان ڏول هيو. اتي ڪينسر هئي ۽ تمباڪو جي دونهي ۾ بي حيائي اگهاڙي جسم سان رقص ۾ مگن هئي. اتي نہ رشتا هيا نہ دوست. شاعرن جون قبرون انهن جي ڍهندڙ مزارن ۾ دفن ٿي چڪيون هيون ۽ محبوبا جي جسم تي ايڊز جا نانگ ويڙهيل هيا. هرڪو شراب پي موت سان شطرنج کيڏي رهيو هيو ۽ سڙيل انساني گوشت تي پنهنجي بک پالي رهيو هيو.

بازار ۾ گهمندي هن سوچيو هيءُ ڪهڙو انقلاب آهي. هيءَ ڪهڙي منزل آهي. ڇا تباهي انقلاب آهي؟ يا انقلاب تباهي! انقلاب ڪٿي آهي؟ ڇا اهو آهي؟ هو ڇرين جيان هيڏين ڇهرن وچ ۾ پنهنجن وارن ۾ هٿ وجهي گهمندو رهيو. هيءَ ڪهڙي بازار آهي. هتي موت آهي ۽ زندگي ننڊڙي آهي. هر انسان زندگي ائين گذاري رهيو آهي جيئن هن کي پڪ هجي تہ سڀاڻي نہ ٿيندي، هو ڇريو ٿي چڪو هيو هر هر پاڻ سان ڳالهائي ڏرتيءَ تي لت هڻي ٽڪون اڇلي رهيو هيو. هو ڳاڙهين اکين سان بازار مان ٻاهر نڪتو. هن جي نڪ مان پاڻي وهي رهيو هيو. هن جوش ۾ نڪ سان ٻانهن کي رڳڙي پاڻي صاف ڪيو ۽ ٻاهر اچي هڪدم گهوڙي جي واڳن کي ڇوڙي ان جي پنيءَ تي ويهي ڊوڙائيندو پري تازي هوا ۾ نڪري ويو.

هاڻي هو بلڪل مايوس ٿي چڪو هيو. هن سوچيو متان ڪٿي هو منزل تي پهچي وڃي. هن جي محنت ۽ جستجو متان ڪٿي حق جو ظهور ٻسي وڃي، متان اها ڪا اهڙي جاءِ هجي جتي هو نہ پهتو هجي، ٿي سگهي ٿو منزل هن جي انتظارَ ۾ هجي. هو سوچيندو گهوڙي کي ڀڄائيندو ويو. هن جي سوچن هن ۾ هڪ نئون جذبو بيدار ڪيو. هڪ نئين سگهہَ عَطا ڪئي ۽ هو وري ڳائڻ لڳو.

”انقلاب...... انقلاب.......“ ۽ هن جي گهوڙي جي سنبن مان ڌمال جو آواز اچڻ لڳو. هو وادين، چراگاهن، ريگستانن ۽ ڪوهستانن ۾ ڇڙواڳ واڇوڙن جيان ڦيريون پائي انقلاب جا نعرا هڻندو منزل جي ڳولها ۾ ڊوڙندو رهيو.

هڪ ڏينهن ڪنهن ريگستان ۾ مٽي ۽ ڏاڙهيءَ جي وچڙيل وارن وارو شخص هن کي پاڻ ڏانهن سڏيندي مليو. جڏهن هو ان جي ويجهو ويو تہ ان ميرن ۽ ڦاٽل ڪپڙن واري شخص هن کي اوپر طرف اشارو ڪندي چيو ”انقلاب هتي آهي.... سامهون دانشورن جي شهر ۾ فلسفي جي بازار اندر اتي ڏاهن جي دوڪانن تي اهو دستياب آهي.... تون اتي وڃ ۽ پنهنجي ذهن جي پورهئي سان جيترو چاهي اهو خريد ڪر...... اتي ئي منزل آهي، اتي ئي حقيقت آهي.“

هن پوڙهي کان ٻڌو ۽ پوءِ وري خوشيءَ مان گهوڙي کي ڊوڙائيندو اوڏانهن روانو ٿيو. هڪ دفعو وري اُميد ۽ آس هن جي دل جي گهرائين مان نڪري هن جي اکين ۾ چمڪڻ لڳي ۽ هو ڏاڍو خوش ٿيو. هو

گهوڙي کي هڪليندو اڳي اتي فلسفي جي بازار ٻاهران بيٺو ۽ گهوڙي کي ٻڌي بازار ۾ داخل ٿيو. هن ڏٺو ان بازار ۾ چار شاهي دوڪان هيا ۽ هر دوڪان ڪنهن بازار کان گهٽ نہ هيو. بازار ۾ ماڻهن جي پيهہ هئي. هرڪو پيرين اگهاڙو ميرا ڦاٽل ڊگها ڪپڙا پائي وارن ۾ ڪک وجهي منجهيل ڏاڙهي ۽ گهنجيل چهري سان چپ ڪن خيالن ۾ گم هيو. هرڪو ڪِتاب کي سيني سان لائي هيڏانهن هوڏانهن پئي گهميو. ماڻهو منجهيل ۽ مظلوم پئي نظر آيا. دوڪان تي ويٺل شخص نرڙن ۾ گهنج وجهي ڪجهہ پئي رهيا هيا ۽ ٻڌندڙ ڪجهہ بہ نہ سمجهندي انهن کي شڪ جي نگاهہ سان ڏسي رهيا هيا. دوڪانن تي موجود چئن ئي دڪانن جا مالڪ هڪ ٻئي تي تنقيد ڪري پاڻ کي سچو ۽ ٻئي کي ڪوڙو ثابت ڪري رهيا هيا. هو هر هر جذباتي ٿي هڪ ٻئي جي ڏارهين ۾ هٿ وجهي رهيا هيا. هو پنهنجا نظريا ڪاغذ جي گلن جيان بازار ۾ موجود ماڻهن مٿان اڇلي رهيا هيا.

اتي هڪ دوڪان ۾ ارسطو ۽ ڊيڪارٽ رڙيون ڪري ٻڌائي رهيا هيا تہ ”روح ۽ خدا پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ موجود آهن. ۽ مادو هڪ حقيقت آهي.“

ٻئي دوڪان تي افلاطون، برڪلي ۽ برگسان هن جي دعويٰ کي رد ڪندي مادي جي وجودَ جو انڪار ڪري رهيا هيا. اهي چئي رهيا هيا تہ ”دنيا ۾ مادي جو ڪو بہ وجود نہ آهي جيڪي آهي اهو خدا جي صفتن جو ظهور آهي. هر شيءِ خدا جو جلوو آهي صرف روح آهي.“

ٽئين دوڪانَ تي حڪيم ڊيمقراطيس انڊي فلاسافر لمارڪ جي ڪلهي تي هٿ رکي الفرڊ والس ۽ نوجوان ڊارون سان گڏ ويٺو هيو. نوجوان ڊارون هر هر مادي جي وجود ۽ ان جي ارتقائي منزلن بابت دليلن سان ڳالهائي رهيو هيو. ”صرف مادو ئي آهي جيڪو ڌرتيءَ تي جيئري رهڻ جي جدوجهد ۾ ماحول مطابق پاڻ ۾ تبديليون آڻي موجود رهي ٿو. ڌرتيءَ تي مادو ئي آهي جيڪو حقيقت آهي. ان کان سواءِ سڀ ڪوڙ ۽ وهم آهي.“

چوٿين دوڪان تي هيوم، اسپنسر ۽ هسڪلي منجهيل آواز ۾ ڳالهائي رهيا هيا. هو سيني کي جاهل ۽ بيوقوف چئي روح ۽ مادي ٻنهي جي مخالفت ڪري رهيا هيا. اهي چئي رهيا هيا تہ: ”جيڪي شيون انساني عقل کان ٻاهر آهن انهن تي سوچڻ وقت جو زيان آهي.“

فلسفي جي خاموش ۽ پرسڪون بازار ۾ اندر ئي اندر هڪ وڏو شور ۽ مونجهارو بي چينيءَ مان پيچري ۾ ڦاٿل پکيءَ جيان پَرَ هڻي ڦڙ ڦڙ ڪري رهيو هيو. اها اختلافن ۽ تنقيدن جي بازار هئي. اها معزز ماڻهن جي بداخلاقيءَ سان ڀرپور بازار هئي. اتي ڏاهپ پويان مونجهارو لڪيل هيو. اتي عقل پويان اختلافن جا انبار هيا. اتي مسئلن جي حل بجاءِ نوان مسئلا هيا. اتي سچ ۽ ڪوڙ ائين مليل هيا جيئن جسم ۽ روحَ. اتي جهالت ۽ حقيقت ۾ ڪو بہ فرق نہ هيو. اتي سچ ڪوڙ هيو ۽ ڪوڙ سچ هيو. اتي

ڪجهہ بہ نہ هيو. اتي ذهنن ۾ مونجهاري جي اڏرندڙ ڏوڙ هئي. چرپائپ هئي، هو بازار ۾ گهمندو رهيو ۽ عجب مان ڏسندو ۽ حيرت مان پڙندو رهيو. هن سوچيو هيءَ ڪهڙي سچائيءَ جي بازار آهي جنهن ۾ چار ڪاروباري موجود آهن ۽ سچ جي سودي تي ڪو بہ ٻئي سان متفق نہ آهي. اها ڪهڙي سچائي آهي جيڪا چئن مان ٽن وٽ ڪوڙ آهي. اها ڪهڙي منزل آهي، جنهن جي پڄاڻيءَ ۾ انجام ڪي ڪو بہ مڃڻ لاءِ تيار نہ آهي. هن سوچيو هيءَ منزل نہ آهي، انقلاب نہ آهي.

"اي انقلاب جي منزل تون ڪٿي آهين!؟". هو چرين جيان پاڻ سان ڳالهائڻ لڳو. هو فلسفي جي پراڻي ۽ ميرانجهيل بازار مان پوئتي وريو. هن پويان آواز هڻن جو روپ ڌاري هن ڪي ٻانهن ڪان وٺي پوئتي ڌڪڻ لڳا، پر هو نہ رڪيو ۽ مايوس ٿي ٻاهر نڪري آيو. هاڻي هو روئي نہ رهيو هيو. هن وٽ روئڻ لاءِ ڪجهہ بہ نہ بچيو هيو. وقت جي گرم جهولي هن جا نيرَ سُڪائي ڇڏيا هيا. هو دلگير هيو ۽ هن جي چيلهہ چٻي ٿي چڪي هئي، جڻ جواني ۽ سگهہ هن کان موڪلائي وئي هئي. هو ڊرڪندو آهستي هلندو گهوڙي وٽ آيو ۽ ان ڪي چوڙي وري ان جي پنيءَ تي وڃي ويٺو. گهوڙو جيڪو ڏاڍو ٿڪجي پيو هيو ان هڻڪار ڪري ٿورو احتجاج ڪيو ۽ ڪنڌ ڌوڻي پري ڪيو. هو سمجهي ويو تہ هاڻي هيءُ بہ ساٿ ڏيڻ کان لنوائي رهيو آهي هن ڪي ڪاوڙ وٺي وئي پُرَ ڪري ڪڙيءَ ڪي زور سان هن جي ڪُک ۾ وهائي ڪڍيائين ۽ واڳون ڇڪي هن ڪي تيز هلڻ تي مجبور ڪيائين. گهوڙو هڪ دفعو وري وٺي ڊوڙيو ۽ اڏامندو هڻڪار ڪندو پچندو پئي ويو. هن پنهنجيون ڪڙيون هر هر تيز هلڻ لاءِ گهوڙي جي ڪک ۾ ٿي هنيون ۽ گهوڙو دردَ کان وٺي تي تيز ڀڄو.

"انقلاب...... انقلاب" هو مايوسيءَ مان وري ڳائڻ لڳو...... "منزلون منزلون" هو چوندو ويو ۽ گهوڙو پٿرائين زمين تي تيز ڀڄندو ٿي ويو. اوچتو هڪ وڏي پٿر جي سامهون اچڻ سان جيئن ئي ٽپو ڪائي ان ڪي پار ڪرڻ جي ڪوشش ڪيائين تہ ان جا پيرَ وڃي پٿر سان ٽڪرايا ۽ ڪلتي ڪائي وڃي ٻوٿَ ڀر هيٺ ڪريو. هن ٻُل ڪائي پري ڪري وڃي پنهنجي جان بچائي ۽ جڏهن اٿي منڊڪائيندو گهوڙي جي مٿان آيو تہ هن ڏٺو گهوڙو مري چڪو هيو. هن جو جسم ٿڌو ٿي رهيو هيو ۽ نڪ مان رت پنهنجن سنبن سان ڊوڙندو ٻاهر نڪري رهيو هيو. هن ڪي پنهنجي وفادار دوست جو ڏاڍو ڏک ٿيو. هو صدمي مان اکيون بند ڪري اٿيو ۽ هن مٿي ڪنڌ ڪري اکيون کولي آسمانَ ڏانهن ڏٺو. آسمان جي نيري سمنڊَ ۾ درد جي ڪاراڻ ڪاهي پئي. سج غروب ٿي رهيو هيو ۽ هن ڏٺو اتي پناهہ لاءِ ڪا بہ جاءِ نہ هئي. ڪا بہ بازار نہ هئي. ڪا بہ منزل نہ هئي انقلاب گهوڙي جي صورت ۾ دم ٽوڙي چڪو هيو ۽ هو خوف کان وٺي ڀڳو.

هو جڏهن جهالت جي جهنگ ۾ پهتو ته هن کي مايوسيءَ جا نانگ سوچن جيئن سرندي نظر آيا. هو پناهه گاهه جي ڳولها ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڀوڙندو رهيو. هن ڪيترا دفعا چرڪ پري پريان آپگهات جا بگهڙ ڏٺا. اتي خوفَ جا چمڙا اڏامي رهيا هيا ۽ وسوسن جا چبرا چپ هنيو گول اکين سان هن ڏانهن نهاري رهيا هيا. موت جو چيتو هن پويان وڏي هوشياريءَ سان اچي رهيو هيو ۽ هو خوف ۽ مايوسيءَ مان رُئندو رڙيون ڪندو ڀڄندو رهيو. هن جي دل چيو ته هو پاڻ کي بگهڙن حوالي ڪري زندگيءَ جي قيدَ مان آزادي ماڻي – پر هو ڀڄندو رهيو هن جا پير ڦاٽي پيا ۽ ڪپڙا ليڙون ليڙون ٿي ويا. بک ۽ دردَ ڪان اکيون ڏرا ڏئي ويون. ٿڪاوٽ ڪان هن جو انگ انگ ڏکيو ٿي. هو جڏهن زخمن ۽ بک کان نستو ٿي ڪرڻ وارو هيو ته ڪيس پري ڪا هيڏي روشني ڏيئي جيان ٽم ٽم ڪندي نظر آئي. هو پناهه لاءِ اوڏانهن وڌيو ۽ پوءِ جڏهن هو اتي پهتو ته هن ڏٺو ته اتي هڪ ننڍڙو گهر هيو جنهن جي روشندانَ مان اها چٽنگَ دکندي نظر اچي رهي هئي. هن اڳتي وڌي دروازو کوليو ۽ پوءِ هيسيل ۽ التجا ڀريل نظرن سان هيڏانهن هوڏانهن نهاريو. هن کي باهه جي شعلن تي ڪو شخص هيٺ ڪنڌ ڪيو هٿ سيڪيندي نظر آيو. هو جڏهن اندر گهري وڌيو ته ان شخص ڪنڌ مٿي ڪري شانت ۽ پر سڪون نظرن سان هن ڏانهن نهاريو. هو اتي جو اتي پٿر جي بت جيان بيهي رهيو ۽ حيرت هن جي خوف ۽ ٿڪاوٽَ تي ڇانئجي وئي. هن ڏٺو ۽ پوءِ غير يقينيءَ مان چپن ۾ ڀڳالهائڻ لڳو. ”تون...... منهنجا پاءُ تون!“ هن چيو.

باهه تي ويٺل پر سڪون شخص جي اکين مان پيار جا ڳوڙها وهي آيا. هو اٿيو ۽ وچي هن کي چنبڙيو. ”منهنجا پاءُ“ هن چيو ۽ پوءِ هن کي پاڪر پائي سهارو ڏئي آٽي باهه جي پرسان هيٺ وڇايل بستري تي ليٽايو. هو حيرت مان پنهنجي اپاهج پاءُ کي ڏسندو رهيو. سوين سوال هن جي اکين مان ظاهر ٿي رهيا هيا. ”منهنجا اپاهج پاءُ تون هن منزل تي مون کان اڳ ڪيئن پهتين. مان ته ڪئي سالن جو سفر ڪرڻ ڪانپوءِ هن حال ۾ هتي پهتو آهيان. پر تون مونکان اڳ هتي پهچي وئين؟ منهنجا اپاهج معزور پاءُ! تون نه گهوڙو هلائي سگهين نه سوچي سگهين نه تو وٽ سگهه آهي نه سمجهه. تون هتي ڪيئن پهچي وئين؟ ڇا تون سياست جي منزل ڏٺي، مذهب جو انقلاب ڏٺو. سائنس جي بازار ڏٺي ۽ ڇا فلسفي جي وات کان واقف ٿئين؟ تون مونکان اڳ ڪيئن پهچڻ ۾ ڪامياب ٿئين؟ ڇا تون به مان جيان زخمي آهين؟ تون ڇا آپگهات جا بگهڙ ڏٺا. تون موت جي چيتي کي پنهنجي پويان ايندي محسوس ڪيو؟ ڇا تون مايوسين جا نانگ سرندي محسوس ڪيا. منهنجا اپاهج پاءُ تنهنجي جسم تي نه ئي گهاءَ آهن ۽ نه ئي ٿڪاوٽ تنهنجي ڳوڙهن ڀريل اکين ۾ ڪٿي لڙهندي نظر اچي رهي آهي. ٻڌاءِ تون مونکان اڳ هيءَ منزل ڪيئن ماڻيين؟“

هو چرين جيان ياءُ کي هر هر ياڪر پائي چوندو رهيو. هن جو ياءُ اکين مان ڳوڙها وئي گگ ڳاڙيندي هن کي وڏي ڏک ۾ افسوس مان ٻڌندو رهيو.

”ٻڌاءِ تون وقت کي مون کان اڳ ڪيئن شڪست ڏني. تون فاصلن کي ڪهڙيءَ حڪمت جي لٺ تي ويڙهي مونکان گوءِ کنئين؟“

هن جي اپاهج ياءُ چچريل لفظن ۾ هٻڪندي ڳالهايو ۽ مختصر جواب ڏيندي چيو ”منهنجا عقل مند ياءُ! مان ته اتي ئي آهيان جِتي تون ڇڏيو هُيو“. اهو ٻڌي درد کان هن جي دانهن نڪري وئي، هو صدمي کان اتي ئي باهه جي پرسان بستري تي ڪري پيو. اپاهج اٿيو ۽ گرم پاڻي ڪري هن جا زخم صاف ڪرڻ لڳو.

◈

روڊ

”واچون وڪڻندڙ وٽ،
ڪئي گهڙيال لڙڪيا پئي،
پر وقت ڪنهن ۾ به
صحيح نہ هيو.“

۽ روڊ وهيو پئي، ڪنهن سيلابي ريلي جيان، جنهن ۾ هزارين ڦيٿا لڙهندا پئي ويا.

روڊ جي هڪ پاسي هو بيٺل هيو سندس مضبوط آڱر ۾ هڪ نرم هٿ ائين ويڙهيل هيو جيئن آڱا جي آڱر کان الڳ ٿيندڙ آدم جو هٿ جهپڙ ڏئي واپس ان ۾ چنبڙي پيو هجي. روڊ جي ان پاسي قديم مسجد هئي ۽ ان پرسان قبرستان جنهن اندر اپريل قبرون جڻ ڪب ڪڍي سجدي ۾ ڪريل هيون. جنهن وقت روڊ تي تارا ڦاڙي ڪاريون گاڏيون رڙيون ڪندي ڊوڙي رهيون هيون تہ ڪوهيڙو ڪونہ هيو پر زهر هئي جيڪا دونهي جي دل اندر پريل هئي. هلڪو مينهن وسيو تہ روڊ تي سٽيي چيڪڙ چمڪندڙ اکين سان ظاهر ٿي پئي. هن کي اهو روڊ پار ڪرڻو هيو. هڪ ننڍڙو هٿ سندس آڱر ۾ سوگهو پئي ٿيندو ويو. روڊ جي ٻئي پاسي جِتي اسڪول هيو ۽ ان پريان دفتر هيا ۽ روزگار هيو.

”اي منهنجا ابهم“ هن هيٺ نهاري ان کي چيو ”روڊ گذري رهيو آهي ۽ اسان کي ٻئيءَ پار گذرڻو آهي. هن آڱر کان الڳ ٿي متان وهڪري ۾ وڃائجي نہ وڃي. هن وهڪري کي واجهاءِ، ڏس ۽ ڏاهپ ڏار!“

ابهم جي معصوم منهنَ تي پاڻيءَ جون بوندون ڪري رهيون هيون، هن هٿ هٽي هر هر اکين کي پئي اگهيو.

”پر مونکي ٻئي پاسي پهچڻو آهي.“ ٻار چيو ”اوڏانهن جت اسڪول آهي. سکيا آهي. پر وقت تمام محدود آهي. اي بابا مونکي پهچائڻ ۾ مدد ڪر“

هو ٻار کي وٺي اڳي وڌيو تہ ڪنهن گاڏيءَ سان ٽڪرجندي ٿوري وٿيءَ تان بچيو. پوءِ هو ڪاهي پيو. هن سان گڏ اهو روڊ پار ڪندي ڪيترائي هيا جيڪي هليا، ڪي وڌيا ۽ ڪي ٽڏي تي مئا. ڪي چيپاٽيا ۽ ڪن رستو ناهيو.“

اهو روڊ هيو جِتي هرڪو هلي رهيو هيو. ڪو ٽپي رهيو هيو ۽ ڪو ڪِري رهيو هيو. ڪنهن کي ٽپايو پئي ويو ۽ ڪو لاوارثن جيان وچ روڊ تي مونجهاري جو شڪار هيو.

هن ڏٺو ڪي نسل پرست روڊ تي چڙهندا آيا ۽ انهن وچ روڊ تي ڪنيپي ڪٽي ڪنهن کي ڪٺو. اتي رڙيون هيون ۽ وسندڙ هلڪين بوندن ۾ چيڪڙ جو رنگ ڳاڙهو هيو. اتي آنڌيون ۽ طوفانَ هيا. ڪنهن جو هٿ هٿ مان پئي ڇڏائجي ويو. هڪ روڄ هيو راڙو هيو. آهون هيون. سسڪيون گاڏين جي ٽپيل انجڻين مٿان وسندڙ پاڻيءَ ڪري پيدا ٿيندڙ آوازن جهڙيون هيون. پر ابهم جو هٿ آڱر ۾ قابو هيو. پوءِ انهن ڏٺو اهي سڀ گاڏيون انسانن ۾ تبديل ٿي ويون. انسانَ جيڪي اڃي رهيا هيا ۽ وڃي رهيا هيا. انسانن جو نظر جي حد تائين ڦهليل ڪارن ۽ اڇن مٿن وارو هجوم. انهن جي رفتارَ ڊوڙندڙ گاڏين کان بہ تيز هئي. ان افراتفريءَ ۾ هو پيرن هيٺان اچي پيپاتجڻ کان بچڻ لاءِ هيڏانهن هوڏانهن پاسا وٺڻ لڳا.

پريان سج آسمانَ ۾ تيزيءَ سان ايرڻ ۽ لهڻ لڳو. ڪڏهن رات ٿيڻ لڳي تہ ڪڏهن ڏينهن. ڪڏهن تارا چمڪڻ لڳا تہ ڪڏهن سج جي تيز اُس ۾ جسم رنا ۽ پگهر پيرن تي اچي پيو پر هڪ نازڪ هٿ سختيءَ سان هِڪَ آڱر کي جهلي اڳتي وڌندو رهيو. ”بابا ڇاهي وقت آهي جيڪو گذري رهيو آهي؟ يا ڪو خواب آهي جيڪو ڏسجي رهيو آهي؟ ٻار جو آواز گوڙ ۾ گونجيو. ”نہ ٻچا“ هن ٻار کي سمجهائيندي چيو ”نہ هيءُ وقت آهي نہ خواب. وقت ۽ خواب جي ڪا حقيقت نہ آهي. هن وايو منڊل ۾ وقت جو وجود آهي ئي ڪونہ. هو سج آهي. هو تارا آهن ۽ چنڊ آهي جيڪي سدا موجود آهن. هوءَ رات آهي هو ڏينهن آهي جيڪي آدجڳاد کان ائين ئي آهن جيئن موجود آهن. سڀ هڪ گهاٽو آهي، هڪ ورجهاءُ آهي. وقت نہ آهي بس تون آهين ۽ مان آهيان جيڪي گذرون ٿا.“ پوءِ روڊ تي انهن هڪ شاعر ڏٺو جيڪو افراتفريءَ ۾ رڙيون ڪندو روڊ پار ڪري رهيو هيو. ان هر هر پئي چيو.

”وقت جي رفتار کان

منهنجي رفتارَ تيز آهي.

وقت گذري ٿو.

۽ مان گذري وڃان ٿو“

هو چئي رهيو هيو ۽ اتي موجود هڪ ڇِلولن جو ٽولو هن کي چريو چئي پٿر هڻي رهيو هيو. هن جو رت هيٺ پئي ٽميو. هڪ ٻليءَ جي منهن وارو شخص اڳتي وڌيو ۽ ان شاعِرَ جي رَتُ چٽيندي چيو.

”بيشڪ مظلومن جو رت ڏاڍو مزيدار هوندو آهي.“

۽ اتي بيٺل گدڙ جي شڪل واري انسانَ چيو.

”ظالمن جو رت آڪ ٿُو“

هو ٻئي روڊ جي ٻئي پاسي اجان اڳتي وڌيا. ڪا ڪاري انجڻ واري وڏي گاڏي ڪنهن بدصورت ٿلهن چپن واري عورتَ جيان ڊڪندي هنن سان ٽڪرائجڻ ڪان بچندي پاسي ڪان ڇڻ پنهنجن هيڊن ڏندن سان ٺهڪَ ڏيندي نڪري هلي وئي. پريان ڪو پڳل گاڏيءَ ۾ ڊگهي نڪ وارو مسخرو هنن ڪي چڙائيندو لنگهي ويو. روڊ ٽپندي هو ڪليا پيا ۽ رنا پئي.

”ڏس هي جيڪي گذرن ٿا اهي ساڳيا آهن. جيڪي هر هر گذرن ٿا.“ هن ابهم ڪي چيو. ” سمنڊ جي هڪ بوند ان جي سيني خاصيتن جي ترجمان آهي. هي جيڪي بوند بوند ٿي وسي رهيون آهن اهي ساڳيون آهن جيڪي اڳ وسي چڪيون آهن“

هن حيرانيءَ مان هر شيءِ ڏانهن ڏسندڙ ابهم ڪي ٻانهَ سان گڏ تيزيءَ سان وڌندي چيڪڙ ۾ ترڪڻ ڪان بچائيندي سندس ڪلهي ۾ هٿ وڌو.

”خيال ڪر هٿ ڪِري جو ڪوئي نـ آهي. دنيا انسانَ جي پيرن تي بيٺل آهي. جنهن جا پيرَ ٽڪجن ٿا ان جي دنيا جو انت ٿئي ٿو. هر اک اندر الڳ دنيا آهي ۽ هر انسانُ پنهنجي دنيا ۾ رهي ٿو.“

ابهم جي اکين ۾ ڳوڙها نـ هيا شايد موسم جي نمي هئي.

”ڇا تون ۽ مان الڳ آهيون؟ ڇا منهنجو وجود تنهنجو وجود نـ آهي؟“ ٻارَ چيو.

”ها“ هن ابهم ڪي اڳتي وڌائيندي چيو ”تون منهنجي ورهاست آهين. تازو ۽ توانو وجود آهين. حياتيءَ جي بقا آهين. اسان جا وجودَ ورهائجن ٿا. هڪ ورهاست ٻاهرين آهي ۽ هِڪَ اندرين ـــ تون منهنجي ٻاهرين ۽ ظاهري ورهاست جو نمونو آهين. منهنجي اندرين ورهاست مونکي ٽوڙي ٿي ۽ جوڙي ٿي. منهنجي ان اندرين ٽوڙ ۽ جوڙ جي حد مقرر آهي. هر جاندار ٽٽڻ لئي وجود ۾ آيو آهي، هو هر هر ٽٽي ٿو. فطرت هن جي هر دفعي جوڙ ڪري ٿي پر فطرت هن لاءِ جٽادار نـ آهي. هڪ ڏينهن هو ٽٽي ٿو ۽ فنا جي حد ڪي پهچي ٿو.“

ٻار بي صبرو ٿي ويو ـــ روڊ جو ٻيو پاسو اجان پري هيو.

”ڇا روڊ جي هوءَ پار اسان جي هٿ ترين تي لڪيل نـ آهي.“

ٻارَ وري پڇيو: ”هي روڊ، هيءُ رڪاوٽون، هي حادثا، هي معزوريون. هي پريشان حال پڄندڙ زندگيون. هن ڏارا جي ڦيٿن هيٺان ڦتڪندڙ آدمي. ڇا هيءُ سڀ مقدر آهي؟ نصيب آهي؟“

هنن سان گڏ روڊ پار ڪندي ڪو پيلي منهن وارو شخص اوچتو وچ روڊَ تي ويهي ڏاڪڻ لڳو. ان جي واڇن وٽان رت پئي وهيو ڪا تيز گاڏي آئي ۽ ان سان ٽڪرائجي وئي، شخص ذرن ۾ تبديل ٿي ويو.

”انسان مٿيءَ مان نـ پر لڪيرن مان ٺهيل آهي ۽ انهن لڪيرن تي گوشت لڙڪي رهيو آهي“ هن ٻارَ ڪي جواب ڏيندي چيو ” جيڪي ڀوڳيون پيا. پايون پيا. وڃايون پيا. اهو سڀ انهن لڪيرن مٿان پريل

آهي جيڪي اتي موجود آهي ان کي ظهور آهي. گند آهي گار آهي. رنگ آهي خوشبوءِ آهي. اهو انهن لڪيرن ۾ آهي. دين آهي ايمان آهي. رب آهي رحمان آهي. اهو لڪيرن ۾ لڪيل آهي. هر جنم وٺندڙ جون لڪيرون جنم ڏيندڙ جي لڪيرن جا نا مڪمل حصا آهن. ڪي لڪيرون سڌيون آهن تہ ڪي آڏيون ترشيون. ڪي نہ سلجهندڙ ۽ منجهيل" روڊ تي ڇيڪڙ وڏي وئي ۽ هن جا پير ترڪيا پئي ٻار جا صاف اجرا ڪپڙا گپ ۾ گندا پئي ٿيندا ويا. پيءُ وڏي افسوس مان ٻار ڏي پئي نهاريو. هن ٻار کي اڳتي وڌائيندي سندس وَرَ مٿي ڪنيا.

"ٻئي پار پهچڻ کان اڳ اي پٽ پنهنجو پلئہ بچاءِ. پيءُ نصيحت ڪندي چيو "پيرن کي سوگهو جهل. هيڏي هوڏي ڏس ۽ هوشياري ڏار"

ٻار هيٺ ڏنو ڪيچڙ ائين هئي جيئن ڏرتيءَ جو روڳ پئي وهيو. ٻار وڏي احتياط سان پيءُ جو سهارو وٺي روڊ پار پئي ڪيو. "بابا ڏاڍو ڏکيو آهي پاڻ بچائڻ " ٻارَ چيو "هيءُ روڊ ٽپندي مان ميرو ٿي ويندس، ڪنهن ڪم جو نہ رهندس."

ٻارَ جي ڳالهہ تي پيءُ جي اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا.

"اهو وڏو فن آهي تہ انسان ڪنهن ريگستان اندر واريءَ جي طوفانَ مان لنگهي ۽ ان جون اکيون واريءَ کان محفوظ رهن. بيشڪ جيڪي پار پيا اهي فنڪار آهن."

هو ٻار کي ساڻ ڪري هلندو رهيو ـ پوءِ اتي وڏ ڦڙا مينهن وسيا. ساوڻ آيا ۽ سيارا وات مان ٻاڦون ڇڏيندا هليا ويا. اونهارا آيا ۽ ڪانءَ انهن جي ڪلهي تي لهي، ڪاري ڇهنب کولي ڳاڙهي زبانَ ڏکائڻ لڳا. بهار آيا ۽ ويا. عرش اندر ڪاري اونداهہ ۾ چنڊَ جو گول سوراخ ڪڏهن زخمَ جيان ڇٽندو سسندو پئي ويو تہ ڪڏهن ناسور جيان عرش کي چيريندو چوڏهينءَ جو پئي ٿيندو ويو. اوندهہ ۾ آسمان ستارا ستارا ٿي پئي چمڪيو. ڪنهن چيو سالَ گذريا، ڪنهن چيو صديون گذريون، پر نہ چنڊ بدليو نہ تارا تبديل ٿيا. ساڳيا ڏينهن ساڳيو سج. اهائي ڌرتي. اهوئي انسان، اهوئي پڳوان. هاڻي روڊ جي هوءَ پر پري ڪانہ هئي. هن وڏي احتياطَ سان وک وڌائي ۽ پار پئجي ويا. اتي جت اسڪول هيا. سکيا هئي ۽ روزگار هيو.

هو جڏهن ابهم کي وٺي ات پهتو تہ هن جا هٿ ڏکي رهيا هيا. هن جي ڄنگهن مان ساهہ ڇڏائجي چڪو هيو. ان وهندڙ ڌارا ۾ هن جو جوڀن ۽ جواني ڪاري دونهاتيل پاڻيءَ ۾ لڙهندا هليا ويا. هن جي اکين وٽان چمڙي ڳوڙهن جيان هيٺ وهندي ڳلن تي لڙڪي پئي. هن جو جسم ڪارو ۽ وار اڇا ٿي ويا. هن سوچيو هو ان روڊ جي هلندڙ ڌارا کي پار ڪري واپس ڪيئن ورندو. هن کي پوئتي موٽڻو آهي. ان حيبتناڪ روڊَ تي وري واپس هلڻو آهي.

هو هاڻي ان قابل نہ رهيو هيو تہ ان تيز رفتار ڦيٿن جي طوفانَ مان پار پئجي سگهي. هن جي اکين جي ديدَ ڪمزور ٿي چڪي هئي. هن جي جسمَ ۾ ڏارَ پئجي چڪا هيا. هو اڃان سوچي ئي رهيو هيو تہ هڪ مضبوط سگهاري آڱر هن ڏانهن وڌي. هن ڪنڌ کڻي ڏٺو. اها ابهم جي آڱر هئي ۽ ابهم هماليہ جيئن سگهارو ڪنڌ کڻي هن آڏو بيٺل هيو. هو مرڪي رهيو هيو.

”اچ بابا........ مان توکي روڊ پار ڪرايان“ ان ڇيوءَ پوءِ هن پنهنجو ڪمزور ڏکندڙ هٿ ان جي آڱر ۾ وڌو. هو واپس روڊ جي ان پاسي ڏانهن هليا جِتان انهن شروعات ڪئي هئي.

۽ روڊ وهيو پئي, ڪنهن سيلابي ريلي جيان, جنهن ۾ هزارين ڦيٿا لڙهندا پئي ويا.

روڊ جي هڪ پاسي هو بيٺل هيو سندس مضبوط آڱر ۾ هڪ نرم هٿ ائين ويڙهيل هيو جيئن آقا جي آڱر کان الڳ ٿيندڙ آدم جو هٿ جهپڙ ڏئي واپس ان ۾ ڇنبڙي پيو هجي. روڊ جي ان پاسي قديم مسجد هئي ۽ ان پرسان قبرستان جنهن اندر اپريل قبرون جڻ ڪب ڪڍي سجدي ۾ ڪريل هيون.

جينوم

(ڊارون ڏانهن)

ريلَ رڙيون ڪندي ڪائنات جي مدار جهڙي پٽڙيءَ تي ڊوڙندي رهي. ريلَ جنهن جي اندر ۾ درد جو دونهون دکي رهيو هيو. جنهن ۾ قاتل ڪنڊ مان ڪارنهن ٻرندڙ جبل جي چوٽيءَ جيان چٽڳن سان گڏ ٻي تابيءَ مان ٻاهر نڪري رهي هئي. پوري ريل هلندي زلزلي جيان تي لڏي، ان جي ڏڏڪن ۾ ڪئي آوازَ سمايل هيا. اها ڊنل ڪاريهر جيان مرليءَ جي آوازَ کان ڏور تي ڀڳي. هوا کي چيريندي، وقت کي لتاڙيندي

هو جيڪو رستي تان ڪنهن ننڍڙي اسٽيشن کان ان ريلَ ۾ چڙهيو هيو. اهو ريلَ گاڏيءَ اندر پنهنجو ٿيلهو سنڀالي هيڏانهن هوڏانهن ڏسندو پنهنجي لاءِ جاءِ ڳولهيندو رهيو. هلندڙ ريلَ جي وجودَ مان ماٺهو پگهرن جيان وهي رهيا هيا. پوري ريلَ انسانن سان سٽي پئي هئي. ان ريلَ جا در ۽ دريون چڻ انساني وجودن جا ٿهيل هيا. ان جا ڦيٿا وڪڙ ڏنل ڏٻرا انساني وجود هيا. ان جي هر شيءِ ۾ جسم ئي جسم موجود هيا. ريلَ انسانن جي ساهه کڻڻ جي رفتارَ سان سهڪي پئي – ريلَ جي چرپر ائين هئي جيئن هزارين انسان ازدها کي ڪلهن تي کڻي ڊوڙيا پئي. ازدها جنهن خوف کان هر هر وات مان ٻاهه ٻاهر ٿي اڇلائي ته لا محدود پٽڙي پري تائين ٽانڊي جيان ٻري ٿي پئي.

هو ننڍڙي اسٽيشن جو مسافر رش کي چيريندو پنهنجي لاءِ جاءِ پيدا ڪرڻ جي جدوجهد ۾ هڪ گاڏي کان ٻئي گاڏي تائين ڀٽڪندو رهيو. پريشانيءَ ۽ مونجهه کان هن جي نڙي خشڪ ٿي وئي ۽ پگهر هن جي چمڙيءَ مان بي اختيار وهي ويو. هو واٽڙن جيان منجهيل وجودَ ۾ ڦتڪڻ لڳو. هن هر گهڙي زبان ڦيري چپن کي آلو پئي ڪيو.

هن کي ريلَ اندر ڪٿي به جاءِ نه ملي، پر هو مايوس نه ٿيو. هن جو وجود اڃان تازو توانو هيو. ان ۾ اڃان جدوجهد جي سگهه سمايل هئي. هن آسرو نه لاٿو. هو ريلَ جي هر گاڏي ۾ ويو ۽ هر سيٽَ آڏو آرامَ ۽ سڪون جي سين هنئين. هن کي ريلَ جي پوري ماحولَ ۾ ڪٿي به جذب ٿيڻ جو موقعو فراهم نه ٿيو. هو ڀٽڪندو رهيو. ريلَ جي منجهيل ماحولَ ۾ هو پنهنجي تڪليف کي ڪلهن تي کڻي ان کي ڪنهن جاءِ تي اڇلڻ لاءِ گهمندو رهيو.

هو هڪ گمنام اسٽيشن جو مسافر هيو. هڪ اهڙي اسٽيشن جِتي گاڏي هميشه ماڻهن سان سٽيل حالت ۾ پهچندي هئي ۽ اتان چڙهندڙ هر مسافر کي پنهنجي وجودَ جيتري وٿي پيدا ڪرڻ لاءِ هٿ پير هڻڻا پوندا هيا.

هو هڪ گهٽ ڳالهائيندڙ حساس جوان هيو. هڪ اهڙو منجهيل جوان. جنهنجي ڳالهائڻ ۽ رويي ۾ جهجهڪ هئي. هو ٻڌل ۽ هيسيل هيو. هڪ اهڙو ماڻهو جنهن جون خواهشون ان جي اندر ۾ دٻيل هونديون آهن ۽اظهار جا سڀ رستا خوف ۾ دفن ٿيل هوندا آهن.

هن ريلَ جي هر گاڏي ۾ وچي ماڻهن جي روين کي جاچيو. هن محسوس ڪيو ماڻهو ڪي خوش هيا ۽ ڪي ٿڪيل ۽ مايوسين ۾ وڪوڙيل خاموش، ڪي ريلَ جي پائيپن ۾ هٿ وجهي ڄڻ سوليءَ تي ٽنگيل هيا ته ڪي پنهنجيءَ جاءِ تي ويهي آرام ۾ اکيون بند ڪيون جهولي رهي هيا. اتي عورتون هيون، ٻار هيا ۽ پوڙها هيا جيڪي پاڻيءَ جو گلاس چپن تي آڻي خشڪ ڳلن کي آلو ڪري رهيا هيا. ائين ٿي لڳو ڄڻ هرڪو وايو منڊل اندر ساهه کڻڻ جي جدوجهد ۾ وات کولي سيني کي ايترو ڦهلائيندو هجي جو وٿي نه هجڻ ڪري هڪ وجود ٻئي وجودَ ۾ چيپجي ويندو هجي.

ريلَ وقتَ جيان روئندي رڙيون ڪندي ڊوڙندي جيئن اڳتي وڌندي رهي ته هر ماڻهو ڄڻ وايو منڊل جو هيراڪ ٿيندو ويو. ڪو خوش ته ڪو خاموش. ڪو پوڙڪائي ته ڪو ڳاٽو. ڪو ننڊ ۾ جهوليندڙ ته ڪو جاڳ ۾ سوچيندڙ. هر ماڻهو پنهنجي رويي ۾ نروار ٿيڻ لڳو. پر هو چپ ۽ نااُميد پنهنجي وجود اندر هڪ جستجو ۽ پيڙا جي دٻاءَ کان تڙپندورهيو.

هن محسوس ڪيو ڪئي مسافر هن کان پوءِ ريلَ اندر داخل ٿيا ۽ اهي ريلَ جو حصو ٿي ويا. ٿهڪ ڏيندڙ ۽ اوٻاسيون ڏيندڙ. مرڪي کلي ڳالهائيندڙ پاڻ وٽائيندڙ ۽ ڪنڌ کي ”ها“ ۾ لوڏيندڙ. پر هن جو ڪنڌ ريلَ جي جهاڪن ۾ ”نه نه“ ڪندو لڏندو رهيو.

هن کي پنهنجي وجود تي حيرت آئي. هن محسوس ڪيو جيئن هو ڪنهن نوڪدار ڪنڊي جيان نانگ جي جسمَ اندر پيو هجي ۽ نانگ دردَ کان تيز ريلَ جيان ڊوڙندو هجي.

هن پنهنجي جسمَ کي ڏنو ۽ سوچيو.

”اي وجود توکي هن وايو منڊلَ ۾ سفر ڪندي ڪيڏو وقت ٿيو. تون ان جو هيراڪ نه ٿي سگهين. اي وجودَ تون جيڪو اربها سالن کان هڪ وجودَ کان الڳ ٿي ٻئي وجودَ ۾ منتقل ٿيندو آيو آهين تنهنجي اندر ماحول سان مطابقت جو مادو ڇو نه پروان چڙهيو؟ هن محسوس ڪيو جيئن هو ان وايو منڊل جو ماڻهو نه هيو. هن اڳيان ريلَ ۾ موجود سڀ انسانَ ڄڻ ٿهڪَ ڏئي هن جي وجودَ تي کلي رهيا هيا. هو پائيپ ۾ هٿ وجهي ريلَ جي ڏڏڪن مان اهي ٿهڪَ ٻڌي رهيو هيو. ماڻهو اکيون ڦوٽاري ڏند ڪڍي

ڪنڌ کي هيڏي هوڏي ڪري هن کي ڇتائي رهيا هيا ۽ هو معصوم صورت ناهي انهن کي اچرج مان ڏسي رهيو هيو.

”هر وجود جي بقا ماحولَ سان مطابقت ۾ آهي ته پوءِ هن جي بقا؟“ هن سوچيو. ”هن جو وجود ان ماحول ۾ ڪيئن پروان چڙهيو. تخم جنهن ۾ هر تبديلي ماحول جي زير اثر خود بخود آهي ته پوءِ اها تبديلي هن اندر ڇو نه ظهور پذير ٿي؟“

هو سهڪڻ لڳو هن مونجهه جي ماحولَ ۾ ڦتڪي هڪ دفعو وري وينل ماڻهن کي ٿورو سري پري جاءِ لاءِ چيو. پر اتي ڪا به اهڙي وٿي نه هئي جنهن ۾ ڪو ٻيو روح سمائجي سگهي.

ڪجهه ماڻهن هن کي اڳرائيءَ تي ڇٽيهو ۽ کي منهن تي ڪو به تاثر ظاهر ڪرڻ بنا ڪنڌ پري ڪري دريءَ کان ٻاهر نهارڻ لڳا.

”دنيا ۾ ڪا به ڳالهه حتمي يا آخري نه آهي.“ هن سوچيو ”وقت هر سچ کي ڪوڙَ ۾ تبديل ڪريو ڇڏي. وقت وڏو تجربو آهي ۽ حياتيءَ جي وٿي هڪ تجربي گاهه. جيڪا شيشي جي سامانَ. تيزاب ۽ٻين ڪيميائي مادن سان پري پئي آهي. لٽمس ڪاغذ جا به رنگ آهن هڪ ڳاڙهو ۽ ٻيو نيرو. رنگ جيڪي نظرن کي دوکو ڏين ٿا. جيڪي ڏسڻ ۾ به آهن جڏهن ته نه آهن.“

سوچون ريلَ جي جهاڪن ۾ هن جي دماغَ اندر ڇلڪڻ لڳيون. هن محسوس ڪيو ان وايون منڊلَ ۾ صرف هو اڪيلو ۽ پرايو نه هيو پر هن جهڙا ٻيا به ڪيترا انسانَ مايوس ۽ بي مدد ريلَ جي پائيپن ۾ لڙڪي نرڙ جو پگهر اگهي رهيا هيا.

”منهنجي تخم ماحولَ سان هڪ جهڙائي ڇو نه پئدا ڪئي“ هن سوچيو.

”ان جي بقا جو دارو مدار ڪهڙيءَ شيءَ تي آهي. جڏهن ته هو ماحولَ سان مطابقت نه ٿو رکي ته پوءِ اها ڪهڙي حالت آهي جنهن هن کي پنهنجيءَ جهولَ ۾ وٺي پالنا ۽ پرورش ڪئي. ڇا اها ڪا ٻئي موسم آهي؟ ڪو ٻيو ماحول آهي؟“

هو منجهي ٻيهي رهيو. هن کي اوڪارا اچڻ لڳا. هو الٽي ڪرڻ لاءِ واش روم طرف ڀڳو ان جو در ڪولي اندر ڏٺو اتي ماڻهو ستيا پيا هيا. هن ٻاهرين در وٽان دريءَ کان منهن ڪڍي وڏا ساهه کنيا.

”انساني وجودَ ۾ ڇا ڪو تبديليءَ جو انت آهي؟ ڇا اهو ڪڏهن مڪمل ٿي سگهندو. هن وايو منڊلَ ۾ جاري سفر اندر رويا سا ڳيا آهن ته پوءِ هن جي وجودَ انهن کي قبول ڪري پنهنجي آنڌ مانڌ ڇو نه گهٽائي؟“ هو سوچيندو وري گاڏيءَ ۾ جاءِ لاءِ جستجو ڪندو اڳتي وڌيو. هن کي ڪٿي به جاءِ نه ملي ۽ هو ٿڪاوٽ محسوس ڪرڻ لڳو.

هن ڪنهن سيٺَ تي هڪ ڀارَ کي ليٽل ڏٺو. اهو اٺن ڏهن سالن جو بيمار ٻار هيو. جيڪو ماءُ جي هنجَ ۾ مٿو رکي ڊِرين اکين سان نهاري رهيو هيو. ان جي ماءُ هن جي مٿي تي هٿ رکي ان جي ٻرندڙ جسمَ کي محسوس ڪري رهي هئي. ٻارُ بي چينيءَ مان چنگهي رهيو هيو ۽ ڪڏهن ڪنگهي وڏو ساهُ کڻي رهيو هيو.

”انساني سفر جو هڪ ننڍڙو مثال“ هن ٻار کي ڏسي سوچيو ”سفر جيڪو وايو منڊلَ ۾ لا محدود وقت تي مُحيطُ آهي. ڇا اهو وجود ۾ ڪا بہ تبديلي نہ ٿو آڻي. وايو منڊلَ ۾ موجود بيماريءَ جا جراثيم بہ ايڏائي قديم آهن جيڏو انساني وجود. جراثيمن جي حياتيءَ جو دارو مدار ۽ پالنا لاءِ انساني جسمَ کان وڌيڪ ٻي ڪا بہ بهتر پناهہ گاهہ نہ آهي. صدين جي سفرَ ۾ اهي جراثيم انساني وجودَ اندر ان جو حصو ٿي نہ سگهيا! وجود ۾ جيڪڏهن ماحول سان تبديلي پئدا ٿئي ٿي تہ انهن جراثيمن جسمَ کي ايڏي وڏي سفر ۾ ڇو نہ تبديل ڪيو جو جاري وقت ۾ جسم اڃان انهن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نہ آهي. جراثيم جسمَ ۾ موجود آهن تہ اهو ٻاهہ جيان ٻري پوي ٿو ۽ کنگهہ انهن کي جسمَ کان ٻاهر گولين جيان وسائڻ شروع ڪري ٿي. وقت انساني جسم ۾ مدافعت کي جنم ڏنو. هڪ ڪڏهن بہ ختم نہ ٿيڻ واري جنگ جو سلسلو انساني وجودَ جي ميدانَ تي جاري ۽ ساري رهندو اڇي. هڪ اهڙي جنگ جيڪا اربها صدين کان جاري ۽ ڪائنات جي ڊگهي ۾ ڊگهي جنگ آهي، تہ پوءِ ان جنگ ۾ صلح جو ڪو بہ مثال ڇو نہ آهي؟ گرميءَ کي برداشت ڪرڻ لاءِ چمڙيءَ جي ڪارڻ جو ظاهر ٿيڻ ۽ پگهر جو وهي اچڻ، جيڪڏهن ماحول سان مطابقت آهي تہ پوءِ ان جنگ جي پڄاڻي ڇو نہ آهي؟ جسمَ جي رويي ۾ جراثيمن سان دوستيءَ واري لچڪ ڇو نہ آهي؟. جراثيمن جسم اندر هِڪُ مسلسل ۽ پائيدار تبديلي ڇونہ آندي. بخار جو نڪري اچڻ ماحول سان مطابقت نہ آهي. تبديليءَ جو خود بخود ظهور نہ ٿيڻ ماحولَ سان انڪار آهي. ماحول ۽ ان جي موجودات انساني تبديليءَ ۾ ڪارگر نہ آهي.“

هن اڳتي وڌي ماءُ سان همدرديءَ جو اظهار ڪرڻ چاهيو پر عورت ڪنڌ ڦري ڪري ٻاهر نهارڻ لڳي.

هو اڳتي وڌيو ۽ ماڻهن جي سمنڊَ ۾ ترندو. هٿ پير هڻندو منهن تان سمنڊ جهڙو نمڪين پاڻي اگهندو، اهڙي هنڌ اچي پهتو جِتي ڪجهہ جوشيلا نوجوان هڪ ڄنگهہ تي ٻيهي بيزار ٿي پيا هيا. اهي پاڻ ۾ ملي ٻين ماڻهن کي ٻي دخل ڪري انهن جي جاءِ تي قبضي ڪرڻ جي تياري ڪري رهيا هيا. هو انهن وٽ آيو ۽ هن خون خرابي جون ڳالهيون ٻڌيون. هن جي دل چاهيو تہ هو بہ انهن ۾ شامل ٿي وڃي. هن جي اهڙي اظهارَ تي انهن ماڻهن هن کي ڀاڪر پائي ڳلي لڳايو ۽ پنهنجي پر ۾ ويهڻ لاءِ چيو.

هن اتي بيهي ماحولَ کي نئين نظر سان جاچيو. هن پري کان هڪ پيننو فقير کي صدا هڻندي ٻڌو. هن بارودي پوليس کي ڏنو جيڪا هڪ بغير ٽڪيٽ مسافر کي گريبان کان جهلي پاڻَ سان وٺي وئي. هن جوشيلن نوجوانن جي منهنَ ۾ اکين کي ڏٺو. اکين جون ڳاڙهيون رڳون ننڊڙن سنهن نانگن جيان وکڙ کائي اتي چنبڙيل هيون. انهن جا ٽڪيل چهرا جوشَ جي وجودَ تي سوار هيا. اهي تصور ۾ هڪ اهڙي بئنچ تي آرام ڪري رهيا هيا جيڪا ڪنهن سرسبز باغَ ۾ پاڻيءَ جي ڍنڍَ ڪناري رکيل هئي. اهي وجودَ کي مطمئن ڪرڻ لاءِ جذبات ۾ تڙپي رهيا هيا.

هن کي پوري ماحول ۾ وڏي ڇڪتاڻ نظر آئي. هن کي خبر هئي تہ ريلَ اندر مختلف طبقا آهن. پارلر آهن. ٿڌا ويڪرين سيٽن وارا ننڊ ڪرڻ لاءِ ڪوچ آهن. ٻوڙ آهن. ٻِلاءَ آهن. ٿڌا مشروب آهن ۽ اهڙا هنڌ آهن جِتي ٿهڪندڙ پاڻي ۽ ڪنديدار ٿوهر بہ موجود آهن.

نوجوانن جوش ۾ ڪاوڙ ۾ پرجي هن کي بہ اڳتي وڌڻ لاءِ چيو. هِڪُ اهڙي تبديليءَ لاءِ جنهن سان جسم کي ڪجهہ راحت ملي سگهي.

”زندگيءَ جي ڏگهي سفر ۾ حالتن معاشري ۾ ڪا اهڙي مستقل تبديلي ڇو نہ آندي جنهن سان معاشرو حالتن سان مطابقت پيدا ڪري هڪ هميشہ رهڻ وارو امن قائم ڪري وٺي. سفر جي شروعات کان هن وقت تائين ڪڏهن بہ معاشري ۾ امن نہ رهيو آهي، هڪجهڙائي نہ رهي آهي. اتي هيٺ مٿانهين، اميري غريبي، جنگ ۽ بربادي، بک ۽ عياشي، ظلم ۽ مظلوميت، بغاوت ۽ انقلاب جا لا محدود سلسلا صدين کان سفر ڪندا هلندڙ وقت ۾ بہ جاري ساري آهن. حالتون ۽ ماحول ايڏي ڊگهي عرصي کان معاشري ۾ ڪنهن مستقل تبديليءَ ذريعي ان آنڌ مانڌ ۽ اٿل پٿل کي ختم ڪرڻ ۾ ڇو نہ ڪامياب ٿيو.“

هن سوچيو ۽ پنهنجن جوشيلن ساٿين کي مخاطب ٿيو.

”ڏاهن جي چوڻ موجب تبديلي انسانَ نہ پر حالتون آڻينديون آهن. وجود پاڻ کي برقرار رکڻ لاءِ حالتن سان سمجهوتو ڪندا آهن ۽ حالتون وجودَ کي پاڻ سان هيرائي انهن ۾ اهڙيون تبديليون آڻينديون آهن جو ماحول انهن لاءِ سازگار ٿي ويندو آهي.“

”نہ اها سڀ بڪواس آهي.“ هڪ جوشيلي چيو ”جيڪڏهن ائين هجي ها تہ حالتون ايڏي ڊگهي سفر ۾ انهن جي جسمن لاءِ آسانيون فراهم ڪري انهن لاءِ آرام جو سبب بنجي چڪيون هجن ها. تبديلي طاقت سان ايندي آهي، حالتن ذريعي تبديليءَ جو انتظار نہ ڪبو آهي“.

ان کان اڳ جو ڪو خون خرابو ٿئي هن دوستن کي روڪيو.

”دوستو طاقت ذريعي آيل تبديلي مستقل نہ هوندي آهي. اها هٿرادو ۽ وقتي هوندي آهي. طاقت ذريعي آندل تبديليءَ جو سفر جي داستانن ۾ ڪو بہ انت نہ آهي. هڪ تبديليءَ پويان ٻئي تبديلي آهي

۾ ائين ڪا بہ تبديلي پائيدار ۾ مستقل نہ آهي. خون خرابو ذاتي مفادن جي وقتي ۾ مختصر تبديلي آهي جنهن کي ڪا بہ بقا نہ آهي.“

هن جا جوشيلا ساٿي نہ مڙيا ۾ هو انهن کي ڇڏي بئي گاڏي ۾ هليو ويو.

هن پنهنجا هٿ مٽي پائيپ ۾ ڳنڍ جيان ٻڌي پاڻ کي ان ۾ لڙڪائي ڇڏيو.

”غربت ۾ افلاس انساني زندگيءَ سان ڇو لاڳو آهن“ هن سوچيو.

”وقت انسان ۾ هڪ جهڙائي پئدا ڪرڻ ۾ ڇو ناڪام ويو. ظالم جي دل ۾ ٻرندڙ ظلم جي باهہ وقت جي ٻنيءَ ۾ ڇو نہ وسامي. مظلوميت فنا ڇو نہ ٿي. بک جو هڏائون ڍانچو مفلسيءَ جي قبر اندر جيئرو رهي ڪيئن ساهہ کڻي رهيو آهي. ڇا حالتون اثر انگيز شيءِ نہ آهن؟ وجود جي جدوجهد جو انت ڪهڙي زمان ۾ مڪانَ ۾ آهي؟ حالتن ظلم اندر رحم کي ڇو نہ اڀاريو. مظلوميت جي احساسَ کي ڇو نہ مٽايو. وقت بک جي هڏائين ڍانچي کي پيجي پورا ڇو نہ ڪيو. بقا جي جدوجهد معاشرتي هڪجهڙائيءَ ڏانهن سفر ڇو نہ ڪري رهي آهي. هن ڏٺي ۾ قديم سفرَ ۾ آنڌ مانڌ جي موجودگي حالتن ذريعي پيدا ٿيندڙ خود بخود تبديلين جي عملَ جي نفي آهي. آنڌ مانڌ، بي چيني، بک ۾ مفلسي حالتن سان مطابقت نہ پر هڪ وڏو تصادم آهي. جسم کي جيئرو رکڻ لاءِ خود بخود تبديلي ۾ وجود جي ماحولَ سان مطابقت سڀ وهمَ ۾ گُمانَ آهن.“

هو تمام گهڻو ٿڪجي پيو. توانائي پگهر جي صورت ۾ هن جي وجودَ مان وهي هن جي اندر کي خالي ڪري ڇڏيو. هن پنهنجي خشڪ چپن تي زِبانَ ڦيري سوچيو ”انسان نمڪين پاڻيءَ جو ڊُبو آهي. ان جو نوس وجودي حصو نمڪين پاڻيءَ جي چوڌاري ڏنل ٻنو آهي، سهارو آهي جيڪو پاڻيءَ کي وهڻَ کان بچائي ٿو.

”سمنڊَ جو پاڻي ڪنهن زماني ۾ ايڏو کارو نہ هوندو هيو. ان جي نمڪيات انساني وجود جي نمڪيات جي تناسب جيتري هوندي هئي. پوءِ مينهن پيا، پهاڙن ۾ ڌرتيءَ جو نمڪ ندين ۾ نالن مان وهي سمنڊ کي نمڪين ڪندو رهيو ائين سمنڊ وقت سان نمڪين ٿيندو رهيو. پر انساني وجود ۾ نمڪيات جو تناسب اهو ئي قديم رهيو. ڇو جو زندگيءَ سمنڊَ مان جنم ورتو آهي.“

هن ڪنهن ڏاهي جي ڏنل راءِ تي سوچيو ۾ نرڙ تائين پگهر اگهڻ لاءِ هٿ وڌايو. هن جو نرڙ آلو نہ هيو. پاڻي هن جي وجودَ مان وهي بخارات جي صورت ۾ اڏامي ويو. اهو مينهن ٿي سمنڊ تي وسندو ۾ ائين هن ۾ سمنڊ جو رشتو قائم رهندو.

هو انساني بقا ۾ فنا تي سوچيندو رهيو.

هن ريل اندر هڪ جاءِ تي ڪنهن جهور پوڙهي کي ويٺل ڏٺو. ان جي منهن جا گهنجَ اهڙي ميري چادر جي گهنجن جيان هيا جنهن تي ڄڻ عزرائيل پوري رات موت جي انتظار ۾ ڦٽڪي گذاري هجي. ان پوڙهي جا هٿ ڏڪي رهيا هيا ۽ جسم ڏٻرو ۽ جهڪيل هيو. ان جي ڏاڙهي ۽ مٿي جا اڇا وار ائين هيا جيئن ڪو ٻرندڙ جبل برف سان ڍڪيل هجي. ان جي نظر ڪمزور هئي ۽ ڪنن کان گهٽ ٻڌندي محسوس ٿي رهيو هيو. اهو چپ ڪري ائين ويٺو هيو جيئن زندگيءَ جو انتظار ڪندو هجي.

ان پوڙهي کي ڏسي هن جون سوچون هڪ دفعو وري ريلَ جي رفتارَ کان بہ تيز پري تائين ڊوڙي ويون.

”انسان ڄمڻ کان مرڻ شروع ڪري ٿو. مرڻ ڪنهن ساعت يا گهڙيءَ جو نالو نہ آهي، پر مرڻ هڪ آهستي ظهور پذير ٿيندڙ مسلسل عمل آهي. انساني وجود جا مختلف عضوا مرڻ ڪانپوءِ آهستي مرن ٿا. موت وجود کي هڪدم نہ پر هڪ مسلسل عملَ ڪانپوءِ ختم ڪري ٿو.

انسان ڪئي زندگين جو مجموعو آهي. ان جو هر جيو گهرڙو هڪ خود مختار جيئرو وجود آهي جيڪو پنهنجيءَ جاءِ تي جيئري رهڻ جي جدوجهد ڪري ٿو. هر انسان هڪ ڪائنات آهي جنهن تي ڪيترن ئي جيئرن وجودن جي زندگيءَ جو دارو مدار آهي. ائين ڪيترن ئي نظر نہ ايندڙ وجودن جي عمل جي هڪ جهڙائي ۽ تعاون انساني جسم جي حرڪت جو سبب بنجن ٿا.

اربها سالن کان جاري سفر ۾ بقا ۽ زندگيءَ لاءِ جدوجهد ڪندڙ انسان موت کي ڪڏهن بہ شڪست نہ ڏئي سگهيو. عمر سان گڏ، اڄ، بک گرمي ۽ بيماري جيوگهرڙي جي تباهيءَ جو ڪارڻ بنجن ٿا. حالتون ۽ ماحول زندگيءَ جي بگاڙَ جو سبب بنجن ٿيون، هڪ اهڙي بِگاڙَ جو جيڪو جيو گهرڙي کي تباهي ۽ موت سان همڪنار ڪري ٿو. وقت جيڪو لا محدود زندگيءَ جي ڏاري کي پاڻَ سان وهائيندو آيو آهي ان انساني جيو گهرڙي کي گرمي، اڄ، بک ۽ بيمارين سان مطابقت ڇو نہ فراهم ڪئي. ماحولياتي حالتون وقت سان جيو گهرڙي جي تبديلين ذريعي جيئرو رکڻ ۾ مدد ڪن ٿيون تہ پوءِ حالتون جيو گهرڙي کي موتَ جي دروازي تي ڇڏي ان کي اندر ڌڪو ڇو ٿيون ڏين. انساني وجود تبديليءَ ذريعي اها بقا ڇو نہ ماڻي جنهن ۾ موت جو ڪو بہ عمل دخل نہ هجي.

انساني جينوم ۾ موت هڪ پروگرام جي صورت ۾ نظر اچي ٿو. موت ۽ پوڙهائپ هن کي پنهنجن ڄڻيندڙن کان تحفي ۾ ملن ٿا. پوڙهائپ ۽ موت انساني جيو گهرڙي اندر ان جي ڪنهن عنصر تي پهريون ئي لکيل آهن تہ پوءِ جيو گهرڙي جي بقا لاءِ جدوجهد؟ ماحولياتي اثر هيٺ جسمن جي تبديليءَ جو عمل؟“

هو سوچيندو ويو ۽ هن جو جسم ڏڪڻ لڳو. ٿڪاوٽ هن کي پيچي پورا ڪري ڇڏيو هيو. ماحول هن جي وجود ۾ اهڙي ڪا بہ تبديلي رونما نہ ڪئي جيڪا هن کي جيئڻ جو حوصلو فراهم ڪري. هن جي ٿڪاوٽ، اڃ، بک ۽ بيماريءَ جي خاتمي جو سبب بنجي. ان ڏکي سفر ۾ هن جي هر جدوجهد مايوسيءَ جي حاصلات کان سواءِ ڪجھ نہ هئي. هن جو وجود ماحول لاءِ نفرت انگيز ۽ ناقابلِ قبول هيو. اتي هر وجود بي چين ۽ آنڌ مانڌ جوشڪار هيو. وجود ايترو تہ هيٺو هيو جو ننڍڙا جراثيم بہ ان تي حاوي هيا. وقت وجود لاءِ پوڙهاپ، هيٺائي ۽ موت جو پروانو هيو.

هن سوچيو "انساني وجود ۽ جدوجهد جو مقصد ڇا آهي؟ ريلَ اندر جاري سفر ۾ هر طرف فنا ڦهلي پئي آهي. وجود جي جدوجهد زندگيءَ کي برقرار رکڻ لاءِ نہ، پر موت کي حاصل ڪرڻ لاءِ آهي. وايو منڊل جون حالتون انساني زندگيءَ ۾ بقادار تبديليون آڻڻ بجاءِ موت جو سامان مهيا ڪن ٿيون. زندگي اهڙو عذاب آهي جنهن ۾ سک جي گهڙي ڪٿي بہ نہ آهي – زندگي نفرت، اڃ، بک آنڌ مانڌ، بيماري ۽ موت کان سواءِ ڪجھ نہ آهي"

هو ٿڪاوٽ ۽ جدوجهد جي عَذابَ کان روئڻ لڳو. هو رنو تہ هن جا ڳوڙها نہ وهيا. هن جي جِسم جو پاڻي سڪي چڪو هيو. هو ڏڪندڙ هٿن کي گوڏن تي رکي انهن کي سهارو ڏئي سُڏڪندو رهيو. هن جي مٿي کي چڪر اچڻ لڳا ــ هو سفر مان بيزار ٿي ويو.

گاڏيءَ ۾ ويٺل هڪ نوجوان اٿي هن جي پرسان آيو ۽ هن کي ٻانهن کان وٺي پنهنجيءَ سيٽَ تي ويهارڻ لاءِ چيو. پر هو ان سيٽَ تي ويهڻ بجاءِ سڏڪا ڀري روئڻ لڳو.

نوجوان ان کان روئڻ جو سبب پڇيو.

"مان دردَ جي سفر کي طي ڪري پنهنجيءَ منزل تي پهچڻ وارو آهيان. هيءُ روئڻ نہ پر خوشيءَ جا ٽهڪَ آهن"

"ڇا تنهنجي منزل اچي وئي؟" نوجوان پڇيو.

"ها مان پنهنجي منزل کي ويجهو ٿيڻ وارو آهيان. مون کي هاڻي ڪنهن بہ سهاري جي ضرورت نہ آهي"

هن چيو ۽ پوءِ پنهنجن اعمالن جو ٿيلهو ڪلهي ۾ لڙڪائي تيز هلندڙ ريلَ مان ٻاهر نڪري ويو.

◈

ڏاتوءَ جي آتم ڪھاڻي

ھو ننڊ مان اٿيو تہ کيس محسوس ٿيو ڄڻ سڄي رات جاڳندو رھيو آھي. سور ڪان ھن جو دماغ ڦاٽو ٿي ويو. ھو تيز ڪائي تياريءَ جي مرحلن مان گذرندو ويو. ھن برش ڪيو ۽ خالي پيٽ چانھہ ڪي اوتي ڄڻ پيٽ جي دوزخ ۾ باھہ تي پيٽرول کي ھاريو. سندس ھر انگ باھہ جي شعلن ۾ ٻري پيو. ھن منھن تي سيفٽي گھمائي تہ سندس ڏاڙھيءَ جا وار ڪاري رک جيان ھيٺ ڇڻي پيا. ھو غسل خاني ۾ جسم تي ٿڌو پاڻي ھاري ٻاھر نڪتو تہ سامھون لڳل آئيني ۾ پنھنجي چمڙيءَ جو رنگ ڏسي ڄڻ دھلجي ويو. پيلي ٽٽل چمڙيءَ مان ھن جو گوشت ٻاھر لڙڪي رھيو ھيو. ھن تڪڙ ۾ ڪپڙا پاتا ۽ پوءِ آفيس ھليو ويو.

اٺن ڪلاڪن ڪانپوءِ ھو واپس موٽيو تہ سندس چپ سگريٽ جو بوجھہ جھلي ھيٺ لڙڪي پيا ھيا، اھي اُسَ ۾ رلندڙ اگھاڙي فقير جي پُٺيءَ جھڙا ھيا. ھن ڪپڙا بدلايا ۽ پوءِ ھو جڏھن ماني ڪائڻ لڳو تہ سٽ سندس آڱرين مان وھي ھيٺ اچي گوڏن تي ڪريو. لوڻ سندس جسم ۾ رت جي ڇولين مٿان گج ٺاھي بيھي رھيو.

ھو ٿوري دير لاءِ ليٽيو تہ وري بي چين ٿي اٿي ويھي رھيو. مونجھہ ڪان سندس سيني اندر ڪوئي ڇاتيءَ تي مڪون ھڻندو رھيس. رت جي دٻاءَ ڪان ھن جون رڳون ڏنوڻ لڳيون. ھن تڪڙ ۾ پرسان ميز تي پيل دوائن مان مٺ ڀري واتَ ۾ وڌي ۽ انھن کي پاڻيءَ جي ھڪ ڍڪ سان ڳڙڪائي ويو. ٿوري دير ڪانپوءِ ھو اکيون بند ڪيو بي سڌ ليٽيو رھيو.

شامَ جو ھو اٿيو ۽ تڪڙ ۾ تيار ٿي ھڪ پرائيويٽ اداري اندر نوڪريءَ لاءِ وڃي پڳو. چار ڪلاڪَ مسلسل ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ھن کيسي مان شگر جي گوري ڪڍي زبانَ تي رکي ۽ ان کي پاڻيءَ بنا ڳيت ڏئي ڳھي ويو. رات جو ھو بستري تي پيڙھيل ڪمند جيان اچي ڪريو. ھن سمھڻ ڪان اڳ تڪڙ ۾ ٻہ چار پاروٽي مانيءَ جا گرھہ وات ۾ وجھي چٻاڙيا. بغير ڪنھن سبب جي گھر وارن سان جھڳڙو ڪيو. ٽيليويزن ڏانھن نھاريو تہ ان جي اسڪرين تي ڪتو ڀونڪي ھن کي ڏاڙھڻ لڳو. بستري تي ليٽي اکيون بند ڪري سمھڻ جي ڪئي تہ سندس دماغَ جون سڀ اکيون ڪليل ھيون. ھن تي ننڊ جون گوريون کاڌيون ۽ پوءِ موتَ جا گونگھرا ھڻڻ لڳو.

گھڙيال جي گھنٽي وڳي تہ ھن جو وجود زلزلي جيان لڏڻ لڳو. سندس دماغَ جي ھر عمارت ڍھي اچي پٽ تي پئي ۽ ھڪ ڏار سندس وجود کي وڍي ٻہ اڌ ڪري ڇڏيو. ھو وجود جو کنڀر کڻي اٿيو تہ سندس جسم ڄڻ تاريخَ جي مٽيءَ ھيٺان دفن ٿي چڪو ھيو. ھن پاڻ کي ڪنھن دٻاءَ ھيٺ پوريل محسوس ڪيو.

پوءِ هن جو نئين سج سان پراڻو ورجهاءُ شروع ٿي ويو.

هن زندگيءَ ۾ ڪڏهن بہ خدا کي ياد نہ ڪيو. هڪ ڏينهن سمهڻ کان اڳ هن خدا کي ياد ڪري ان کان موت لاءِ دعا گهري. هو رنو ۽ پوءِ ليٽي پيو.

ان رات هن هڪ خواب ڏٺو. کي پراڻي ڪاري پٿر جون عمارتون آهن. جيڪي صبح جي سج اڀرڻ کان پهريون ڪوهيڙي ۾ ويڙهيل آهن. هو پير پير ۾ ڏئي آهستي انهن عمارتن ڏانهن وڌي رهيو آهي. هن کي لوبان ۽ آگر بتين جي خوشبوءِ ۾ پري کان ڪا مزار نظر اچي رهي آهي. هو بڙ جي لڙڪندڙ پاڙن ۾ هٿ وجهي اتي آس پاس موجود هر شيءِ کي جاچي رهيو آهي. ڪبوتر هن کي ڏسي ”هو هو“ ڪري رهيا آهن. هو پٿر جي ڏاڪڻين تي قدم کڻندو اڳتي وڌيو آهي. ماڪ ۽ ڪوهيڙي ۾ عمارتن جا سڀ پٿر اڇيون چادرون پائي ٿڌ کان ڏڪي رهيا آهن. هن جا هٿ پٿر جي ڏاڪڻين تي هلندي پتين جو سهارو وٺڻ ڪري آلا ٿي ويا آهن ۽ ان آلاڻ ۾ ڪنهن روح جي خوشبوءِ آهي.

هو مٿي چڙهي اچي هڪ مزار سامهون بيٺو آهي ۽ پوءِ ان پراڻي عمارت اندر وڃي هن چؤطرف نهاريو آهي. پٿر جي ٺهيل قبر مٿان ڪو پراڻو ڪِتابُ گيڙو رنگ جي ڪپڙي ۾ ويڙهيو اتي رکيل نظر اچي رهيو آهي. هن جڏهن ان ڪِتابَ کي هٿن ۾ کڻي کولڻ جي ڪئي آهي تہ ڪوهيڙي جو بادل تيز هوا جيئن مزار جي هڪ در کان لنگهي ٻئي در کان نڪري ويو آهي. ۽ هن جي اکين ۾ ٿڌ جي احساسَ کان ڳوڙها پرجي آيا آهن.

هن ويڙهيل ڪپڙي کي هٽائي ان ڪِتاب کي جاچيو آهي.

”ڏاتوءَ جي آتم ڪهاڻي“. هِنَ ڪِتاب جي پهرين صفحي تي وڏن اکرن ۾ لکيل جملي کي پڙهي پوءِ قبر ڏانهن نهاريو آهي.

”هِتي دفن آهي“ هن اڳتي پڙهڻ شروع ڪيو آهي. ”جنهن موتَ کان پهريون هيءَ آتم ڪهاڻي لکي. جيئن زندگيءَ لاءِ دعا گهرندڙ هٿ ان آتم ڪهاڻي پڙهڻ کان پوءِ جيئڻ لاءِ جاکوڙ ڪري سگهن. ڏاتو جيڪو مزار جي هر پٿر ۾ ساهہ کڻي رهيو آهي. جنهن جو روح ڪوهيڙي جي صورت ۾ هر طرف ڦهليل آهي. جنهن جا ڳوڙها ماڪ ڦڙن جي صورت ۾ بڙ جي پنن تي چمڪي رهيا آهن. جنهن جو آواز ڪبوترن جي ڳچيءَ ۾ سمائجي ڪنهن کي سڏي رهيو آهي. ڏاتو جيڪو امر آهي پنهنجي آتم ڪهاڻيءَ جي هر لفظ ۾ جيئرو آهي.“

هن پڙهيو ۽ پوءِ هو ڪِتاب کي ساڻ ڪري مزار جي دروازي وٽ ٽيڪ ڏئي روشنيءَ ۾ اڳتي پڙهڻ لڳو.

”ڏاتو 1850ع ۾ هڪ هاري جي گهر پيدا ٿيو. هن جو پيءُ هڪ عام ڳوٺاڻو هيو جنهن وٽ ٻني ٻاري لاءِ پنهنجي زمينَ جو ٽڪر هيو. ڪيس ٻي ڪا بہ اولاد نہ ٿي. ڏاتو هن جي ڪکائين گهر جو اڪيلو ڏيئو هيو. ڏاتوءَ جو پيءُ ڳوٺ جو سڀ کان ڦداور شخص هيو. هو خدا ۽ ان جي قهرَ ۾ يقين رکندو هيو.

خدا هن جي دل ۾ خوف جيان ڏڙڪندو هيو جنهن ڪري هو هر دعا ۾ خُدا کان رحم جو طلبگار هيو. هو هڪ گهمندڙ ڦرندڙ شخص هيو جيڪو ٻنيءَ جي ڪمن کان واندو ٿي سدائين سفر ۾ گذاريندو هيو. هن کي آخري وقت تائين هڪ ڏکي لٺ ساڻ هوندي هئي جنهن جي سهاري هن پيدل ڪئي ميلن جو سفر ڪيو. هن کي پيرن کان مٿي پنين وٹ ميري ڪپڙي جون پٽيون ويڙهيل هونديون هيون جن بابت هن جو خيال هيو تہ انهن جي ويڙهڻ سان انسان ڪڏهن بہ ٿڪبو نہ آهي.

ڏاتوءَ جي ماءُ گلابي چهري واري هڪ خوبصورت عورت هئي. اها ننڍپڻ ۾ هن کي پنهنجي هنجَ ۾ سمهاري هٿن سان چرخو هلائي سٽ ڪتيندي هئي ۽ گوڏو لوڏي هن کي منڙي آوازَ ۾ لولي ڏيندي هئي. ان لوليءَ جي آواز ۾ هن پهريون دفعو "الله" جو لفظ ٻڌو ۽ ننڍ کان هن جون اکيون ٻوٽجي ويون.

ڏاتو اڃان ننڍو ئي هيو تہ هن جي ماءُ سلهہ جي مرض ۾ رت جون الٽيون ڪري گذاري وئي.

ڏاتوءَ کي ڳوٺ جي هڪ نرم دل عورت حليمان پالي وڏو ڪيو. حليمان کي خدا اولاد جي نعمت کان محروم رکيو هيو. ڏاتوءَ جي صورت ۾ هن جي اها ڪمي پوري ٿي وئي ۽ هن ڏاتوءَ کي پنهنجي زندگيءَ کان بہ عزيز رکي پرورش ڪئي.

ڏاتوءَ کي ڳوٺ جي اسڪول ۾ داخل ڪيو ويو ۽ هن لکڻ پڙهڻ سکيو. هن غورَ سان هر لفظ کي ٻڌو ۽ سکيو. هن کي ننڍي هوندي ڪِتاب جي صفحن مان جيڪا خوشبوءِ ايندي هئي. اها خوشبوءِ سڄو عمر هن جي دماغَ کي تازو رکندي آئي. هو ڪِتاب کي هٿن ۾ ڪٽي نڪ تائين آٽيندو هيو. ان ڪِتابَ جهڙيون رنگين تصويرون هن کي زندگيءَ ۾ ڪٿي بہ ڏسڻ لاءِ نہ مليون. ان ڪِتابَ جون تصويرون هن لاءِ دنيا جون عظيم تصويرون هيون. ڏاتو هڪ حساس طبيعت وارو خاموش ٻار هيو. هن کي فطرت سان پيار هيو. هو وهندڙ پاڻي ڏسي خوش ٿيندو هيو. هن کي وڻ ڏاڍا عزيز هيا. رنگبرنگي گل هن اڳيان دنيا جو خوبصورت خزانو هيا ۽ اڏامندڙ پوپٽ جن پويان ڊوڙندي هن انهن کي ڪڏهن بہ نقصان نہ پهچايو. اهي هن لاءِ ننڍڙا جبرائيل هيا جيڪي هن جي هٿن تي پيغام جي صورتَ ۾ رنگَ چڙهي ويندا هيا.

ڏاتوءَ لاءِ چنڊ اهڙي پراسرار حقيقت هئي. جڏهن اهو اپري هن اڳيان ايندو هيو تہ هن جون اکيون ان سان گڏ اپرنديون هيون ۽ آسمان ۾ اٽڪيل هونديون هيون. پرڀات ۾ هو زندگيءَ کي وڏا ساهہ کٽي محسوس ڪندو هيو ۽ سانجهي هن لاءِ ڏک ۽ اداسيءَ جي صورت ۾ نروار ٿيندي هئي.

هن ڳوٺ جي مسجد جي منارن تان آذان جو آواز ٻڌو. مندرن مان ڀڳوان جي مورتيءَ اڳيان وڄندڙ گهنڊن جي آواز کي ڪنايو. هن جي من ۾ خدا کي ڳولهڻ جي جستجو پيدا ٿي. هن هر شيءِ اندر خدا جي جلوي پسڻ لاءِ ان کي جاچيو ۽ ان کي گهرائيءَ جي حدن تائين پرکڻ جي ڪوشش ڪئي. هن سوچ جون حدون اورانگيون ۽ مونجهارن ۾ ڦاسي پيو.

وڏندڙ عمر سان هو ان حقيقت کان آشنا ٿيندو ويو تہ جيڪي ڪجھ آهي اهو ڌرتي ۽ انسان آهي. ڪائنات جو وجود ۽ ان جي ابتدا هڪ منجهيل مسئلو آهي. جيڪو شايد انسان ڪڏهن بہ سلجهائي نہ سگهندو. سائنس ۽ مادو حقيقت آهن. جنت ۽ دوزخ سڀ ڌرتيءَ تي موجود آهن. جزا ۽ سزا جو اصل مقام هيءَ ڌرتي آهي. موت کان پوءِ دوزخ جي حقيقت اهڙي خوابَ جيان آهي جيڪو اڃان ڪنهن بہ نہ لڌو آهي. انسان دنيا ۾ هڪ دفعو تخليق ٿئي ٿو ۽ مرڻ سان فنا ٿي وسري ۽ ميسارجي وڃي ٿو.

هو هر حقيقت جي تہ تائين پهچڻ باوجود خدا ۽ مذهب ۾ ايمان رکندو هيو. هن خدا جي وجود کان انڪار ڪندڙ انسانن کي ٻڌايو تہ ”خدا جي وجودَ جو انڪار پاڻ سان دوکو ڪرڻ برابر آهي. جيڪا شيءِ ڪروڙها سالن کان اسان جي (Gene) ۾ منتقل ٿيندي پئي اچي. ان شيءِ کي اسان هڪدم پنهنجي وجودَ مان ڪيئي ڪڍي ڪڍي قٽو نہ ٿا ڪري سگهون. خدا اسان جي ڪروموسوم اندر هڪ پروٽين جي صورت ۾ موجود آهي. اهو اسان جي وجودَ جو حصو آهي جيڪو اسان کي پنهنجن اڳين کان تحفي جي صورت ۾ مليو آهي. اسان حقيقت ۽ دليلن کي سامهون رکي ڪيترو بہ ان جي وجودَ جا انڪاري ٿيون پر اهو اسان جي جين ۾ جاڳي اسان کي خوفزدا ڪري رحم جو يقين ڏياري رهيو آهي. مصيبت ۾ اسين ان جي وجودَ جا انڪاري هوندي بہ غير ارادي طور سڏي ٿا ونون. خدا جا اسين سچي من سان ڪڏهن بہ انڪاري نہ ٿا ٿي سگهون. اسين جيڪڏهن خدا جي وجودَ جا انڪاري ٿي بہ وڃون تہ پوءِ اسان جي جين مان خدا جي نالي کي خارج ڪرڻ لاءِ مستقبل طرف ڪروڙها سالن جو سفر ڪرڻو پوندو ۽ ائين هڪ انسان کي ڪافر ٿيڻ لاءِ ڪروڙها سال گهرجن.“

ڏاتو آڏو مذهب اهڙي پناهگاهہ هيو جنهن جي اڳڻ ۾ سڪون جا بيدمشڪ لڳل هيا. مذهب اندر انساني فطرت ۽ نفسيات کي سامهون رکي اهڙو چاراٽيل هيو جو انسان جون سڀ حيواني خصلتون ان ۾ ڦاٿل هيون ۽ پاٽيءَ بنا مڇيءَ جيان ڦٿڪي رهيون هيون.

ڏاتوءَ سڄي زندگي خدا کي ياد ڪيو ۽ ان جي حڪمن تي عمل ڪيو.

هن حڪمت جي تعليم ورتي ۽ جڏهن پنهنجي ڪم ۾ پڙ ٿي ويو تہ هن جي شادي ڳوٺ جي اهڙي گهراڻي مان ڪرائي وئي جنهن گهراڻي جا شخص علم جو چاهہ رکندڙ ۽ پڙهيل هيا. هن جي شادي اهڙي عورت سان ٿي جيڪا لکڻ پڙهڻ ڄاڻيندي هئي.

هن ڳوٺ ۾ حڪمت جو دوڪان کوليو ۽ ايمانداريءَ سان هر شخص جي شفا کي پئسي تي ترجيح ڏني. هن مريضن کي ڪڏهن بہ رهڙ نہ ڏني، انهن کي همدرديءَ سان ٻڌو ۽ غير ضروري دوائن ڏيڻ کان پرهيز ڪئي.

هو ڪڏهن پاڻ بيمار ٿيو تہ آرام کي دوا تي ترجيح ڏني. دوائن جو استعمال تڏهن ڪيو جڏهن بيماريءَ کي ٽارڻ جو حل دوا بنا هن کي ڪو بيو ڏسڻ نہ آيو. هن جراثيم ڪش (Antibiotics) دوائن

ڪائڻ ۽ ماڻهن کي ڪارائڻ ۾ وڏي احتياط کان ڪم ورتو. هن اهڙيون دوائون مرض جي مڪمل شناخت کان پوءِ اڻ ٽر حالتن ۾ استعمال ڪيون ۽ پوري وزن سان مڪمل ڪورسَ جي صورت ۾ ڏنيون.

هن پنهنجي گهر واريءَ کي خوش رکيو. ان تي ڪڏهن بہ غير ضروري پابنديون نافذ نہ ڪيون. هن چم روڪ جي اصولن تي عمل ڪندي پنهنجي اولاد کي هڪ ڌيءَ ۽ هڪ پٽ تائين محدود رکيو. هن پنهنجي زندگيءَ ۾ گهر واريءَ کان سواءِ ڪنهن بہ عورتَ سان مباشرت نہ ڪئي.

هن پٽ ۽ ڌيءَ ۾ ڪڏهن بہ ڪو فرق نہ رکيو. ڌيءَ کي ايتري ئي تعليم ۽ حق ڏنا جيترا پٽ کي. اڳتي هلي جڏهن هن جو پٽ جوانيءَ جي حدن کي ڇهڻ لڳو تہ هن ان لاءِ پنهنجي گهر پرسان الڳ جاءِ جو بندوبست ڪيو جيئن هو پنهنجي ٻارن سان پرسڪون زندگي بسر ڪري سگهي. هن پنهنجي ڌيءَ جي شادي ان جي خواهش موجب پنهنجي ملڪيت جي اڌ حصي جو وارث قرار ڏئي وڏي ڌوم ڌام سان ڪرائي.

هن ڪڏهن بہ ڇهن ڪلاڪن کان مٿي ڪم نہ ڪيو. هو حڪمت کان سواءِ ٻني ٻاري جي ڪم ۾ بہ دلچسپي وٺندو رهيو. هن زمين کي کيڙڻ لاءِ هر استعمال ڪيو. هن زراعت ۾ ڪڏهن بہ مشين يا هٿرادو ياڻ جو سهارو نہ ورتو فارغ وقت ۾ ڪِتاب هن جا بهترين ساٿي رهيا. هن ٻارن ۽ زالَ کي مڪمل وقت ڏنو. هو سوير سمهيو ۽ سوير جاڳيو. سمهڻ کان پهريون هن گوڏا پيچي پلٽ ماري اکيون ٻوٽي جسم جي رڳن ۽ ماسَ کي ڍلو ڇڏي، خدا جو تصور آڻي منتشر سوچن کي هڪ مرڪز تي جمع ڪيو ۽ ساڳيو عمل سوير ننڊ مان اٿڻ کان پوءِ ورجهايو.

ننڍي سفر لاءِ هن ڪڏهن بہ سواريءَ جو سهارو نہ ورتو. هن پيدل گهمڻ کي ترجيح ڏني.

هن ناشتي ۾ هميشہ ڏهي استعمال ڪئي ۽ جڏهن هن جي عمر چاليهن ورهين کي پهتي تہ هن مڇيءَ کانسواءِ ڪو بہ گوشت نہ واپرايو. هن اهڙيون سبزيون استعمال ڪيون جيڪي ڏسڻ ۾ سائي رنگ جون هيون. هن ڌرتيءَ تي پئدا ٿيندڙ سبزين کي ڌرتيءَ جي اندر پئدا ٿيندڙ سبزين تي ترجيح ڏني.

هن ڪڏهن سگريٽ يا ٻيڙيءَ کي نہ ڇهيو ۽ نہ ئي ڪڏهن شراب کي چپن تائين آندو.

هن هر ويلو پنهنجي مقرر وقت تي کاڌو ۽ کاڌي کائڻ ۾ ڪڏهن بہ تڪڙ نہ ڪئي. کاڌي سان گڏ صلاد ۽ ميوو واپرايو. هن گنجائش کان هميشہ بہ چار گرهہ گهٽ کاڌا.

هن پوري زندگي هڪ هوادار گهر ۾ بسر ڪئي. هن گهر جي اڱڻ ۾ وڻ پوکيا ۽ گلدار ٻوٽن سان رنگ پکيڙيا. هن گهر کي ٿڌي رکڻ لاءِ کي بہ غير فطري طريقا استعمال نہ ڪيا. هن مٽيءَ جي گهڙي جو ٿڌو پاڻي استعمال ڪيو. کاڌي جي شين کي ڪنهن بہ برف يا ٿڌي شيءِ ۾ گڏ ڪري ڊگهي وقت تائين استعمال نہ ڪيو. هن هر شيءِ کي ان جي تازي صورت ۾ کائڻ جي ڪتب آندو.

هن پاڙي وارن کي نه رنجايو ۽ غريب پاڙيسرين جي مدد ڪئي. هن جي ڳالهائڻ ۾ نرمي رهي ۽ اکين ۾ حياءُ نديءَ جي پاڻيءَ ۾ پونڊڙ سج جي ڪرڻن جيان تجلا ڏئي چمڪندو رهيو. هن جانورن تي رحم ڪيو ۽ جڏهن به ڪو جانور پاليو ته ان کي پيٽ ڀري کاڌو ڏنو.

هو ڪڏهن به مايوسين جو شڪار نه ٿيو. هميشه پر اُميد رهيو. هو چوندو هيو ته "انسان جڏهن وسوسن ۾ گهيرجي وڃي ٿو ته اهي سڀ وهم حقيقت جو روپ ڌاري هن جي زندگيءَ تي لاڳو ٿي وڃن ٿا. جيڪڏهن هو ڪنهن مصيبت جو تصور ذهن ۾ آڻي ٿو ته مصيبت نه ايندي به هن مٿان نازل ٿئي ٿي ۽ ائين جڏهن هو موت جي باري ۾ سوچي ٿو ته موت هن جي مٿان ايندي ڪا به دير نه ڪري ٿو."

هن هڪ پيشاورانه محنت ڪش جيئن ڪمايو ۽ ڪڏهن به ايندڙ ڏينهن لاءِ روزيءَ جو فڪر نه ڪيو. محنت ۽ قدرت اها هن کي پاڻ ئي نصيب ڪئي. هن وٽ جيڪي آيو دل کولي خرچ ڪيو ۽ پئسي گڏ ڪرڻ لاءِ ڪڏهن به ڪا حڪمت عملي نه جوڙي.

وڌندڙ عمر سان هن جو يقين "ڪارما" ۾ وڌندو ويو. هن کي ڌرتيءَ تي انسان ذات لاءِ ڪارما هڪ اهڙي فلسفي جي صورت ۾ سامهون آيو جنهن تي هلي هر فرد پنهنجي وجودَ جو بار هلڪو ڪري سگهي ٿو. هن ڪارما تي عمل ڪيو ۽ چئن ماڻهن کي ڪنو ڪري انهن کي ڪارما متعلق ٻڌايو ته "زندگيءَ ۾ عمل کي وڏي اهميت آهي. اسان جا عملَ ئي آهن جن ذريعي اسين پنهنجي گناهن جي ڳنڍڙيءَ کي گهٽائي يا وڌائي سگهون ٿا. جڏهن اسين ڪو چڱو ڪم ڪريون ٿا ته اسان جي وجودَ تي سوار گناهن جي ڳنڍڙيءَ جو وزن هلڪو ٿئي ٿو. جڏهن برو ڪم ڪريون ٿا ته اهو وزن جي صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. جڏهن انسان مٿان مصيبت نازل ٿئي ٿي ته اهو هن جي ڪارما جو اثر آهي. جيڪڏهن هو مصيبت کي صبر سان برداشت ڪري ٿو ته ڪارما جو اثر زائل ٿئي ٿو ۽ جڏهن صبر بجاءِ ڪو رد عمل اختيار ڪري ٿو ته هن جي ڪارما ۾ اضافو ٿئي ٿو. رحم ۽ معافي انسان کي ڇوٽڪاري طرف وٺي وڃن ٿا. جڏهن انسان مسلسل چڱايون ڪندو اچي ٿو ته هڪ ڏينهن هن جي ڪارما جي ڳنڍڙي خالي ٿي وڃي ٿي ۽ هو پاڻ کي هلڪو محسوس ڪري ٿو."

هن زبان کي صرف اظهارَ جو ذريعو سمجهيو. هن وٽ ذات نسل قوم ۽ ديسَ جو ڪو به تصور نه هيو. هن کي بس اها ئي خبر هئي ته انسان آهي ۽ ڌرتي آهي. هو موسمن جي آڌار تي لباس سان جسم ڍڪي ٿو ۽ اظهار لاءِ زبان کي چوري ٿو. هن کي دنيا جي سيني مذهبن ۾ هڪ جهڙائي ڏسڻ ۾ آئي. خدا جو وجود اهڙي مرڪز جيان نظر آيو جنهن جي چوڌاري هر شيءِ گول دائري ۾ ڦري ٿي.

سياست سان هن جي دلچسپي نه رهي. پر چونڊ دوران هن پنهنجي ووٽ جي حق کي ضرور استعمال ڪيو.

ڏاتوءَ جي زندگي بهار جي هلڪي هير جيان گلن مٿان گهمندي لنگهي وئي. هن جي حياتي سڪون جو سازُ هئي. خوشيءَ جا ٽهڪَ هئي.

هن هڪ سؤ پنجٽيهن ورهين جي ڄمار ۾ سن 1985ع ۾ وفات ڪئي. مرڻ کان اڳ هو موت کان ڪڏهن بہ نہ ڊنو. هن سڪون ۽ اعتماد سان موت جو انتظار ڪيو ۽ خاموشيءَ سان پاڻَ کي ان جي حوالي ڪري ڇڏيو مرڻ کان اڳ هو ڪنهن بہ تڪليف ۾ مبتلا نہ رهيو. هن پنهنجن ٻارن کي ڪجھ وصيعتون ڪيون، هو سمهيو ۽ ننڊ دوران گذاري ويو. دفنائڻ کان اڳ جنهن بہ هن جو ديدار ڪيو ان هن جي چهري کي تازو توانو ۽ مرڪندڙ محسوس ڪيو.

ڏاتوءَ جي آتم ڪهاڻي پوري ٿي تہ هن ڪِتاب بند ڪري ڪپڙي ۾ ويڙهي واپس قبر تي رکيو ۽ هن جي اک کلي وئي.

هو اٿيو تہ هن پاڻ کي تازو توانو محسوس ڪيو. هن کي ائين لڳو جيئن هو سالن کانپوءِ سڪون جي ننڊ سمهيو آهي.

ان ڏينهن کانپوءِ هن پاڻ کي تبديل ڪرڻ شروع ڪيو ۽ اڳتي هلي محسوس ڪيو جيئن هو ڏاتو آهي.

حليمان

نيٽ هن کي سڀ ڇڏي ويا. اهو ٻالڪ جنهن کي هوءَ پيار مان نانڪ چوندي هئي. آخر جوان ٿيو. سندس شادي ٿي ۽ پوءِ هو شهر ڏانهن هليو ويو. نانڪ هن جي وڏي ڀائٽي ڏاتوءَ جو سڀ کان ننڍو ٻار هيو. ڄمندي ئي يتيم ٿي ويو. سندس ماءُ حاجران جنم ڏيڻ کان پوءِ رب ڏي راهي ٿي. هن کي پالڻ لاءِ ٻيو ڪو به نه هيو. ننڍي نانڪ کي حليمان جي حوالي ڪيو ويو. حليمان کي ڪا به اولاد نه هئي، تنهن وڏي قربَ مان نانڪ کي سيني سان لائي پالنا ڪئي، پوءِ آخر اهو ٻار جوان ٿي هن کان موڪلائي هليو ويو.

حليمان جنهن جي وجودَ مٿان وقت جي واءُ ائين لنگهي وئي جيئن واريءَ جي پٽن مٿان، جنهن جي لڳڻ ڪري اتي گهنج ٿيڻ پوندا آهن. وقت هن کي اداس ۽ اڪيلو ڪري ڇڏيو. هوءَ گهر جي اڱڻ ۾ ڪنڊيءَ جي وڻ هيٺان چپ چاپ ويٺي هوندي هئي، سندس پير ۾ پاٽيءَ جو ٻرمو لڳل هوندو هيو ۽ مٿان ڪنڊيءَ جي وڻَ تي ويٺل ڳيرا پنهنجي آواز ۾ پيا ماضيءَ کي ياد ڪندا هيا. اهو گهر رازق ڏني خاندان جو ان ڳوٺ ۾ آخري نشان ڪيو. پڪسرين ٿلهين پٽين سان اڏيل اهو ڪو خاص وڏو ته نه هيو. پويان ٻه ڪمرا هيس، اڳيان هڪ ڊگهو دالان ۽ اڱڻ جتي پوڙهيءَ جا آخري ڏينهن ڏاڍا خاموشيءَ سان گذري رهيا هيا. گهر جي سڄي پاسي کان هڪ ڏاکڻ هئي جنهن تي وقت ٿيو هوءَ نه چڙهي هئي. ڪيس خبر هئي ته مٿي آڳند جي ڇت گذريل مينهن ۾ ڊهي ڪري پئي آهي. اها هن لاءِ ڏک جي ڳالهه هئي پر سندس وس جي نه هئي. ان جاءِ سان هن جون سڀ يادون وابستا هيون. آڳند جي ڀڳل ڇت ائين هئي جيئن هن جون يادون غير محفوظ ٿي ويون هجن.

حليمان هڪ ڏينهن گهر جي ڪمري ۾ وئي ۽ هن وڏي جست واري پيٽيءَ جو ڍڪ کولي ان مان پراڻن ڪپڙن جون هڙون ٻاهر ڪڍڻ شروع ڪيون. انهن ميرين هڙن ۾ هن پراڻا ڪپڙا سانڍي رکيا هيا ته ڪنهن واندي وقت هوءَ انهن پراڻن ڪپڙن کي ڪٽي رلهي ناهيندي. اتي پراڻين ميرين هڙن ۾ ايترا ڪپڙا گڏ ٿي چڪا هيا جو هوءَ انهن کي ڪٽي آسانيءَ سان هڪ رلهي تيار ڪري پئي سگهي. هن ننڍڙيون هڙون ٻاهر اڱڻ ۾ پيل کٽ تي رکيون ۽ پوءِ هن قينچي هٿ ڪئي، سندس ديد ايتري سلامت هئي جو هن کي ٿلهن شيشن واري عينڪ مان ٿوري جاکوڙ کان پوءِ ڏاڳو ٽپائڻ ۾ ڪا به ڏکيائي نه ٿي رهي هئي.

هن جڏهن پهرين هڙ کولي تہ ان مان ماضيءَ جي دز ائين اڏامي جيئن وقت جو روح ان هڙ ۾ قيد ٿيل هجي ۽ آزادي ماڻي مٿي اڀريو هجي. ان هڙ مان نڪتل پراڻو ڇموڻ رنگ وارو چولو ڏسي پوڙهيءَ جي آهہ نڪري وئي . سندس جوانيءَ جا اهي ڏينهن وري آيا جيڪي تازن ڇمن جيان ڪنهن يادِ جي وڻ ۾ لڙڪي رهيا هيا. اهو چولو جيڪو هن جوانيءَ جي ڏينهن ۾ پاتو ان هڙ اندر اهڙو محفوظ هيو جيئن ڪنهن وقت سندس جواني ان چولي اندر محفوظ هوندي هئي. هن قينچي ڪنئي ۽ ان کي ڪٽي چوڪور چٽيون ناهيون. سئيءَ ۾ ڌاڳو وجهي تيار ڪيو ۽ پوءِ هوءَ چٽين کي ملائيندي ماضيءَ جي انهن گهڙين ڏانهن هلي وئي جڏهن سندس مڙس ستارو جيئرو هيو. جوانيءَ ۾ ان شخصَ جي عظمت ۽ شجاعت جي هاڪَ هوندي هئي. ڳوٺ جو واحد فرد هيو جيڪو طاقت ور ڏاند کي سڱن کان وٺي هيٺ دسي ڪنڌ تي ڪاتي ڦيريندو هيو. پوڙهيءَ ياد ڪيو سندس مٿان بيٺل ڪنڊيءَ جو وڻ سالن کان ساڳيو هيو. ڀيرن جا آواز ساڳيا هيا پر هوءَ ان ڪٽ تي اڪيلي هئي جِتي ڪڏهن ستارو هن جي پر ۾ ويٺل هوندو هيو. هن زندگيءَ جا ٽيهہ سالَ ستاروءَ سان گذاريا پر رب انهن کي اولاد کان محروم رکيو. گهڻا ئي پير فقيرَ رليا. ڳوٺ ڀاهران جيئي شاهہ جي مزارَ تي پڙ چاڙهيائون باسون باسيائون پر انهن کي اولاد نہ ٿي. پوءِ هڪ ڏينهن جڏهن مائي حاجران گذاري وئي تہ تازي ڄاول نانڪ کي هن جوڙي حوالي ڪيو ويو. ان جوڙي چئن ٻانهن سان ان ننڍڙي ٻار کي پالڻ لاءِ ورتو ۽ پوءِ ان ٻالڪَ جي پرورش حليمان جي ئي هنجَ ۾ ٿي. حليمان ان ٻالڪَ سان وڏا منهن ڏنا. ننڍي عمر ۾ ان کي اکين جي ڪا اهڙي بيماري لڳي جو سندس جوانيءَ تائين ان مان جند نہ ڇٽي. تن ڏينهن ۾ ڀوپا اکين جو علاج ڪندا هيا. اهي ڪنهن تيز ڌار آلي سان اکين کي ڇلي صاف ڪندا هيا. حليمان کي اهي هيانءُ ڦاڙ ڏينهن ياد آيا جڏهن ڀوپا ٽولن جي صورت ۾ هڪ ميري رومال ۾ ڪٽ لڳل ڌاري دار اوزار ڪڍي ڪٽ تي رکندا هيا ۽ پوءِ نانڪ کي ٻانهن کان پڪڙي هن جي اکين ۾ اهي اوزار هڻي انهن کي ڇلي صاف ڪرڻ جي دعوا ڪندا هيا.

”اڙي ستارو انهن کي روڪ“ هوءَ رڙ ڪري چوندي هئي“ اهي منهنجي نانڪ جون اکيون ڪڍي ڇڏيندا.“

هوءَ رڙيون ڪري روئندي هئي ۽ ستارو ان آسري ۾ تہ من نانڪ جون اکيون ٺهي پون هن مٿان پئسي کي پاڻيءَ وانگر وهايو. ڀوپا ڪيترا ڏينهن نانڪ جون اکيون ڇليندا رهيا. اهي هر دفعي اکين ڇلڻ کانپوءِ انهن ۾ ڪنڊ جون ڇپٽيون پري وجهي مٿان تازي ڳوٺل مٽيءَ جا گول پها اکڙيءَ سان ٻڌي هليا ويندا هيا. پر نانڪ جون اکيون ويون ٿي ڏينهون ڏينهن خراب ٿينديون. پوءِ اهڙو وقت بہ آيو جو روڳ انهن اکين مان ڳوڙهن جيئن وهڻ لڳو.

حليمان روئي روئي ساڻي ٿي پئي. ستاروءَ هن کي گهڻا دلاسا ڏنا.

”پيو آخر اسان جي وس ۾ ڇا آهي؟“ هن چيو ”اهوئي ته آهي جيڪو اسين ٻالڪ لاءِ ڪري سگهون ٿا.“

نانڪ جي بيماري ڪڏهن ختم نه ٿي. اها سندس زندگيءَ جو حصو بڻجي وئي. پوڙهيءَ رلهي سبندي اکين اڳيان ڏنڊ محسوس ڪيو. هن عينڪ لاهي ڳوڙها اگهيا ۽ پوءِ وري هن عينڪ اکين تي رکي ڇمونءَ رنگ واريون ڇٽيون پاڻ ۾ ملائڻ شروع ڪيون. هن کي ياد آيو ستاروءَ لاءِ انهن ڏينهن سندس بهادريءَ جا ڪيڏا نه قصا مشهور هيا، پر هوءَ محسوس ڪندي هئي ته انهن ۾ وڌاءُ آهي. ماڻهو هن جي پهلوان شخصيت مان ڪجهه وڌيڪ متاثر هيا. هن لاءِ مشهور هيو ته هو ڏائڻن سان راتيون گذاريندو آهي. اهو ياد ڪري پوڙهيءَ شرم کان رئو سوري پنهنجي مٿي تي رکيو. تن ڏينهن ڳوٺ کان ٻاهر ٻنيءَ تي نهيل پيهي مٿان ستاروءَ جون راتيون گذرنديون هيون. ڳوٺ ۾ اهي ڳالهيون عام هيون ته رات جو اڪثر ڏائڻيون چرخ تي چڙهي روشنيءَ وارو گولو هيٺ مٿي اڏاريندون اتان لنگهندي ڏٺيون ويون آهن. هڪ اهڙي ئي رات جڏهن ستارو پنهنجي ٻنيءَ واري پيهي تي ستل هيو ته ڪا ڏائڻ چرخ تي چڙهي پريان روشنيءَ جو گولو هوا ۾ اڏاريندي پئي آئي. ستارو پيهي جو پاسو وٺي لڪي ويهي رهيو. جڏهن ڏائڻ اتان لنگهي ته هن ٽپو ڏئي چرخ پويان چڙهي وڃي هن جي چوٽيءَ ۾ هٿ وڌو. هن ڏائڻ کي هيٺ ڪيري چاقوءَ سان هن جون ڪڙيون وڍي ڇڏيون. ڏائڻ بي وس ٿي وئي. ان جو طلسم ۽ طاقت ٽٽي پيا. پوءِ چون ٿا ته هو ڏائڻين کي نه بخشيندو هيو ۽ آخر ۾ انهن کي جيئندان ڏئي واپس چرخ تي ويهاري ڇڏي ڏيندو هيو. پوڙهيءَ لاءِ اهي سڀ شرم جهڙيون ڳالهيون هيون جيڪي نه چاهيندي به سندس دماغ ۾ اچي رهيون هيون.

مرڻ کان ڪجهه مهينا پهريون ستاروءَ کي سج لٿي مهل ٻاهران سڏ ٿيندا هيا. پوڙهيءَ کي اڄ به اهي پراسرار سڏ ياد هيا جيڪي هن پنهنجن ڪنن سان ٻڌا.

”ستارو....... اڙي او ستارو!“ وڏي واڪ اونده مان گهر ٻاهران ڪو هن کي پڪاريندو هيو ۽ جڏهن ستارو تيزيءَ مان در ٽپي ٻاهر نڪرندو هيو ته اتي اونداهه ۾ ڪو به موجود نه هوندو هيو. انهن سڏن جا آواز ڪيترين راتيون ايندا رهيا، پر باوجود ستاروءَ جي هر ممڪن ڪوشش جي هو ان شخص کي نه ڏسي سگهيو. هو سوچيندو هيو ته آخر اهو ڪير آهي جيڪو هن کي روز سڏي ٿو؟ هن ڪنهن سياڻي کي جڏهن ان ڳالهه کان آگاهه ڪيو ته تنهن سندس موت جي اڳڪٿي ڪئي. ستارو تنهن ڪانپوءِ ٽي مهينا جيئرو رهيو ۽ سندس ويني ويني اوچتو موت ٿيو.

رلهي سبندي پوڙهيءَ جڏهن ڇمونءَ رنگ جي آخري ڇتي هنئين تہ سندس اکيون ڏنڊ لڪيون ٿي ويون. ٻہ ڳوڙها هيٺ ڪري هن جي ڳهنجن ۾ وهي ويا.

هن جڏهن ٻي هڙ کولي تہ ان مان ميناڻي رنگ جا سوٽي ڪپڙا نڪتا. هن انهن .کي هلڪو ڇنڊڪو ڏنو. ڏوڙ اڏامي ۽ ان ڏوڙ جي ڏنڊ اندر ڪيترا عڪس اکيون ڦاڙي پوڙهيءَ طرف ڏسڻ لڳا. هن وري قينچي سڌي ڪري ڪپڙن کي ڪٽيو. ميناڻي رنگ جي ڇتين کي سئيءَ سان سبندي هن جي يادن جو سلسلو هڪ دفعو وري ماضيءَ سان جڙي ويو.

اهو ساڳيو جوڙو هيو جيڪو هن کي ان وقت پاتل هيو جڏهن هوءَ ان ساڳيءَ جاءِ جي مٽين ماڙ تي ڪليل دريءَ مان رڙيون ڪري روئي رهي هئي. هيٺ دالان ۾ پينگهي اندر ننڍڙو نانڪ گهري ننڊ ۾ ستل هيو. اهو اهوئي وقت هيو جڏهن وڏيري قلندر بخش جا ڪُتا سوئر پويان ڀونڪندا پئي آيا. هڪل ڪانپوءِ ٻيلي مان تاهہ ڪائي سوئر ڳوٺ طرف ڀڳو هيو. ڳوٺ جا ماڻهو خوف مان در ۽ دريون بند ڪري گهرن ۾ قيد ٿي ويا هيا. سوئر ٻيو ڪو رستو نہ ڏسي حليمان جي گهر جو ڪليل در ڏسي ان ۾ اندر ٽپي پيو هيو. ان وقت هوءَ مٿي آڳند وٽ ڏوتل ڪپڙا اُس ۾ سُڪڻا وجهي رهي هئي. پريان هڪل ٿي. ماڻهن جو لڙ ٿيو ڪُتا ڀونڪيا ۽ هن دريءَ مان هيٺ اڱڻ ۾ ليئو پاتو. جهنگلي سوئر سندس گهر جي چائنٺ ٽپي اندر داخل ٿي چڪو هيو. هن ونئي رڙيون ڪيون.

”اڙي منهنجو ننڍڙو نانڪ هيٺ پينگهي ۾ ستو پيو آهي“ هن ٻئي هٿ ڪٽي پنهنجي مٿي ۾ هنيا“ اڙي ان کي بچايو.“

وڏيري جا ڪمدار اکيون ڳاڙهيون ڪري پويان ڪتن کي جهليون بيٺا هيا.

”مائي هيٺ نہ لهجانءِ“ ڪنهن رڙ ڪري هن کي چيو“ اتي بيهہ اسان ڪو بندوبست ڪيون ٿا.“

ڪنهن کي همت نہ ٿي جو اڳتي وڌي سوئر ۾ هٿ وجهي. ستارو ڪنهن ڪم سانگي ڳوٺ کان ٻاهر ويل هيو. سوئر سڄي گهر ۾ گهميو. هو دالان ۾ ويو ۽ نانڪ جي پينگهي کي ٽوٽيون هنيون. پينگهو تيز جهولڻ لڳو. نانڪ پينگهي ۾ آرام سان اکيون ٻوٽي ستل هيو. سوئر اتي لڪڻ لاءِ ڪا مناسب جاءِ نہ ڏسي واپس در ڏانهن موٽيو. حليمان ٻڪندي هيٺ آئي ۽ ڪٽي در کي ڪنڍو چاڙهيائين. پينگهي وٽ پهچي ننڍڙي نانڪ کي ٻانهن ۾ ڪٽي سيني سان لاتائين. ٻالڪ جاڳيو ۽ ان روئڻ شروع ڪيو.

سوئر سنهي گهٽيءَ مان نڪري ڪٻي پاسي ڳوٺ جي پڌر ڏي مڙيو تہ ڪتا ڪڍ لاتائونس. سوئر تاهہ ڪائي ونئي ڪڙين تي زور ڏنو سامهون ولي محمد ڪوري اچي ويس. ٽوٽيءَ تي ڪٽي جيئن ئي ولي محمد کي پري ڦٽو ڪيائين تہ سوئر جي ڪاتن رانون چيري رت ۾ ڳاڙهو ڪري ڇڏيس. همراهہ رڙيون ڪري هيٺ ڪريو. سوئر پويان ڪوڪرا پئجي ويا ۽ نيٺ قابو ڪري وڏيري جي ڪوٽ طرف ونئي

ويس. ويچارو ولي محمد سور کان ڦٿڪندو رهيو. ڳوٺ جي حڪيم هادن سندس چڱي چڪاس کان پوءِ وڏيري قلندر بخش کي صلاح ڏني ته ڳائي کير جي پيريل ڪونر ۾ هن کي اگهاڙو ڪري رکيو وڃي جيئن کير هن جي زخمن کي ٺاري سگهي. ولي محمد حليمان جو سڳو ماسات هيو. نانڪ ته بچي ويو پر ماسات جي حالت ڏسي هوءَ اندر ۾ پڇرندي رهي. هن کي ان جا اهي زخمَ ياد هيا جيڪي کنهن ڏاڍي جيئن ڊگها هيا ۽ انهن جي گهرائيءَ مان تيزيءَ سان رت رسيو پئي. هن کي ولي محمد چڱيءَ طرح ياد هيو جيڪو وڏيري جي اوطاقَ ٻاهران هڪ ڪونر اندر کير ۾ اگهاڙو سمهيل هوندو هيو. ڪجهه ڏينهن کان پوءِ ماڻهن ڏٺو اهو کير پيلي رنگ ۾ تبديل ٿي ويو. حڪيم هادن ماڻهن کي سمجهايو.

”اهو کير زخمن جو زهر چوسي پيلي رنگ ۾ بدلجي چڪو آهي“. هن هر کنهن کي خاطري ڏني.

کير کي ٻه چار دفعا تبديل ڪيو ويو جيئن سمورو زهر تازي کير ۾ رسجي ختم ٿي وڃي، پر ڪجهه ڏينهن کانپوءِ ان ڪونر مان ولي محمد جو لاش ڪڍيو ويو. هن جا زخمَ حد کان وڌيڪ هيڊا ۽ بدبودار ٿي چڪا ٿيا. جسم اهڙو اڇو هيس جيئن کنهن مصر جي مميءَ تي ململ ويڙهيل هجي.

جنهن وقت ماڻهو ولي محمد کي دفنائي رهيا هيا ان وقت وڏيرو ڪوٺ اندر ان ساڳي سوئر جي کتن سان ويڙهه ڏسي رهيو هيو ۽ هر هر سٽر تي هٿ هڻي ٽهڪ ڏئي رهيو هيو.

پوڙهيءَ خاڪي رنگ جي آخري چتين کي ڳنڍيندي محسوس ڪيو ته ان رنگ ۾ جڻ ولي محمد جي قبر جي مٽيءَ جو رنگ سمايل هجي.

هن نا مڪمل رلهيءَ کي مٽي ڪري ڏٺو. هن جي پوڙهن هٿن ۾ اجان ٻه ساڳيو ڏانءُ هيو. سڀ چتيون هموار ۽ سڌيون سيبتيون لڳل هيون. پر رلهي اجان نا مڪمل هئي.

هن جڏهن نئي هڙ کولي ته ان مان سندس سوڪڙيءَ طور مليل هيڊي رنگ جا ڪپڙا نڪتا. ڪپڙا ڪافي پراڻا ۽ هنڌين ماڳهين ڏاڳن مان نڪتل هيا. انهن جو رنگ ڦٽيل هيو پر هن جي من تي چڙهيل ان هيڊي رنگ جو تهه اجان تازو هيو. انهن هيڊن ڪپڙن کي ڏسي هن کي سکونتي ياد اچي وئي. اجان ورهاڱو نه ٿيو هيو ۽ ڳوٺ ۾ ڪافي گهر هندن جا هيا. ڳوٺ جي وڏي پڌر وٽ چوڌاري هندن جا هٽ هوندا هيا. اهو ڏاڍو سهانگو ۽ عزت ڀريو وقت هيو. ماڻهو کنهن خوفَ کانسواءِ امن ۽ آشتيءَ سان رهندا هيا.

حليمان پيلي جوڙي کي ٻاهر ڪڍي چندي ڦوڪي، ڦينچي کڻي ان کي اهڙي ته پيارَ مان ڪٽيو جو هر چوڪور چتيءَ اندر هن کي سکونتيءَ جو چهرو پئي نظر آيو. هن کي اهي هيڊي رنگَ جون چتيون ڏاڍي سان سبندي محسوس ٿيون جيئن هوءَ گينڊي جي گلن کي هارَ ۾ پوئيندي هجي. ان جي هر حصي

۾ هن جي وچڙيل ساهڙي سڪونتيءَ جو چهرو سمايل هيو. صدين کان امن ۽ پيارَ سان رهندڙ ان ڳوٺَ جي رهواسين ڪڏهن الڳ ٿيڻ جو تصور بہ نہ ڪيو هيو.

پوڙهي حليمان کي ياد آيو ان رات ڳوٺ جي ڏاڪٽي پاسي ڏانهن بندوقن جا ٺڪاءَ ٿيا، هن کي هڪ گهري سانت ڪانپوءِ ماڻهن جي ڀڄڻ ڪري پيدا ٿيندڙ قدمن جا آواز ٻڌڻ ۾ آيا. پوءِ هل ٿيو ۽ خبر پئي تہ ٻروچن ٽي هندو ماري وڌا آهن. اهو ڳوٺ ۾ ٿيل پهريون وڏو واقعو هيو.

ڪجهہ سالَ پهريون حليمان ٻڌو هيو تہ رڪ اسٽيشن تي ڀڳت ڪنور رام کي گولي هڻي ماريو ويو. اها خبر ٻڌي چڻ هن جي ڪنن ۾ خاموشي واسو ڪري وئي هئي، اهي سريلا آواز ڪيڏانهن عرش ڏي اڏري ويا هيا.هن کي ڳوٺ ٻاهران شاهہ جي پڙ ۾ اهي راتيون ياد آيون جڏهن پوري رات اتي صوفي فقيرن جو راڳُ ٿيندو هيو ۽ پوئين پهر اسر ويل جڏهن ٽڏڙي هير ۾ اتي ڀڳت ڪنور رام ڳائيندو هيو تہ ماڻهو هن جي آواز تي زار و قطار روئيندا هيا. حليمان جي هٿن ۾ جهليل هيڊيون چتيون واءُ ۾ ڇٽيل پپل جي زرد پنن ۾ بدلجي ويون. جنهن رات ڳوٺ ۾ ٽي هندو مئا ان رات صبح سان هن پهريون دفعو ٻڌو تہ مسلمانن لاءِ هڪ الڳ ملڪ ٺهي رهيو آهي. هوءَ جڏهن سڪونتيءَ وٽ وئي تہ اتي هرڪو پنهنجو سامان سڙو ميڙي هڪ هنڌ گڏ ڪري رهيو هيو. هن سڪونتيءَ کان ان جو سبب پڇيو.

”موهن جو پيءُ چوي ٿو تہ اسان کي هيءُ ديس ڇڏڻو پوندو“ سڪونتي جيڪا تمام گهڻي منجهيل هئي ۽ جنهن کي شايد ڪا بہ خبر نہ هئي تہ هن جي منزل ڪنهن طرف آهي، تنهن حليمان کي ڏاڍي ڏکوئيل آواز ۾ چيو.

”پر سڪونتي...... هي پڪا، هيءُ ڳوٺ، ڏنڌا ڏاڙي ڇڏي اوچتو تون هلي وينديئن“ حليمان جنهن کي يقين ئي نہ پئي آيو تنهن چيو. پوءِ رلهيءَ ۾ پيليون چتيون هڻندي حليمان کي لڏيندڙ اُهي. اڇي لِباسَ وارا هندو ياد آيا جن جون ناريون آلين اکين سان وات جي ڪنڌ ۾ روا ڦاسائي ٽانگن تي سوار ٿي رهيون هيون. سڪونتيءَ موڪلائڻ مهل اهو پيلو جوڙو حليمان کي ڏنو. هن ياڪر پائي موڪلايو ۽ اڄ سالن کان پوءِ سندس ساڳيو چهرو انهن چوڪور پيلن چتين اندر موجود هيو. حليمان کي گهڻا سال گذرڻ کان پوءِ بہ اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ آخر مسلمانن جي ملڪ ناهڻ جو ڪهڙو ضرور هيو؟

رلهي ناهيندي حليمان جي روحَ کي ڄڻ سڪون پئي محسوس ٿيو. پيلي رنگ جون چتيون سڀ ۾ پوئجي ويون هيون، هن رلهيءَ کي ڪٽ تي وڇائي ڏٺو اها اڃان اڌ ڪٽ جيتري مس هئي. هن جڏهن وري هڪ نئي هڙ کولي تہ ان مان هڪ هلڪي سائي رنگَ جو چولو نڪتو جنهن تي آر سان پريل ڪاري رنگَ جا گُلَ ڏسي هن کي مريم ياد اچي وئي. هن پنهنجا ڏڪندڙ هٿ ان چولي تي ڦيري سڏو ڪيو پوءِ ڦينچيءَ سان ان کي ڪٽي هوءَ وري يادن ۾ ويڙهجي وئي. اهو ساڳيو چولو هيو جيڪو هن

آخري دفعو ان وقت پاتو هيو جڏهن مائي مريم دنيا مان لاڏاڻو ڪري وئي. هن سڄي ڳوٺَ ۾ مريم جهڙي سهڻي عورت ڪونہ ڏٺي. نانڪ جو مڱڻو هن جي ننڍي ڏيءَ سان ٿيل هيو. مريم جو مڙس احمد علي پنهنجي وقتَ جو جاڻنو جوان هيو. هو هڪ قداور شخص هيو. سندس ڇاتي ويڪري ۽ رعبدار منهن تي مٿي ٿيل مڇون هونديون هيون. تن ڏينهن جڏهن غريب جي گهر ۾ لٽ بہ نہ هوندي هئي تہ هن جي ور ۾ طمنچو پيل هوندو هيو. ڳوٺ جي ڪنهن ماڻهوءَ کي همت نہ ٿيندي هئي تہ احمد عليءَ سان پلوءُ اٽڪائي. جڏهن بہ گهر جو سودو ڪٺندو هوس تہ رات جو ڪنهن سکيي گهر ۾ گهري اتان ڪٽي ايندو هيو. گهر ڏٺي پل جاڳندا هجن ۽ ڏسندا هجن پر سندس هٿ ۾ جهليل طمنچي اڳيان ڪنهن کي همت نہ ٿيندي هئي تہ ڪٽ تان اٿي هن کي جهلي يا رڙ وات مان ٻاهر ڪڍن. احمد علي پنهنجي وقت جو دلير ۽ نرچو انسان هيو ان جي ڀيٽَ ۾ مريم هڪ نرم دل ۽ وفا شعار عورت هئي. ان عورت جي خوبصورتيءَ کي ڏسي ماڻهو رشڪ ۽ حيرت کائيندا هيا تہ احمد عليءَ جهڙي سخت ۽ کهري شخص جي حصي ۾ آخر اهڙي سهڻي عورتَ ڪيئن آئي؟

حليمان کي هلڪي سائي رنگَ جون چتيون هٽنديون نظر اڳيان عبدالله جو چهرو اچي ويو. عبدالله مريم جو ننڍو ڀاءُ هيو. چهري تي هلڪي ڇاپٽي ڏاڙهي هوندي هيس جنهن مان هن جا عورتن جهڙا ڳاڙها ڳل ظاهر ٿيندا هيا. هڪ دفعي ڳوٺ ۾ ماڇين جي محلي وٽان لنگهندي کو ڇتو ڪتو اچي ٽنگن ۾ وچڙيس جنهن چڱا چڪ هڻي زخمي ڪري وڌس، حڪيم هادن ۽ پير شاهہ ڪجهہ ڏينهن هن جو علاج ڪيو. ساون مرچن کي زخمن تي رکي پٽيون ٻڌيون پر افاقو نہ ٿيس. ٿورن ڏينهن کان پوءِ جڏهن عبدالله پاڻيءَ کي ڏسي ڇرڪيو تہ سڀ سمجهي ويا تہ هاڻي سندس بچڻ ڏکيو آهي. مرڻ کان ڪجهہ ڏينهن پهريون عبدالله جي وات مان گگ وهڻ لڳي تہ هو ڇريائپ جي دورن کان پوءِ گذاري ويو.

ساڳيو ڇتو ڪتو ڳوٺ ۾ پيو گهمندو هيو پر ان کي مارڻ جي ڪنهن همت نہ ڪئي، آخر ان کي مارڻ لاءِ احمد عليءَ هڪ هٿ ۾ ڪهاڙي کنيي ۽ ٻئي هٿ ۾ واڻ کان جهلي ڪٽ اڳيان ڏئي ان ڪتي سان مقابلو ڪيو. ڪتي جيئن ئي الر ڪيس تہ ڪٽ اڳيان ڏئي هٿ ۾ جهليل ڪهاڙيءَ سان ڏڪ هڻي مٿو ڦاڙي ڦٽو ڪيائينس. ڀاءُ جي وفات کانپوءِ مريم گهڻو وقت جيئري نہ رهي.

پوڙهي حليمان هلڪي سائي رنگ جون چتيون ملائيندي مريم جي موتَ تي سوچيو. هن کي جوانيءَ ۾ مريم جي موتَ جو ڪو سبب سمجهہ ۾ نہ آيو. شايد احمد عليءَ جي ڪيل ظلمن ۽ مار کان هوءَ بيمار ٿي دنيا مان رخصت ٿي يا آخري وقت سندس وات مان خون اچڻ جو سبب ڪا ڳجهي بيماري هئي جيڪا حڪيمن کي سمجهہ ۾ نہ آئي. هن کي ياد آيو جڏهن هوءَ دوا لاءِ شيشي کڻي مريم سان علاج لاءِ حڪيم هادن وٽ وئي هئي تہ حڪيم هادن هن جي پيٽ کي چڪاسيندي ڇيو هيو.

”مائي تنهنجا ڦڦڙ خراب آهن. جلاب ڏيانءِ ٿو نيڪ ٿي ويندين“ مريم جوانيءَ ۾ ئي رب ڏي راهي ٿي. سندس ٽي ٻار ڄاوا. ٻه ڏيئر هڪ پٽ. حليمان کي ياد هيو جڏهن هن کي آخري اولاد جيڪو سندس پٽ هيو پيدا ٿيو ته ٻاهر گهٽيءَ ۾ ڪجهه ماڻهو ورهاڱي وقت نئين ملڪ جا نعرا هڻي رهيا هيا. ان رات نئين چانورن ٻار ايڏو ته تيز مُٺيو هيو جيئن اُهو مُٺ هن گهٽي وقت کان روڪي رکيو هجي. سندس اڳهاڙن سٿرن وٽان اهو مُٽ تيزيءَ سان اُيريو ۽ هر ڪنهن ٿهڪ ڏئي پاڻ بچايو هيو. حليمان جي منهنَ تي مرڪَ اچي وئي. هلڪي سائي رنگَ جون جڏهن آخري چتيون هٽي هن هڪ ٻئي نئين هَڙ ڏانهن هٿ وڌايو ته هن جي پوڙهي منهن تي خوشگوار مرڪَ هئي. هن جڏهن هڙ کولي ته ان مان ڪاري رنگ جا پراڻا ڦاٽل ڪپڙا نڪتا. انهن تي نظر پوندي هن کان آهه نڪري وئي.

”هئي حُسين“ هن چيوءِ پوءِ هن قينچيءَ سان انهن کي ڪٽي هڪ دفعو وري سئيءَ سان ملائڻ شروع ڪيو. هن ڪاريون چتيون هٽندي اهي ڏينهن ياد ڪيا جڏهن هر محرم تي هوءَ اهي ڪپڙا اوڍيندي هئي. هن کي پراڻن ڏينهن جي ڊوڙ ۾ هڪ چهرو لٽيل نظر آيو. اهو چهرو هن جي پائٽي زوار احمد جو هيو. پن جي ٻيڙي پيئندڙ زوار احمد جيڪول ٻيڙيءَ مان ٻيڙي دکائيندو هيو. ان جي مجلس کي ياد ڪري هوءَ ڪاري رنگ جي چتين کي چُمي زارو قطار روئي پئي. هن ميرين اڳڙين سان اکين کي اگهي عينڪ پائي ڪاري رنگ ۾ اهي ڏينهن ڏٺا جڏهن زوار احمد سيدن جي پڙ تي ٻيهي ننڍڙي اصغر جو جهولو جهولي مجلس ۾ ڪربلا جو قصو بيان ڪندو هيو. اهو هڪ قداور ۽ سنهي جسم وارو شخص هيو. مٿي ته سدائين ڪاري رنگَ جي هلڪي پڳ ڍڪيل هوندي هئي ۽ جسم تي ململ جي ڊگهي قميصَ جيڪا گوڏن کان هيٺ تائين لڙڪندي هئي. هن جو آواز ڪڙو ۽ لهجو صاف هوندو هيو. اهڙي ته سوز ۽ سريلي آواز سان سرائڪي ۽ سنڌيءَ ۾ مجلس پڙهندو هيو جو هر ڪو ٻڌڻ ۾ محو ٿي ڳوڙها ڳاڙڻ تي مجبور ٿي پوندو هيو. واندي وقت هو اڪثر ڳوٺ جي وڏي در وٽ نهيل امام بارگاهه ۾ نم جي وڻ هيٺان تڏي تي ويٺل هوندو هيو. هن جي چوڌاري ماڻهن جو ميلو متل هوندو هيو. ڪچهريءَ جو مور هيو. سندس ڄاڻ سڃاڻ هر مومن سان هئي. اهو امام بارگاهه چڱو وسيع ۽ هڪ ميدان جي صورت ۾ هوندو هيو جنهن جون حدون ڪنڊن ۽ ڪانڊيرن سان مقرر هيون. پاسي سان هڪ ڪچي ڪوٺي نهيل هوندي هئي ۽ وچ تي پاٽيءَ جو برمو لڳل هوندو هيو. ان برمي جو پاڻي اهڙو ته مِٺو ۽ ٿڌو هوندو هيو جو مولائي جڏهن ٻه گهوٽيل سائيءَ ۾ ملائي پيئندا هيا ته انهن کي ڳوٺ جهڙي ٻي ڪا ٻه جنت نظر نه ايندي هئي. هر سال وڏيري قلندر بخش جي اوطاق تي امام جعفر صادق جي ڪونڊن جي دعوت ٿيندي هئي. نڪر جي ڍڪڻين ۾ ڪيرٽيءَ کي سينگاري رکيو ويندو هيو. هڪ ٿاهوڪي کٽ تي وڏيرو قلندر بخش وهاٽي تي آهليو پيو هوندو هيو. هڪ ٻئي کٽ تي ڪجهه ماڻهو زوار احمد سان ويٺل هوندا هيا. ڪمي

ڪاسبي هيٺ غلم تي گوڏا پيچي ويهندا هيا. دعوت ڪان پهريون وڏيرو زوار احمدکي اشارو ڏيندو هيو:
”ها زوار شروع ڪر!“

هر سال جيان زوار احمد سمجهي ويندو هيو تہ هن کي امام جعفر صادق جو قصو بيان ڪرڻو آهي. هو ٻيڙيءَ جو ڏکهو ڪش هڻي کنگهي ڳلو صاف ڪندو هيو ۽ پوءِ ساڳيو قصو اهي تہ اندازَ سان بيان ڪندو هيو جو اهي ماضيءَ جا سڀ منظر جڻ اکين اڳيان دهرائجي ويندا هيا. قصو ٻڌائيندي جڏهن هوچوندو تہ ”مار جڏهن جو رومال کولي ڏسن تہ اتي امام جعفر صادق جي منڍيءَ جي جاءِ تي هڪ وڏو گدرو ويڙهيل آهي.“ تہ واهہ واهہ ٿي ويندي هئي.

”سبحان تنهنجي قدرت“ سونين والين پاتل ڪاڪو سچل چوندو هيو ۽ ٻيا سڀ ان جي تائيد ڪندا هيا.

تن ڏينهن مرحوم مريم جي نندي پاءُ سچل جي گهر اڳيان سندس وڏي پڊر ۾ پهرين محرم جي چنڊَ سان تابوت سينگارجڻ شروع ٿي ويندا هيا. سچل جو گهر ڳوٺ جي اترئين پاسي ان ڪنب جي ڪناري تي هوندو هيو جيڪو ڪڏهن نہ سڪو. اونهاري ۾ ان ڪنب اندر ايترو پاڻي ڪنو ٿي ويندو هيو جو ڪناري اڏيل سچل جي گهر جون پيتيون جڻ ان ۾ وهنجنديون هيون. سياري ۾ آڙين جا ولر اتي پيا لهندا هيا ۽ اڏرندا هيا ۽ ڪناري جي آلي مِٽيءَ ۾ ڪوٽيل سوراخن اندر ٽپڻين جي ٻچن جي ڦڙ ڦڙ پئي ٻڌبي هئي. ڪنب جي ڪناري پرسان ڪبڙن جون قطارون هيون، مند ۾ اهي پيرن سان ائين جهنجهجي ويندا هيا جيئن انهن ۾ ماتا ڦهلجي وئي هجي. دنيا جون سڀ کان خوبصورت پنپوريون انهن ڪبرن جي آس پاس ئي اڏرنديون هيون.

ڏهين محرم تائين مختلف رنگن جا چمڪندڙ ڪاغذ ڪٽي اهڙا تہ خوبصورت گل تيار ڪياويندا هيا جو انهن مان خوشبوءِ اچڻ جو احساس ٿيندو هيو. تابوت سينگاري ڏهين محرم تي ڳوٺ جي گهٽين مان گذاريا ويندا هيا. اٺ ڏهہ لنگها جلوس اڳيان ايڏو تہ دهلن کي تيزيءَ سان ڪٽيندا هيا جو انهن جي دل ڏاريندڙ آواز تي هينان ڌڌڙ پئي اڏامندي هئي. ڪئي هٽ هڪ مهل مٿي بلند ٿي سينن تي لڳندا هيا ۽ انهن جا زپڪا دهلن جي آوازن سان هڪ لئي ۾ ٻڌبا هيا. عورتون گهرن جي ڪوٺن تي بيهي ڏسنديون هيون ۽ اهو ڪارو چولو حليمان کي ان وقت پاتل هوندو هيو جڏهن زوار احمد جي سربراهيءَ ۾ نڪتل اهو محرم جو جلوس هن جي گهر اڳيان لنگهندو هيو.

حليمان ڪاري رنگ جون چتيون هٽندي جڻ اونداهہ ۾ خواب ڏسي رهي هئي. انهن ڏينهن ڳوٺ ۾ بجلي نہ هئي ۽ ڳوٺ جي پڊر ۾ پنج شيشي جا خوبصورت فانوس لڳل هوندا هيا. سج لٿي مهل انهن ۾ تيل وجهي ڏيئا ٻاريا ويندا هيا. زوار احمد هڪ ڪٽ تي ويهي ٻيڙيءَ جا سوٽا هڻندي ڳالهہ ڪٽندو هيو ۽

پوءِ اتي پڏر ۾ ٻرندڙ فانوسن جي روشني هيڊي رنگ مان ڦري تيز سچ جهڙي ٿي ويندي هئي. اتي ڪيترا سمنڊ وهي پوندا هيا. بادشاهن جي چمڪندڙ پوشاڪن جا تجلا هوندا هيا ۽ ڪنيزون هونديون هيون جيڪي هٿ ٻڌي ڪنڌ هيٺ جهڪائي ڳوٺ وارن اڳيان بيٺيون هوندون هيون. سوين سيلاني سفر ڪندا ڪنهن خزاني جي ڳولها ۾ ويندا نظر ايندا هيا. اتي نڳ ۽ جادوگر نظر ايندا هيا. خوبصورت شهزادا عشق ۾ مبتلا ٿي پکين ۾ تبديل ٿي ويندا هيا. گجندڙ ديوَ ۽ تجلا ڏيندڙ شهزورن جون انهن جا عضوا ڪٽيندڙ تلوارون هونديون هيون. وڇوڙن جا دردَ هوندا هيا ۽ ميلاپ جا ٽهڪ هوندا هيا. زوار احمد جي واتَ مان نڪتل دونهون عجب عڪس ٺاهيندو فضا ۾ بلند ٿيندو هيو. ڳالهه ڪٽڻدي زوار احمد جو انداز اهڙو هوندو هيو جيئن هو انهن سڀني بادشاهن کان وڏو بادشاهه هجي.

حليمان ڪاري رنگ جون چٽيون هٽي بس ڪئي ته هن محسوس ڪيو جيئن زوار احمد جو ڪو ڪنيل قصو پنهنجي انجامَ کي پهتو هُجي. حليمان جڏهن وري هڪ ڀئي هڙ کولي ته ان مان ناسي رنگ جو ڦاٽل پراڻو جوڙو نڪتو. اهو ان وقت جو يادگار هيو جڏهن ڳوٺ ۾ ڪالرا پئي. هن قينچي کڻي ان کي ٽڪر ڪيو ۽ پوءِ هوءَ ان کي ڏاڍي سان سبندي هڪ دفعو وري ماضيءَ ڏانهن موٽي وئي.

تن ڏينهن ڪجهه ماڻهو سکر کان فاضل شاهه جي ميلي تان موٽيا هيا. انهن اتي ٿاڌل پيتي هئي. ڳوٺ آيا ته ونجي ويا. اهو چوٻول ٿيو ته ڪالرا اچي وئي. ڏسندي ئي ڏسندي اڌ ڳوٺ بيماريءَ ۾ ونجي ويو. گهرن ۾ روڄ راڙا شروع ٿي ويا. جِتان لنگهه ته ڪو جنازو پيو نڪري. حڪيم هادن ڳوٺ ڇڏي ڀڄي ويو ۽ پير شاهه ماڻهن کي اهڙا ڪک ڏنا جو انهن جا جُلابَ اجان به وڌي ويا. پيو ڪو وس نه ڏسي ماڻهن بيمارن کي وڃي جيئي شاهه جي مزارَ تي رهائيو. مزارَ اڳيان پورو ميدان اهڙن مريضن سان ڀرجي ويو. پوڙهي حليمان کي اهي ناسي چٽيون ڳنڍيندي ناسي اکين واري عنائتان ياد اچي وئي. عنائتان نانڪ جي وڏي ڀيڻ هئي. اهي ڏاڍا ڏکيا ڏينهن هيا. حليمان اهي ڏينهن ياد ڪري ڏکي وئي. هن کي ياد هيو جڏهن نانڪ ۽ سندس وڏو ڀاءُ جيڪو پنهنجي پيءُ سان گڏ رهندو هيو ڪالرا وگهي شاهه جي ميدانَ ۾ الٽيون ڪري ليٽڙيون پائي رهيا هيا. حليمان هر هر هٿ کڻي جيئي شاهه کي عرض پئي ڪيا: ”سائين منهنجي نانڪ کي حياتي ڏي..... هن کي بچاءِ!“

هوءَ نانڪ جي حالت ڏسي ڏاڍي رُني هئي. عنائتان ڀائرن جي سارَ سنڀالَ ۾ ڪا به ڪثر نه ڇڏي. اها چڱي ڀلي هئي. هڪ ڏينهن ڀائرن جي نه سڌرندڙ حالت ڏسي ان عرشَ ڏي هٿ بلند ڪري الله کي عرض ڪيو: ”اي رب منهنجي جان وٺ ۽ منهنجي ڀائرن کي بچاءِ!“ خدا جي قدرت اهڙي ٿي جو ڏسندي ئي ڏسندي ٻئي ڀائر بيماريءَ مان ٻاهر نڪري آيا ۽ عنائتان بيماريءَ ۾ اهڙي جڪڙي جو ڪنوارپ ۾ وڃي رب سان ملي. اهو هڪ اهڙو معجزو هيو جنهن حليمان کي حيران ڪري ڇڏيو.

عنائتان جي وفات وقت عمر سورنهن سالَ هئي. رازق ڏني خاندانَ جي ٻين ڇوڪرين جيان ان جون اکيون سرمئي ناسي هيون. پوڙهي حليمان جي هٿن ۾ جهليل انهن ناسي اکڙين ۾ ان ڇوڪريءَ جي اکين جو رنگ هيو. ڪالرا جي ڏينهن ۾ ساڳيو جوڙو نانڪ جي تيمارداريءَ وقت حليمان کي اوڍيل هيو. هن کي ياد هيو جڏهن ستارو ڏينهن رات قبرون کوٽي ٽڪجي پيو هيو تڏهن ٿوري دير لاءِ هو گهر ايندو هيو تہ ان جي ڪپڙن مان ڇيڪي مٽيءَ جي بوءِ ايندي هئي. ان ڇيڪي مٽيءَ ۾ عنائتان بہ دفن هئي جنهن پنهنجي جان جونڌرانو ڏئي پائر بچائي وڌا هيا.

پوڙهيءَ ناسي رنگ جون ڇٽيون ٽوپي رلهيءَ کي ڏنو. اتي مختلف رنگن ۾ ڇڻ سندس جسم جا حصا ٽوپيل هيا پر نا مڪمل, اجان هن جو ڪم پورو نہ ٿيو هيو. هن جو وقت سئوءِ مصروف گذري رهيو هيو. هن محسوس ڪيو زندگي ڪجهہ نہ آهي هڪ ياد آهي جيڪا هن جي پيرن جي پٺين پاسي ڪنهن فاصلي جي صورت ۾ موجود آهي. هن هٿ وڌايو ۽ هڪ پراٽي هڙ کولي ان مان ميرو نيرو وڳو ڪڍيو. جنهن تي اڇا گل هيا. وڳي جي نيراڻ ڏسي هن اڳيان آسمان ڦري ويو. هن ان وقت کي ياد ڪيو جڏهن ڌرتي ۽ آسمان هڪ ٿي ويا هيا. وڏي ٻوڏ گهر طرف ڪاهي پئي هئي. اهو ساڳيو جوڙو هيو جيڪو هوءَ وڃ پاڻيءَ ۾ پائي بيٺل هئي. هوءَ ڇيلهہ جيڏي پاڻيءَ ۾ بيهي جڏهن هر طرف نهاري رهي هئي تہ هن کي ڌرتيءَ بدران هر طرف پاڻي ئي پاڻي نظر اچي رهيو هيو. مٿان نيرو آسمان هيو ۽ هيٺ ميري پاڻيءَ ۾ هن جو وجود جنهن تي نيرو وڳو پيل هيو. حليمان ان جوڙي کي ڏسي پنهنجي اکين سان لائي نير وهائيا. اهو هڪ وڇوڙي جو يادگار هيو. اهو ساڳيو جوڙو هيو جيڪو سندس پاليل پٽ نانڪ پنهنجي پهرين پگهارَ مان هن کي آٽي ڏنو هيو. اهو پراڻن سيني جوڙن کان سٺي حالت ۾ هيو. هن نہ چاهيندي بہ قينچيءَ سان ان کي ڪٽي هڪ دفعو وري رلهيءَ ۾ سبڻ شروع ڪيو. ان جوڙي جي نيراڻ ۾ وقت جي پاڻيءَ جورنگ ۽ آسمانَ جي چمڪَ سمايل هئي. هن کي هر طرف پاڻي ئي پاڻي نظر آيو. هن کي ياد آيو هڪ وڏي هڙ هئي جيڪا هن کي مٿي تي رکيل هئي. ڳوٺ جا ماڻهو پنهنجا گهر ڇڏي مٿاهينءَ طرف وڃي رهيا هيا. هوءَ پنهنجي خاندانَ جي ماڻهن سان گڏ پاڻيءَ مان دڳ ڳولهڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي.

تن ڏينهن هر سال سانوڻ ۾ ٻوڏون ايندين هيون. اجان درياهن تي بند ڪونہ اڏيا ويا هيا. پر ڳوٺ جا ڪجهہ مرد مزدوريءَ سانگي سکر وٽ ٺهندڙ بئراج تي ڪجهہ مهينن کان ويل هيا. ٻوڏن ڌرتيءَ تي فصل تباهہ ڪري ماڻهن کي روليو هيو. هر سال هڙون ماڻهن جي مٿي تي هونديون هيون ۽ هيٺان ڇيلهہ تائين پاڻي پيو وهندو هيو. ٻوڏ ڪانپوءِ جڏهن هرڪو پنهنجي وٿاڻن ڏانهن ورندو هيو تہ سندن گهرن جون پٽيون اونڌي منهن سجدو ڪندي نظر ايندين هيون. اهي ائين ڪريل هونديون هيون جيئن سيني جي

سور کان هيٺ ڪري مري ويون هجن. جانورن جا بدبودار ڍانچا وکريل هوندا هيا ۽ انهن پرسان گاهه جا خالي ڪونر ائين اونڌا پيا هوندا هيا جيئن اهي ڏرتيءَ تي منهن رکي روئندا هجن.

حليمان کي اها ٻوڏ ياد هئي جيڪا هن جي وهيءَ جي سڀ کان وڏي ٻوڏ هئي. رازق ڏني خاندانَ جا ماڻهو پاڻيءَ مان ترڳي وچي بند تي پهتا هيا. رهيل کُهيل سامانَ انهن جي مٿن ۽ ڪلهن تي رکيل هيا. انهن حالتن ۾ ان خاندانَ پيرين پنڌ فاصلو طي ڪيو. جڏهن هو بکايل اڃايل شڪارپور جي شهر ۾ پهتا ته انگريز سرڪار ڪجهه گهر ۽ اسڪول سيلاب جي ستيلن لاءِ اڳ ۾ئي خالي ڪرائي ڇڏيا هيا.

حليمان نيريون چتيون هٽندي ان جاءِ کي ياد ڪيو جنهن ۾ هوءَ خاندان جي ٻين ڀاتين سان ترسيل هئي، اتي ڏسندي ئي ڏسندي ٻه چار ٻيا خاندانَ ٻه اندر گهري آيا. ڇو جو ڳوٺن کان ڏتڙيل ماڻهن جا وڏا ولر ان شهر ۾ پهچي رهيا هيا. گهر ۽ اسڪولَ پرجي چڪا هيا. ٻين ماڻهن جي اتي اچڻ سان ڏاڍي سوڙهه ٿي وئي. رازق ڏني خاندان جي ماڻهن جو اُٿڻ ويهڻ جنجال ٿي ويو.

حليمان کي اهو واقعو ياد ڪري ڏري گهٽ کل اچي وئي جڏهن زوار احمد ان جاءِ ۾ رهيل ٻين ماڻهن مان جان ڇڏائڻ لاءِ هڪ طريقو سوچيو. هن ڇا ڪيو جو پنهنجي خاندانَ جي ٻن چئن ماڻهن سان هو ٻاهر ويو ۽ گهڙي گذري ته اهي رڙيون ڪندا گهر ۾ داخل ٿيا.

”اڙي جاءِ ٿي ڪِري....... اُٿو ڀڄو.“ انهن وٺ سٽ ڪري سامان ميڙڻ شروع ڪيو.

”بس جاءِ ڪرڻ واري آهي...... ٻاهران ان جا بنياد هنن پنهنجين اکين سان ڀُرندي ڏٺا آهن.“ انهن جيئن چيو اچي عورتن ۽ مردن ۾ ڀاڄ پئي. مرد ڪلهن تي سامان کڻي ڀهريون ڀڳا ته عورتون رڙيون ڪري روئندڙ ٻارن کي هنج تي کڻي پويان ڊوڙيون. ڏسندي ئي ڏسندي ان جاءِ ۾ صرف رازق ڏني خاندان جا فرد رهجي ويا. جن سک جو ساهه کنيو ۽ ڪجهه مهينا اتي گذارڻ کانپوءِ اهو خاندان سکر ڏانهن روانو ٿيو. وچڻ وقت ڳوٺ ۾ پوڙهي حليمان کي ان جاءِ جو رکوالو مقرر ڪيو ويو. هاڻي نانڪ جوان ٿي چڪو هيو جنهن پوڙهي حليمان کان موڪلايو ۽ پوءِ اهو وڇوڙو ڪڏهن ختم نه ٿيو. ماڻهو ڳوٺ ڇڏي ڏڙا ڏڙ شهرن ۾ آباد ٿي رهيا هيا. حليمان ان جاءِ ۾ اڪيلي رهجي وئي. هوءَ ڪنڌ ورائي ڪٽ پرسان بيٺل پاڻيءَ جي برمي کي نهاريندي هئي جيڪو ڪنهن قداور مرد جيان اتي بيٺل هوندو هيو. ستاروءَ کي ورهه ٿيا جو گذاري ويو. نانڪ جوان ٿي وچي مائٽن سان مليو. هاڻي هوءَ هوندي هئي ۽ گهر جي ڪوئين ۽ دالان جي اونڌائي.

ان رلهيءَ جي نيرين چتين ۾ آسمان جيڏو وڇوڙو سمايل هيو. هن آخري چتي توپي ته سندس سڀ هڙون خالي ٿي چڪيون هيون، پر هن جي رلهي اڃان به جيون جيان نا مڪمل هئي. هن سوچيو ڪيڏا جوڙا هيا جيڪي هن يادن جي ڏاڪي ۾ سبيا پر اڃان به اها رلهي ڪتيل ۽ اڌوري هئي. هن ڏنو

پراڻن ڪپڙن جي هڪ وڏي ڪاٽر سندس پير ۾ پيل هئي. پراڻن ڦاٽل ڪپڙن مان ڪجھ سيبتيون چتيون ئي شايد نڪتيون هيون جيڪي هن رلهيءَ لاءِ ڪارگر هيون. هن بيڪار ميري ادڙيل ڪاٽر کي وري چڪاسيو جيئن شايد ڪي اهڙا ٽڪر نڪري اچن جيڪي نا مڪمل رلهيءَ کي مڪمل ڪري سگهن پر ان ڪاٽر جي ڍير ۾ سواءِ ڏک ۽ پيڙا جي ٻيو ڪجھ بہ ڪين هيو. هن سوچيو هوءَ پنهنجي نا مڪمل رلهيءَ کي ڪيئن مڪمل ڪري؟ هن رلهيءَ کي ڪٽ تي وڇائي ڏٺو ڪنڊ وٽان هڪ ننڍڙي ڪپڙي جي ضرورت هئي. ٻيو ڪو چارو نہ ڏسي هوءَ اندروئي ۾ هن جست جي پيٽيءَ مان اها هڙ ڪڍي جنهن ۾ سندس آب زم زم مان ڌوتل ڪفن ويڙهيل هيو. هن هڙ کولي ڪفن ٻاهر ڪڍيو ۽ قينچيءَ سان هڪ ننڍو ٽڪر ڪٽي ان مان ايتريو چتيون ٿاهيون جيتري جي اتي ضرورت هئي. ڪفن مان ڪٽيل چتيون هٽندي هن کي ڪاڪو حاجي ياد آيو. ڪاڪو حاجي نانڪ جي سهري احمد عليءَ جو پيءُ هيو. ڪنهن وقت ماڻهو پنڌ حج لاءِ سفر ڪندا هيا. ڪاڪو حاجي پنهنجن ڪجھ ساٿين سان پڳڙن جون ٻوريون چيلھ سان ٻڌي جڏهن حج لاءِ پيرين پنڌ روانو ٿيو تہ حليمان هن کي ڪفن جو اهو ڪپڙو ڏيندي عرض ڪيو هيو تہ ”ڪاڪا هيءُ ڪفن آب زم زم مان ڌوئي اچجانءِ جيئن منهنجي قبر سهائي ٿي.“ ڪاڪي حاجيءَ ڪفن جو ڪپڙو وٺي هڙ ۾ رکيو ۽ پوءِ هو پيرين پنڌ وڃي مڪي مديني پهتو. جڏهن ٻن سالن ڪانپوءِ واپس وريو تہ هن جا پير ڦاٽي پيا هيا ۽ چنگهون سڄيل هيون. ماڻهن مولودن سان هن جو استقبال ڪيو هيو ۽ گلن جون ڪنديون سندس ڳچيءَ ۾ وڌيون هيون. هن هڙ مان ساڳيو ڪفن ڪڍي حليمان جي حوالي ڪيو هيو جنهن مان نبيءَ جو نور پئي بکيو ۽ مڪي جي خوشبوءِ پئي آئي. حليمان اهو ڪپڙي جو ٽڪر ڏاڍي رازداريءَ سان لڪائي رکيو هيو جيئن مرڻ وقت هن جي ڪم اچي.

ان ڪفن جو ٽڪر رلهيءَ ۾ هڻندي هن محسوس ڪيو جيئن سندس زندگيءَ ڪان پهريون رلهي مڪمل ٿي وئي هجي. هن ان کي ڪٽ تي وڇائي نهاريو تہ هن جي زندگيءَ جا سڀ رنگ اتي موجود هيا. هن جون نظرون هر رنگ تان ٿيندي ڪفن جي اڇي رنگ ۾ اچي اٽڪيون. يادن جي سلسلي پوپان هن کي موت ياد اچي ويو. هن پاڻ کي نامڪمل محسوس ڪيو پر هن جي اڳيان وڇايل رلهي مڪمل هئي.

آدم جي دنيا

بس آدم جي دنيا اها ئي هئي. هن جون ٻانهون ۽ انهن ۾ قيد هن جي محبوبا حوا.

حوا جنهن جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مُرڪ هئي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلاب جي سرخي ۽ پيشانيءَ تي انصاف جي روشني هئي. جنهن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيار جي خوشبوءِ هئي. اتي پيار ڪانسواءِ ڪنهن جي بہ حڪمراني نہ هئي ــ هو هيا ۽ پري پري تائين خوابناڪ پوري اچي جهڙ مان ظاهر ٿيندڙ نوڪدار ڪارا پهاڙ. ڪجهہ وقت پهريان آدم ڪان اڻ ڄاڻائيءَ ۾ ڪنهن ٿي ويل گناهہ ڪري حوا ڪان الڳ ڪيوويو. هن دنيا جو هر چپو پنهنجن قدمن سان لتاڙيو ــ هو حوا کي ڳولهيندو ويو. هن جا ڳوڙها پيغمبرن جي ٻج جيان ڌرتيءَ تي ڪريا. هو سڏڪيو تہ سانت ذرا ذرا ٿي هيٺ ڪري. بي چيني هن جي جسم مان نڪري پري پري تائين ڦهلجي وئي. هن جا پيرَ رت ۾ ڳوٿل گوشت جهڙا ٿي ويا. پر پوءِ هن حوا کي حاصل ڪيو. حوا جيڪا هن جي جسم جو حصو هئي. حوا جيڪا هن جي دل جيان جسم ڪان ٻاهر ڌڙڪي رهي هئي. حوا کي حاصل ڪري هن پنهنجي سيني ۾ جڪڙي ڇڏيو.

آدم پنهنجي پر سڪون دنيا ۾ خوش هيو. هن جنهن کي ڳولهيو حاصل ڪري ورتو. اها هن جي سيني ۾ سڪون جيان سٽل هئي ۽ هن جون ٻانهون ان جي وري وچڙي وڃڻ جي ڪنهن اڻ ڄاڻ خوف ڪان چوڌاري ويڙهيل هيون. آدم هن ڪان وڇڙڻ نہ پئي چاهيو. هن جي ذهن جي ڪنهن ڪنڊ ۾ اهو گمان ڪنهن چٽنگ جيان دکي رهيو تہ شايد وري هو حوا ڪان الڳ ڪيو ويندو. هن کي ڪپيو ويندو ۽ نا مڪمل ڪري وري ڪنهن صحرا ۾، ڪنهن بيابان ۾، ڪنهن موتمار جهنگ ۾ ڊوڙائي نہ ڪيل گناهن جي سزا ڏني ويندي. ماضيءَ جي وڇوڙي جي باهہ اجهامي وهم جي چٽنگ جيان سندس ذهن ۾ دکندي رهي. هو حوا جي پر ۾ هوندي بہ هن جي وڇوڙي جا خوابَ ڏسڻ لڳو ۽ نيٺ هڪ رات اهڙي بہ آئي جو هن جا گمان جڻ حقيقت ۾ تبديل ٿي ويا. هن ڏٺو سندس ٻانهون خالي هيون ۽ هن جا هٿ سيني تي رکيل هيا. هن جي دل جي ڌڙڪن سندس هٿن کي محسوس نہ ٿي رهي هئي. هن سمجهيو شايد هو حوا ڪان الڳ ڪري ماريو ويو آهي. پر هو جيئرو هيو. هن جون اکيون ڪليل هيون. هن ڏٺو دنيا بدلجي چڪي آهي. هڪ اهڙي دنيا جتي عرش جي آتشدان ۾ سج ٻري رهيو آهي ۽ پري پري تائين اڌ اگهاڙن جسمن مان پگهر پاڻيءَ جي گرم چشمن جيان ڦٽي ٻاهر نڪري رهيو آهي.

آدم نظرون کڻي تيز ٻرندڙ سج هيٺان اکين تي هٿ رکي حوا کي ڳولهيو. هن پري پري تائين ان کي ڏٺو پر اها هن کي نظر نہ آئي هو منجهي پيو. هن سمجهيو شايد حوا هن کان هميشہ لاءِ الڳ ٿي وئي آهي. هن جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا، هن جا ڳوڙها سندس هڏائين منهن تان ترڪندا هيٺ اچي ڪاري ڏاڙهيءَ ۾ جذب ٿي ويا.

آدم پاڻ کي ائين محسوس ڪيو جيئن هو ڪنهن اڻ ڄاتل ريگستان جو پانڌيئڙو آهي. هن جا پير پٿون آهن ۽ هو هڪ عصا جي سهاري منڊڪائيندو، انهن ريگستانن، جبلن ۽ ميدانن مان لنگهي رهيو آهي. هن جو ميرو مختصر لباس سندس چمڙيءَ جيان اکڙيل آهي ۽ ڪنڌ ۾ پيل گودڙي جنهن ۾ هن جي نہ ڪيل گناهن جو ڇنو محفوظ آهي. هو گهميو ٿي تہ سندس ڏاڙهي ۽ مٿي جا ڊگها وار باهہ جي ڄر جيان ٿي اڏاميا.

آدم اڳتي وڌيو ۽ هن هر هنڌ حوا کي ڳولهيو. هن ڏٺو اتي سوين پيچرا هيا جن تي ڪروڙن قدمن جا نشان هڪ ٻئي مٿان مدفون هيا. هن هر پيچري تي حوا جي قدمن جو نشان ڳولهيو. هو منجهي پيو ۽ هيڏانهن هوڏانهن مدد لاءِ واجهائڻ لڳو. هن ڏٺو پري کان ڪنهن ٽڪنڊي عمارت مٿان نهيل چمنيءَ مان ڪارو دونهون نڪري رهيو هيو. ان دونهي جي لاٽ مان ڪئي بگڙيل چهرا. نهندا ۽ ٻهندا مٿي عرش ڏي بلند ٿي رهيا هيا. هر طرف ڪارڻ ڦهليل هئي ۽ بدبوءِ کان مٿي جون رڳون ٿي ڦاٽيون. لوهہ جا اوزار تيل سان سيٽي زمينَ تي نانگن جيئن رڙهي رهيا هيا. هو اڳتي وڌي ٻانهن ۾ مٿو ويڙهي سمهيل هڪ مزدور مٿان آيو. ان جو ڪرنگهو ان جي ڦاٽل ڪاري قميص مان ظاهر ٿي رهيو هيو. هن ان جي ڪلهي کي هٿ سان لوڏيو تہ ان ٻانهن مان منهن مٿي ڪري ڳاڙهين، پاٽيءَ پريل اکين سان آدم ڏانهن نهاريو.

”ڇا تون منهنجي حوا ڏٺي ”آدم هن کان پڇيو ”حوا جنهن جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مرڪ آهي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلاب جي سرخي ۽ پيشانيءَ تي انصاف جي روشني آهي. جنهن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيار جي خوشبوءِ آهي.“

آدم جي ڳالهہ تي ان شخص جي ڳاڙهين اکين ۾ ڳوڙها لڙڻ لڳا. آدم جڏهن هيٺ جهڪي ان جي اکين ۾ حوا کي ڳولهيو تہ هن کي ائين محسوس ٿيو جيئن سندس اک جو تارو ڪنهن اپرندڙ سج جيان سمنڊ پريان بيٺل آهي ۽ هر طرف لالاڻ ڦهليل آهي.

”اي بزرگ مون اهڙي ڪا بہ هستي هن زمين تي گهمندي نہ ڏٺي. توکي هنن اکين ۾ اهڙا ڪي بہ عڪس نظر نہ ايندا جيڪي اتي قيد ٿي ويا هجن“. مزدور چيو. آدم وري هن جي اکين ۾ نهاريو. سندس ڳوڙهن ڀريل اکين جي سمنڊ ۾ هن کي ڪٿي بہ اميد جي ٻيڙي ترندي نظر نہ آئي.

آدم جي من ۾ اڻ تڻ وڌي وئي ۽ هو بي قرار ٿي ويو. حوا جي وڇوڙي کيس بي چين ڪري ڇڏيو هيو. هو اڳتي هليو ـــ هو اهڙي هنڌ اچي پهتو جتي هر طرف وسيع ميدان هيا ۽ سوڪهڙو ڏوڙ جيان زمين مٿان گهلي رهيو هيو. پري پري تائين پاڻيءَ جو ڪو نانءُ نِشان نہ هيو. زمين جي ڪک ڏرا ڏئي چيرجي پئي هئي. اگهاڙين ڪنڌين تي ڪو بہ پکي ڏرتيءَ تي ڪرندڙ اَنَ جو انتظار نہ ڪري رهيو هيو. اتي ڊورن جي پيپل ڏانچن تان ڳجهون ڪڌهن جو اڏامي پري هليون ويون هيون. اتي پيننگ هئي ۽ پري کان ستل هڪ اڌ اگهاڙو انسان هيو. هو اڳتي وڌي ان مٿان آيو. هن ڏٺو اهو هڪ هاري هيو جيڪو صدين کان اتي ستل هيو. هن ان کي ڪلهي کان جهلي جهنجهوڙيو. جڏهن گهڻي دير ڪانپوءِ اهو هوش ۾ آيو تہ هن ان کان سوال ڪيو "ڇا تون حوا ڏٺي جنهن جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مرڪ آهي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلاب جي سرخي ۽ پريشانيءَ تي انصاف جي روشني آهي. جنهن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيار جي خوشبو آهي."

هاريءَ حيرت ۾ هن ڏانهن نهاريو ۽ ذهن تي زور ڏئي سوچڻ شروع ڪيو ۽ پوءِ جڏهن هن کي ڪا ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي تہ هن وراڻيو "مون اهڙي ڪا بہ حوا نہ ڏٺي جيڪا هنن پاڻيءَ جي پياسن ٿوٺ ويران ميدانن مان لنگهي ڏور هلي وئي هجي. هن اٽيي زمين تي اهڙا ڪي بہ قدمن جا نِشانَ نہ آهن جيڪي ان ڳالهہ جي گواهي ڏئي سگهن."

آدم مايوس ٿي ويو ۽ ٿوٺ سڪل زمين تي پنهنجا زخمي قدم ڪڙهندو حوا کي ڳولهيندو اڳتي وڌيو.

هو ڪجهہ اڳتي هليو تہ هن کي پري کان هڪ اهڙو ميدان نظر آيو جتي هر طرف انسانن جي جسم مان وهندڙ رت هن کي ننڍڙن ٻارن جيان ريڙهيون پائيندي نظر آيو. اتي منديون جسمن کان ڌارَ هيون اتي عضون جا انبار ڪنهن ڪتيل جهنگ جي وڍيل ڪاٺين جيان وڪريل پيا هيا. سج جي روشنيءَ ۾ چميل رت هيڻان تلوارون چمڪي رهيون هيون ۽ بارود جا بادل اجان بہ جهڪا نہ ٿيا هيا. اتي ڪو بہ جيئرو نہ هيو ڪو بہ فاتح نہ هيو. هر طرف شڪست موت جي ڳجهہ جيان لامارا ڏئي رهي هئي. آدم اتي پهچي ڏٺو موت ڪاري چادر ۾ لاشن جي تختَ تي حڪمراني ڪري رهيو هيو. اتي ڪو بہ سلامت نہ هيو. هن سوچيو آخر ڪو تہ جيئرو هجي جيڪو هن کي حوا جو ڏس ڏئي. هو ديوانن جيان جنگ جي ميدانَ ۾ ڊوڙون پائڻ لڳو. هن مجبور ٿي هيٺ جهڪي هڪ مئل سپاهيءَ کي ڪلهن کان وٺي جهنجهوُڙيو ۽ ديوانگيءَ ۾ آڱر سان پنهنجي پيشانيءَ جو پسينو اگهي هن جي وات ۾ وجهڻ لڳو. گهڻي دير ڪانپوءِ ان مئل سپاهيءَ اکيون کولي بي وسيءَ مان هن ڏانهن ڏٺو هن اڳتي سري ان کي پوبان سهارو ڏئي مٿي ڪيو ۽ اتاولو ٿي پنهنجو وات ان جي ڪن ۾ سان آڻيندي پڇيو." ڇا تون حوا ڏٺي. حوا جنهن

جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مُرڪَ آهي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلاب جي سرخي ۽ پيشانيءَ تي انصاف جي روشني آهي. جنهن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيار جي خوشبوءِ آهي.“ آدم جي ڳالهه تي سپاهيءَ جي جسم ۾ جنبش پيدا ٿي ۽ هو پوريءَ ريت سجاڳ ٿي پيو. ان پنهنجو زخمي منهن آدم ڏي ورائي ڏٺو. سندس پيشانيءَ جي زخم مان تازو رت رسڻ لڳو ۽ ان کان آهه نڪري وئي. ”مون پوري زندگي جنگ جي ميدان ۾ وڙهندي اهڙي ڪا بہ شيءِ نہ ڏٺي جنهن جي باري مان توکي ٻڌائي سگهان.“ سپاهيءَ ٿڪيل آواز ۾ چيو ۽ هن جي ڳالهه تي آدم پنهنجو ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو.

آدم اڳتي وڌيو. هو جنگ جو ميدان پار ڪري هڪ اهڙي واديءَ ۾ پهتو جتي خزان شروع ٿي چڪي هئي. پوري وادي ان هيڊي ۽ ڪمزور عورت جيان هئي، جنهن تازو ڪنهن مئل ٻار کي جنم ڏنو هجي. هر طرف ڪنهن صدمي کان پن هيٺ زمين تي ڪري رهيا هيا. هو سڪل پنن تي پير رکندو ڪنهن کي ڳولهيندو اڳتي وڌيو. هن ڏٺو اتي زخمي پوپٽ جي پرن جي ڇٽيل رنگن ۾ ڪنهن شاعِرَ جا غير واضع نظم لکيل هيا. مري ويل گلن تي مايوس پيلو چنڊ پنهنجو آخري مرثيو پڙهي رهيو هيو ۽ سونهن فنا ٿي چڪي هئي. اتي هيٺ سڪل پنن جي وچ ۾ مئي نوش شاعر ساغر تي مٿو ٽيڪي گفائن ۾ گم هيو. ان جون غفلت کان بند اکيون ڄڻ مايوسيءَ جون بہ قبرون هيون.

شاعر کي ڏسي آدم کي خوشي محسوس ٿي. هن سوچيو هن اجڙيل واديءَ ۾ ڪو تہ نظر آيو جيڪو هن کي حوا جو ڏس ڏيندو. آدم هيٺ جهڪي ان بي خود شاعر جي ڪلهن کي پنهنجي هٿن سان لوڏڻ شروع ڪيو. گهڻي ڪوشش کانپوءِ شاعر پنهنجون بي نور اکيون کولي هن ڏانهن ڏٺو.

”ڇا تون منهنجي حوا ڏٺي، جنهن جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مُرڪَ آهي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلاب جي سرخي ۽ پيشانيءَ تي انصاف جي روشني آهي – جنهن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيار جي خوشبوءِ آهي“. آدم اتاولو ٿي هن کان پڇيو. آدم جي ڳالهه تي شاعر ڪجهه سوچي ڇيلهه تي زور ڏئي سڌو ٿي ويهي رهيو ۽ آخر ڪجهه گهڙين کانپوءِ ڳالهايو. ”اهڙي ڪنهن بہ هستيءَ جو ذڪر منهنجي نظمن جي مري ويل لفظن ۾ ڪٿي بہ موجود نہ آهي. مون اهڙو ڪو بہ عڪس نہ ڏٺو جنهن کي پنهنجن لفظن ۾ قيد ڪري سگهان.“ ۽ پوءِ شاعر سڌو ٿي سوچيندو رهيو.

آدم مايوس ٿي اڳتي وڌيو. هو پنهنجن زخمي قدمن سان هلندو هڪ اهڙي بيابان ۾ پهتو جتي ڪو بہ وڻ نہ هيو. سواءِ هڪ عاشق جي سڪي نوٽ ٿي ويل جسم جي. ان جو جسم بيابان جي وچ تان ويندڙ پيچري جي ڪناري ڪنهن جي انتظارَ ۾ بيٺل سڪل ڪاٺيءَ جي ٿڙ ۾ تبديل ٿي چڪو هيو. عاشق جي وارن ۾ بہ مايوس پکي آکيرو ڪري عرش ڏانهن ڏسي رهيا هيا. اهي اهڙي مينهن جي اوسيئڙي ۾ هيا جنهن ۾ محبوبا جون اکيون بوندن جيئن هيٺ وسي پونديون. اتي صدين جي وڇوڙي

ڪانپوءِ عاشق جون ڏرا ڏئي ويل اکيون انتظار ۾ انڌيون ٿي چڪيون هيون. اتي محبوب جي جسم جي ڪا بہ خوشبوءِ موجود نہ هئي. هر شيءِ غربت جيان ميرانجهڙي هئي.

آدم عاشق جي پير ۾ آيو ۽ ان کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي لوڏيو. ان جي جسم جي سڪل شاخن ۾ ڪا بہ لچڪ نہ هئي. آدم ان صدين کان سڙي نوٽ ٿي ويل عاشق کي اٿارڻ لاءِ وس ڪيا ۽ نيٺ عاشق جاڳي پيو. ان پنهنجيون انڌيون اکيون کڻي آدم کي نهاريو.

آدم هڪ دفعو وري پر اميد ٿي ويو ۽ هن ڳالهائڻ شروع ڪيو: ”ڇا تون منهنجي حوا ڏٺي. حوا جنهن جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مرڪ آهي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلاب جي سرخي ۽ پيشانيءَ تي انصاف جي روشني آهي. جنهن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيار جي خوشبوءِ آهي“؟

آدم جي ڳالهہ تي عاشق جا ڳڀيون ڏئي ويل لڱ ڇُريا. ان سوچيو ۽ نيٺ ڪجهہ دير ڪانپوءِ وراڻيو ـ ”اها منهنجي محبوبا جي وصف نہ آهي...... صديون ٿيون مان پنهنجي محبوب جو انتظار ڪري انڌو ٿي چڪو آهيان. منهنجي من ۾ جا محبوب جي تصويرَ آهي ـ آئون ان بنا ٻي ڪا نہ پسي. مان مايوس ۽ فنا ٿي ويل آهيان.“

آدم عاشق کي ڪنهن اونهي سوچ ۾ ڇڏي وري حوا جي ڳولا ۾ اڳتي وڌيو.

هو هلندو هڪ درسگاهہ جي اهڙي عمارت وٽ پهتو جيڪا ڪنڊر ۾ تبديل ٿي چڪي هئي. ان جي اڱڻ ۾ بيٺل وڻن جون شاخون سڪي ڊگهين عجب جي نشانين ۾ تبديل ٿي چڪيون هيون. ائين ٿي ڏٺو جيئن اتي ڪنهن آسيب جو آستانو هجي. هن درسگاهہ ٻاهران بيهي اندر آواز ڏنو. ”ڪوئي آهي جيڪو منهنجي ڳالهہ ٻڌي؟ .... آهي ڪوئي جيڪو مونکي ڪيڪاري ۽ سڏ ڏئي؟“.

درسگاهہ جي ڏريل پٽين مان هن جي آوازن جي پڙاڏي جهڙا چمڙا اڏاٽا ۽ هنجي مٿي کي ڇهندا ڏور هليا ويا. آدم در اندر ليئو پاتو ۽ پوءِ هو پڳل در مان لانگ ورائي اندر ٽپيو. هن ڏٺو اتي پٽ تي سوين پڳل قلم ميدانِ جنگ ۾ ذبح ٿيل لاشن جيان وکريل پيا هيا. پراڻن ڪِتابن جا ورقَ هوا ۾ شهيدن جي روحَ جيان اڏامي رهيا هيا. اڳيان پٽ تي استاد انهن ۾ منهن لڪائي ننڊ ۾ الوٽ هيو. هن استاد وٽ پهچي ان کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي جاڳائڻ جي ڪوشش ئي. جڏهن استاد جاڳيو تہ هن سندس پير ۾ ويهي پڇيو ”ڇا تون حوا ڏٺي، جنهن جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مُرڪ آهي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلابَ جي سرخي ۽ پريشانيءَ تي انصاف جي روشني آهي. هن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيارَ جي خوشبوءِ آهي؟“

هن جي ڳالهہ تي استاد سڏو ٿي وينو ۽ ڪنهن گهريءَ سوچ ڪانپوءِ وراڻيو ”اي دوست هنن واءُ ۾ اڏرندڙ ڪاغذن تي اهڙي ڪا بہ شبيح چاپيل نہ آهي جنهن جي وضاحت آءٌ تو آڏو ڪري سگهان. منهنجي عِلمَ ۾ اهڙي ڪا بہ ڄاڻ ميسر ٿيل نہ آهي جيڪا آءٌ تو تائين پهچائي سگهان.“

آدم مايوس ٿي ويو ۽ پوءِ جاڳندڙ استاد کي اتي ڇڏي وري اڳتي وڌيو. هو خاموشيءَ ۾ ڪنهن آواز جيئن سفر ڪندو هڪ حيبتناڪ عدالت جي ڍهندڙ بلند ۽ بالا عمارت آڏو اچي پهتو. عمارت جي ڳاڙهي پٿر مان رت جي بوءِ اچي رهي هئي. اتي وايو منڊل ۾ خوف ۽ ڏهڪاءُ سرءُ جي ڇڻيل زرد پنن جيان عدالت جي وسيع عريض ڏاڪڻين مٿان لهرائي رهيو هيو.عدالت جي اڳڻ ۾ انصاف جي انڌي ديوي پنهنجي هٿ ۾ ڀڳل ترازو کڻي عدالت اندر کونگهرا هڻندڙ ٻوڙي جج جو انتظار ڪري رهي هئي. اتي هڪ سڪي ويل ڦاري وڻ نا انصافيءَ جي نهيل مجسمي جي هنجَ ۾ بدامنيءَ جو مجسمو وار کولي ستل هيو ۽ عرش ۾ اجايل ڪبوتر اڃرج مان اڏري رهيا هيا.

آدم اڳتي وڌي عدالت جي بند دروازي جي ڪڙي ۾ هٿ وجهي ان کي کڙڪايو. دروازو ڪنهن قيديءَ جي جسم مٿان پيل لوهي ڪڙين جيان کڙڪي پيو. هن کڙڪايو ۽ وري کڙڪايو. در نہ کليو نيٺ هن در کڙڪائيندي آخر ان پراڻي در کي ڌڪي ڏنو. هن ڏٺو ڀڳل در اندر ڪوهيڙي جيان ڏوڙ اڏامي رهي هئي. هو اندر ٽپي اڳتي وڌيو تہ هڪ وسيع حال ۾ عدالت جي ڪٽهري ڀرسان ڪاري چوغي ۾ ويڙهيل جج هن کي ڪرسيءَ تي ٽيڪَ ڏئي ليٽيل نظر آيو. هن ويجهو اچي ان کي جاڳايو ۽ جڏهن اهو جاڳيو تہ هن ان کان سوال دهرايو. ”ڇا تون منهنجي حوا ڏٺي جنهن جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مُرڪَ آهي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلاب جي سرخي ۽ پيشانيءَ تي انصاف جي روشني آهي. هن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيار جي خوشبوءِ آهي“

ٻوڙي جج کي هن جي ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي، ان اکين تان ٿلهن شيشن واري عينڪ لاهي پنهنجي ڪاري چوغي سان صاف ڪري ٻيهر پائي، پوءِ نيرو ڪِتاب کولي ڪجهہ پڙهڻ جي ڪوشش ڪئي ــ آدم ڏٺو ان ڪِتابَ جا سڀ ورق ڪورا هيا جڻ نيڪين کان پاڪ هيا.

آدم وري مايوس ٿي ويو ۽ عدالت جي ڳاڙهن پٿرن واري عمارت مان ٻاهر نڪري هو هلندو هڪ اهڙي محلات ٻاهران اچي پهتو جنهن جون ڊگهيون ۽ ويڪريون قلعي نما نهيل ديوارون پٿر بدران ڪٽيل انساني منڍين منجهان اڏيل هيون. اتي قلم ڪيل انساني سِرَ هن کي حيرت ۽ عجب مان پاڻ ڏانهن ڏسندي نظر آيا. جڏهن هومحل جي در تي پهتو تہ هن کي هڪ گهنڊ گناهن جيئن مٿي ٽنگيل نظر آيو. هن ڏٺو ان گهنڊ اندر لوهہ بجاءِ هڪ انسانَ جو لاش لڙڪي رهيو هيو. جنهن جا آنڊا رسي جيان هيٺ ڪريل هيا. آدم جي ڏکندڙ هٿن جڏهن گهنڊ کي لوڏيو تہ هن محسوس ڪيو جيئن سخت مٿي سان ٽڪرائيندڙ لوهہ ڪري لڙڪندڙ لاش مان گهنڊ جون رڙيون بلند ٿينديون هجن. آدم جا ڪن ڦاٽڻ لڳا ۽ هن جون ٻانهون گهنڊ کي لوڏي لوڏي ٿڪجي پيون. هن ڪاوڙ ۾ اڳتي وڌي محل جي پراڻي در کي لت هنئي تہ اهو ظلم جي ڏريل هڏي جيان ٽڙڪي پيو. هن جي محل ۾ اندر داخل ٿيڻ سان هزارين رڙيون گول ڦرنديون ٻاهر نڪري ويون.

هو جڏهن حڪمران مٿان پهتو هن ڏٺو. اتي حڪمران چيتي جي کل پهري مٿي تي ڊگهن سڱن وارو سونو تاج پائي عورت جي ڪٽيل نرم ارهن مان ٺهيل تخت تي نشي ۾ ڌت لٽيل آهي. آدم ان مٿان جهڪي ادبَ سان پڪارڻ شروع ڪيو. جڏهن هو نہ جاڳيو تہ آدم پنهنجا هٿ هن جي گريبان ۾ وجهي جهنجهوڙيو. هو اجان بہ نہ جاڳيو تہ آدم هيٺ پٽ تي پيل انساني خون جهڙي ڳاڙهي مڌ جي بوتل هن مٿان هاري. حڪمران ڇرڪ ڀري جاڳي پيوءِ ان خماريل بي رحم اکين سان آدم کي نهاريو. ان کان اڳ هوڪو حڪم صادر ڪري، آدم ڳالهايو "اي حڪمران ڇا تون منهنجي حوا ڏٺي. حوا جنهن جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مرڪ آهي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلاب جي سرخي ۽ پيشانيءَ تي انصاف جي روشني آهي. هن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيارَ جي خوشبوءِ آهي؟"

حڪمران آدم جي ڳالهہ تي اچرج ۾ پئجي ويو. هن آدم کي محل جي در ۽ ديوار تي اڪريل آئين جي لوحن ڏانهن اشارو ڪندي چيو "اسان جي داستانن ۾ اهڙي ڪنهن بہ عورت جو ذڪر نہ آهي. هن هيٺ پيل جميل رت جي چيڪڙ ۾ اهڙا ڪي بہ قدمن جا نشانَ نہ آهن جيڪي تنهن جي رهنمائي ڪري سگهن. منهنجا ڪن اهڙن الفاظن کان نا آشنا ۽ نا واقف آهن."

آدم بلڪل مايوس ٿي ويو. هن جا زخمن کان سڄي ويل پير اڳتي وڌڻ کان نابري واري ويٺا. هن جي دماغَ کي چڪر اچڻ لڳا، هو پنهنجي لٽ سهاري گهڙي دير بيهي نہ سگهيو ۽ ڌڙام ڪري هيٺ رت رنگيل ڳاڙهي فرش تي ڪريو. آدم اکيون بند ڪيون تہ سندس اکين مان بہ ڳوڙها ڪنارن کان هيٺ وهيا، بہ وچڙيل ڳوڙها جن مان هڪ هو هيو ۽ ٻئي حوا.

جڏهن آدم ڇرڪ ڀري جاڳيو تہ هو بي چينيءَ مان وڏا ساهہ کڻي رهيو هيو. هن ڏٺو هو اڪيلو نہ هيو سندس ٻانهن ۾ حوا موجود هئي جيڪا هن جو وچڙي ويل روح هئي، اها سندس ٻانهن جي مضبوط قلعي ۾ هن جي سيني تي سِرُ رکي منيءَ مُرڪَ سان سُتل هئي. آدم کي حيرت لڳي "ان جو وڇوڙو؟". هن سوچيو. "ڇا اهو سڀ خواب هيو؟ خوفناڪ سپنو جنهن هن جي وهم ۽ گمانن جان جنم ورتو؟!"

"اهي سڀ ڪردار جيڪي غفلت جي ڪوهيڙي ۾ ستل نظر اچي رهيا هيا؟ ڇا هن ڪائنات جي وسيع ۽ عريض پسگردائين ۾ ڪا اهڙي بہ حيرت انگيز ۽ دردناڪ دنيا موجود آهي جنهن مان واسي اهڙي پرسوز ماحول ۾ ساهہ کڻن ٿا؟"

آدم ان خوفناڪ خواب تي سوچيندو ويو.

"ڇا هن دنيا ڪانسواءِ ڪا اهڙي دنيا بہ ٿي سگهي ٿي جِتي حوا جو چهرو موجود نہ آهي؟" ۽ پوءِ آدم سوچيو "شايد اهو ڪو شيطاني خواب هيو جنهن ۾ هن ڪا ڪوڙي دنيا ڏٺي. جنهن جو شايد ڪائنات ۾ ڪو بہ وجود نہ آهي."

هن ڪنڌ مٿي ڪري پنهنجي دنيا کي ڏٺو. ڌرتيءَ تي ڪريل پورن بادلن مان ارڏن صحتمند پهاڙن جون چوٽيون ظاهر ٿي رهيون هيون. تازي هوا سرسبز وڻن مان اپري هن جي منهن سان ٽڪرائجي

فرحت جو احساس ڏئي رهي هئي. آدم ٽڏو ساهه کنيو. ان شيطاني خواب جي سحر مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ هن حوا جي چهري کي چميو ۽ پوءِ مرڪي ان ڏانهن نهاريو. حوا جنهن جي اکين ۾ امن ۽ چين تي خوشحاليءَ جي مُرڪَ هئي. سندس ڳلن تي روزگار جي انقلاب جي سرخي ۽ پيشانيءَ تي انصاف جي روشني هئي. هن جي ٻانهن ۾ سڪون ۽ وارن ۾ پيار جي خوشبوءِ هئي.

شيڊنگ

”اونده مان روشني
جاڳي آ
سورج هيٺ هر شيءِ
ساڳي آ“

ماءُ محسوس ڪيو. هن جو ڪجھ ڏينهن اڳ ڄاول ٻار انڌو آهي. ان جي اکين سامهون ايندڙ ڪو به عڪس هن جي چهري تي ڪو تاثر پيدا نه ڪري رهيو آهي. ٻار جون اکيون کليل هيون ۽ اهو ائين شانت هيو جيئن اجان ماءُ جي پيٽ اندر اونده ۾ هجي. جيئن دنيا به ماءُ جي پيٽ جيان هجي جِتي ڪجھ نه هجي. صرف هو هجي ۽ هن ڪي ڇهندڙ هٿ, پاٽيءَ جهڙا نرم ۽ فرحت ڏيندڙ. ماءُ جي اندر ۾ وڏ پوڻ لڳا ۽ اهي ڪن اونهين کڏن ۾ تبديل ٿي ويا جيڪي کڏون جڻ ڏکن ۽ سورن جي ڳوڙهن سان ڀريل هجن.

ماءُ سوچيو قدرت هن سان ويساهه گهاتي ڪئي آهي. هن جي ڀريل جهول ۾ ڪا شيءِ ڪٽيل آهي. هن جي جهول اجان به پانڌ جيان جهليل آهي. من ڪِتان ڪا ٻاجھ ٿئي ۽ هن جي جهولَ جي کوٽ ڀرجي پوي. پوءِ ماءُ پنهنجا ڳوڙها اگهيا.

”اي رب هن ابهم تي رحم ڪر. ديا ڪر. رهبري ڪر. هن جي نيڻن ۾ لاٽ دکاءِ ۽ نوبنو ڪر“ هوءَ رب کي ٻاڏائيندي رهي ۽ ابهم هن ڏي ڏسڻ بنا بي نور اکيون ڇت ۾ اٽڪائي مرڪندي رهيو. اهو ٻار هن جو ڇهريون ٻار هيو. ماءُ جو ڇهريون ٻار جنهن جي اکين ۾ سڄي زندگي ماءُ جي جوانيءَ جو عڪس سمايل هوندو آهي. ڇهريون ٻار جنهن کي ماءُ جي جواني ياد هوندي آهي ۽ ان لاءِ ماءُ دنيا جي حسين ترين عورت هوندي آهي.

ماءُ هر هر هن کي هٿن ۾ کڻي سندس بي نور اکين کي چميو پئي, جيئن سندس پيار جي گرميءَ تي اهي جاڳي پونديون. ماءُ ان کي جڏهن هنج ۾ سمهاري لولي ٿي ڏني ته ٻار جي کليل ۽ پوءِ ننڊ ۾ گهور بند اکين اندر دنيا جي وجودَ جي هجڻ ۽ نه هجڻ ۾ ڪو فرق نه هيو.

وقت گذريو. بي نور اکيون ڪڏهن بند ڪڏهن کليل. اونده جو هڪ اڻ کٽ ريگستان. ڪاري واريءَ جا ذرا جيڪي اڏامندا رهيا ۽ پٽن تي نهيل ماضيءَ جي پيرن کي دفن ڪري مستقبل ڏانهن ڊوڙندا

رهيا. ٻار وينو ان ريڙهيون پاتيون ۽ پوءِ ٻانبڙا پائي پيرن تي اٿي بيهي رهيو. هنڌ ڪنڊ ورائي هر طرف ڏٺو. ان کي خبر هئي ته دنيا ڪجهه نه آهي، اها ماءُ آهي ـ ڪي چپ آهن، چميون آهن، هٿ آهن ۽ ڇاتي آهي. پيار جي گرمي آهي، هنج جو سڪون آهي. ٻيو ڪجهه به نه آهي. ڪاراڻ آهي، دونهون آهي ۽ دونهين جي ايرندڙ ڇڳن ۾ ڪي غير واضع عڪس آهن ۽ انهن عڪسن ۾ هڪ چهرو واضع آهي جيڪا ماءُ آهي.

ماءُ سوچيو هن جون اکيون ئي هن جي ٻارَ جون اکيون آهن. جيڪڏهن ٻار کي اکيون نه آهن ته ڇا ٿي پيو؟ هوءَ ان کي پنهنجين اکين سان اهو سڀ ڪجهه ڏيکاريندي جيڪو ان لاءِ ڏسڻ ناممڪن آهي. هوءَ ان کي پنهنجين اکين سان چنڊ ڏيکاريندي، تارا، جهڙ، مينهن، پاٽي، وڻ، گل، ٻوٽا ۽ سڀ رنگ جيڪي اندلٺ جيان هن آڏو نروار ٿي هر ڏنڌ کي پوئتي هٽائي ڇڏيندا. هن سوچيو، سندس ٻار کي ڪنهن لٺ جو سهارو نه وٺڻو پوندو. هوءَ پنهنجيون آڱريون ڪٽي هن کي هٿ ۾ ڏيندي ۽ اهي هن جي رهنمائي ڪنديون. هوءَ هن جي من ۾ اهڙي جوت جلائيندي جو هر شيءِ سندس اندر ۾ روشن ٿي ويندي.

پوءِ ماءُ ٻار جي آڱر پڪڙي پاٽيءَ ۾ وڌي ۽ ان جي پيشانيءَ کي چميو. ٻار ڇهندڙ آڱر سان ڪنهن فرحت کي محسوس ڪيو. ان هر هر اکيون ڇنڀيي ماءُ جي هٿ ۾ جهليل آڱرين سان ڪنهن تازگي ۽ نرمتا کي پنهنجي وجود ۾ اوڄندي محسوس ڪيو. پوءِ ان پنهنجا ٻاتا چپ کوليا.

”امڙ ان کي ڇا چئبو آهي؟“

ماءُ ٻار جي معصوم منهن کي ڏٺو جنهن تي جڻ تازو پاٽي هارجي اجروءِ اڇو ڪري ويو هيو.

”پٽ ان کي پاٽي چئبو آهي.“ ماءُ چيو ”پاٽي جيڪو اسان کي پيدا ڪري ٿو ۽ پروان چاڙهي ٿو؟“

ٻار جو اکيون مسلسل ڪنهن اڻامندڙ پوپٽ جي پرن جيان ڇنڀنديون رهيون.

”امڙ اسان کي ڪنهن پيدا ڪيو آهي؟“

ٻار جڻ ماءُ جي جواب مان مطمئن نه ٿيو هجي. ان عجب مان سوال پڇيو.

”پٽ ان کي رب چئبو آهي. جنهن اسان کي تنهنجين ڇهندڙ آڱرين جهڙي پاٽيءَ مان ڳوهي پيدا ڪيو.“

رب، ٻار سوچيو. اهو ڪيڏو نه عظيم هوندو؟ اهو ڪيئن هوندو؟ جيڪو ٺاهي ٿو ۽ اسين ٺهي پئون ٿا.

”امڙ رب ڪيئن آهي“ ٻار وري تجسس مان سوال ڪيو.

ماءُ چپ ٿي وئي. هن جي ناسي نيڻن ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا ۽ ذري گهٽ سڏڪو هن جي نڙيءَ مان نڪري ڪنڌي جيان ڦاسي پيو.

”پٽ رب انهن کي نظر ايندو آهي، جيڪي ڏسي نہ سگهندا آهن.“ پوءِ ماءُ وري ٻار جي مٿي تي هٿ گهمائيندي چيو. ”تون ڏس ۽ مونکي ٻڌاءِ اهو ڪيئن آهي!“

ماءُ جي جواب تي ٻار حيران ٿي ويو ۽ اهو انڌيرن ۾ ڪنهن غير واقع عڪس کي ڳولهڻ لڳو. اتي اوندهہ هئي ۽ اوندهہ پويان اوندهہ اڏامي رهي هئي.

ماءُ ٻارَ کي دنيا ۽ ڪائنات ۾ موجود هر شيءِ جي تصويرڪشي ڪري ان عڪس کي محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي.

ٻار جڏهن گرم ڌرتيءَ تي گهميو تہ ان پڇيو.

”امان! هيءَ ڇا آهي جيڪا منهنجي پيرن کي جلائي ٿي!“

”پٽ اها اس آهي. جيڪا ڌرتيءَ کي ٽانڊا ٻڻائي رهي آهي. هو مٿي سج آهي، جنهن سان اکين وارا اکيون ملائي نہ سگهندا آهن.“

ماءُ هن کي هر شيءِ سمجهائي محسوس ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي ۽ ٻار هر شيءِ تي حيرت مان پنهنجون بي نور اکيون ڇنڀي، هٿن کي هوا ۾ هٽي، ان احساس کي پنهنجي ذهن ۾ سمائي تصوراتي عڪس جوڙڻ جي ڪوشش ڪندو هيو. هن وٽ سج جو پنهنجو عڪس هيو ۽ اس جو پنهنجو رنگ هيو.

پوءِ جڏهن سانوڻ جا وسڪارا ٿيا تہ پاڙي جا ٻارَ گهٽيءَ ۾ نڪري ٽپا ڏئي، وسندڙ مينهن جي بوندن ۾ هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳا.

”الله سائين مينهن وساءِ، گوڏي جيڏي گپ ڪراءِ“ ٻار گهٽيءَ مان اٿندڙ آواز تي اتاولو ٿي ويو ۽ ان ماءُ کي سڏڻ شروع ڪيو. ماءُ ٻار کي هٿ کان ورتو ۽ آٽي ڪليل اڱڻ ۾ ويهاريو. وڄ جي چمڪي ۾ گجگوڙ سان وسندڙ مينهن جون بوندون جڻ گهمسانَ جي لڙائيءَ ۾ ڪنڌ ڪٽائيءَ ڪرندڙ لاشن جيان ٿي ڪريون.

”امان هي پاڻي ڪِٿان ڪري رهيو آهي؟ ـــ هيءَ ٿڌي هوا ۽ گجگوڙ جا آواز. اهو سڀ ڇا آهي؟“

ماءُ وسندڙ مينهن ۾ معصوم جي منهن کي ڏسي مرڪي رهي هئي، پر ان جي اکين جا ڳوڙها منهن تي پوندڙ مينهن ڪڙين ۾ ملي هيٺ وهي رهيا هيا.

”پٽ اهو مينهن آهي“ ماءُ ڏاڍي شفقت مان چيو

”اها رحمت آهي جيڪا پاڻيءَ جي صورت ۾ بادلن مان ڇڻي تتل ڌرتيءَ تي ڪري رهي آهي.“

”امان بادل ڪيئن آهن؟“ ٻار وري پڇيو.

”پٽ بادل اوندهه جهڙا ڪارا, اهي پاڻيءَ سان ڀريل ۽ وچ ۾ چمڪندڙ هوندا آهن.“

ٻار پنهنجين ٻي نور اکين سان ڏٺو ــ اتي هزارين ڪارا گهرا بادل هيا. جيڪي طوفان ۾ هڪ ڪنڊ کان ٻي ڪنڊ ڏانهن ڊوڙي رهيا هيا. اتي اکين جهڙي ڪاراڻ ۾ هر طرف پاڻي ئي پاڻي هيو. ڪاري پاڻيءَ جو سمنڊ پر وچ جي روشني ڪٿي به چمڪي نه رهي هئي. ٻار اداس ٿي ويو ۽ ان جي تصور جي دنيا جا عڪسَ بلند عمارتن جيان اڀرندا ويا. ان جي اکين اندر آسمان هيو, چنڊ هيو, تارا هيا, جهڙ هيو ۽ وهندڙ پاڻي هيو.

”امڙ روشني ڪنهن کي چئبو آهي؟“

ماءُ ٻار جي اکين ۾ ڏٺو. جيڪي اوندهه ۾ ستارن جيان روشن هيون.

”پٽ روشني ان کي چئبو آهي جيڪا اوندهه مان اڀري“.

ماءُ چيو.

ٻار تصور ۾ ڏٺو هن جي ٻي نور اکين جي انڌيارن ۾ ڪٿي ڪو هيڊي رنگ جو ڳوڙهي جهڙو ڏيئي جو ٻرندڙ شعلو اميد جي ڪرڻي جيان لڏي رهيو هيو.

”ها امان مان ڏسان ٿو“ ٻار حسرت مان چيو ”ڪا شيءِ آهي جيڪا انڌيارن ۾ مختلف آهي.“

ماءُ مرڪي پئي. ان جي چهري تي خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي.

”امڙ اوندهه ڇا ٿيندي آهي“ ٻار وري معصوميت مان سوال ڪيو.

”پٽ هر شيءِ اوندهه آهي. اوندهه پويان هر شيءِ موجود آهي. ڌرتي, دنيا, ڪائنات ۽ هر شيءِ ڪاري ڏوڙ جي غلاف ۾ ويڙهيل آهي. جڏهن اکين ۾ سج اڀري ٿو ته هر شيءِ نروار ٿئي ٿي.“

ٻار اتاولو ٿي ويو.

”ته پوءِ منهنجين اکين جو سج ڪڏهن اڀرندو؟“ ٻار ذري گهٽ روئندي چيو.

ٻار ماءُ جي هٿ کي پنهنجي ننڍڙي هٿ سان جنجهوڙي سوال ڪندو رهيو ۽ ماءُ جڻ اندر ۾ سڏڪي پئي.

”ها پٽ خدا ڪندو تنهنجين اکين ۾ اهڙو سج ضرور اڀرندو جنهن جي روشنيءَ جا ڪِرڻا ڪائنات جي هر شيءِ تي پوندا.“ ماءُ ٻار کي دعا ڏني ۽ ان جي ننڍڙين ٻانهن کي پنهنجي ڪنڌ ۾ ورائي ان جي ڳل کي پنهنجي ڳل سان لائي ڇڏيو.

ٻار جيئن وڏو ٿيندو ويو. هن جي ڪائنات به وسيع ٿيندي وئي. ماءُ جون اکيون جڻ ٻار جون اکيون هيون. ماءُ جي دل ٻار جي دل هئي. ماءُ جا سڀ حواس ٻار جا حواس هيا.

ٻار جو بحث ڏينهون ڏينهن ماءُ سان وڌندو ويو. دنيا ٻار لاءِ هڪ عجائب گهر هئي. اها اسرارن سان ڀرپور ڪنهن اڻ ڪٽ ڏکهي غار ۾ درد ۽ خوف جي دونهين مان نهندڙ عجيب ۽ غريب نقش ۽ نگار سان موجود هئي.

ماءُ ڪڏهن گل پٽي ٻار جي جهول ۾ اڇلائيندي هئي، ۽ ٻار هر گل جي خوشبوءِ مان ان جي قسم جو اندازو لڳائيندو هيو.

”امڙ خوشبوءِ ڇا کي چئبو آهي؟“ پوءِ هو وري معصوميت مان سوال ڪندو هيو.

ماءُ هن جي سوال تي ڪڏهن بہ خفي نہ ٿي.

”پٽ خوشبوءِ اڏامندڙ روح کي چئبو آهي. جڏهن ڪنهن شيءِ جي خوشبوءِ ختم ٿي ويجي تہ اها مري ويندي آهي.“

هوءَ چوندي هئي ۽ ٻار وٽ روح هڪ مقدس ديوتا جيئن ڳرُ ڪٽي بيهي رهندو هيو. جنهن کي هن جي دل سجدو ڪرڻ چاهيندي هئي.

ماءُ هن کي اهو سڀ ڪجهہ ٻڌائڻ پئي چاهيو جيڪي دنيا ۾ موجود آهي. پوءِ ان هن کي ڏک، درد، خوشي، مايوسي، اميدي نا اميدي جهالت، ڏاهپ، انصاف، نا انصافي، ايمانداري بي ايماني، ترقي زوال، شڪر نا شڪري، ظلم، بغاوت، حڪمراني، محڪومي، دنيا آخرت، جنت دوزخ اولياءَ عالم، نبي پيغمبر، خدا ۽ هر ان شيءِ جي باري ۾ ٻڌايو جيڪا ڪنهن مونجهاري جي صورت ۾ ٻار جي دل اندر موجود هئي.

ائين وقت گذرندو ويو ۽ ٻار پنهنجي تصوراتي دنيا ۾ پرورش وٺي وڌندو رهيو.

جڏهن ٻار ڏهن سالن جو ٿيو تہ ماءُ کي خبر پئي ڪا غير ملڪي ڊاڪٽرن جي ٽيم هن ملڪ جي بدنصيب نظرن کان محروم ماڻهن لاءِ اکين جو تحفو ڪٽي پيوندڪاريءَ لاءِ پهتي آهي. ماءُ ڏاڍي خوشي ٿي. هن سوچيو جيڪر هن جو معصوم بہ ڏسي سگهي. جيڪر هوءَ انهن ڊاڪٽرن وٽ پهچي پوي جن وٽ هن جي ابهم جي اکين جي روشني آهي. هن جي معصوم جو نور آهي.

اخبارن ۾ اعلان ٿيا تہ نظر کان محروم ڪجهہ ٻارن کي اکين جي پيوندڪاري ڪري نوينو ڪيو ويندو. جيڪي شخص فائدو وٺڻ چاهين اهي جلد رابطو ڪن.

اها خبر ٻڌي ماءُ جي من چاهيو تہ هوءَ سيني کان ڦريون اتي پهچي پنهنجي ٻار جي اکين جو نور حاصل ڪري سگهي. ماءُ ڪجهہ گڏ ڪيل پونجي هٿ ڪئي ۽ پوءِ مختصر سامانَ سهيڙي هوءَ ٻار کي وٺي ان اسپتال ۾ اچي پهتي جِتي اهي غير ملڪي ڊاڪٽر نظر کان محروم ماڻهن جي اکين جو معائنو ڪري رهيا هئا.

ماءُ کي ٻار سان گڏ مريضن جي هڪ ڊگهي قطار ۾ ويهاريو ويو ۽ نظر کان محروم هر انسان رب کي عرض ڪرڻ لڳو "اي خدا منهنجي دنيا کي روشن ڪر ـ مونکي نوبنو ڪر منهنجي مدد ڪر."

ڊاڪٽر هر شخص کي وڏي ڌيان ۽ اطمنان سان چڪاسيندا رهيا ـ آخر اهڙو وقت به آيو جو ماءُ ٻار کي ساڻ ڪري وڃي انهن کي ويجهو پهتي. ڊاڪٽرن ٻار جي اکين کي تپاسيو ڊاڪٽرن ماءُ کي دلجاءِ ڏني.

"هي ٻار ضرور ڏسندو." انهن مان هڪ نيڪ صورت ڊاڪٽر ماءُ کي اعتماد سان چيو. "هيءُ هر لحاظ کان فٽ آهي، صرف اکين لڳڻ جي دير آهي. اسان هن کي اکيون ضرور عطيي ۾ ڏينداسين."

"خوشيءَ کان ماءُ جي اکين ۾ ڳوڙها ڀرجي آيا. هن هر هر هٿ کڻي ڊاڪٽر کي دعائون پئي ڏنيون.

"خدا توهان کي خوش رکندو" ماءُ چيو "توهان منهنجي ٻار جي دنيا روشن ڪندا ـ خدا توهان جي آخرت روشن ڪندو" ڊاڪٽر ٻار کي وارڊ ۾ داخل ڪيو ۽ آپريشن جي تاريخ ڏني. وارڊ ۾ داخل ٿيڻ کانپوءِ ٻار نئين دنيا کي ڏسڻ لاءِ ڏاڍو بي چين هيو. هن جيڪي محسوس ڪيو هيو اهو سڀ هڪ روپ وٺي هن آڏو نروار ٿيڻ وارو هيو.

ماءُ هن کي دلاسا ڏئي، ايندڙ وقت جي باري ۾ ٻڌائيندي رهي جيڪو اميدن سان ڀرپور ۽ روشنين سان منور هيو.

پوءِ هو ڳالهيون ڪندا رهيا ۽ ان گهڙيءَ جو انتظار ڪندا رهيا جڏهن ٻار لاءِ هڪ نئين زندگيءَ جي ابتدا ٿيڻ واري هئي. آخر اهو وقت به اچي ويو جڏهن ٻار کي هڪ وڏي ٽيبل تي سمهاري آپريشن لاءِ تيار ڪيو ويو. غير ملڪي ڊاڪٽرن وڏي احتياط ۽ ڌيان سان هن جي اکين جي پيوندڪاري ڪئي. ماءُ پنهنجي ٻچڙي لاءِ رب آڏو جهول جهلي دعائون گهرندي رهي.

"اي رب منهنجي ٻچڙي کي ديد عطا فرماءِ. هن کي نوبنو ڪر. هن کي روشني ڏي."

ڪجهه وقت کانپوءِ ڊاڪٽرن جي ٽيم آپريشن ٿيٽر مان نڪري ماءُ کي مبارڪ ڏيندي چيو.

"ٻار جو آپريشن ڪامياب ٿيو آهي. خدا ڪندو هو ضرور ڏسندو."

جڏهن ٻار کي واپس وارڊ ۾ آندو ويو ته ان جي اکين چوڌاري پٽي ويڙهيل هئي ۽ اهو ڪنهن گهري ننڊ ۾ جڻ ڪنهن نئين صبح جو انتظار ڪري رهيو هيو. ٻئي ڏينهن اکين جي هڪ ماهر ڊاڪٽر ٻار کي تپاسيو ۽ ماءُ کي دلداري ڏني.

"هڪ هفتي کانپوءِ هن جي پٽي کولي ويندي" ان اعتماد سان چيو. "گهٻرائڻ جي ڪا به ضرورت نه آهي."

ڊاڪٽر جي آٿت تي جڻ ماءُ جي هيانءَ تي پاڻيءَ ڇنڊو پيو.

”خدا توهان کي خوش رکندو.“ ماءُ چيو ”توهان جا احسان مان زندگي ڀر نہ وساري سگھندس.“

ڊاڪٽر مرڪيو ۽ ٻار جي مٿي تي پيار مان هٿ ڦيري هليو ويو.

”امڙ شفا ڇاکي چئبو آهي؟“ ٻار وري سوال ڪيو.

”پٽ شفا خدا جي هٿن ۾ هوندي آهي ۽ اهي هٿ ڪڏهن ڪنهن انسانَ جي ڪراين ۾ لڳل هوندا آهن.“

جڏهن ست ڏينهن پورا ٿيا تہ ڊاڪٽرن جي ٽيم ان ٻار مٿان پهچي وئي ۽ هرڪو ان گھڙيءَ جو انتظار ڪرڻ لڳو جڏهن ٻار جي اکين جي پٽي کولي ويندي ۽ هو پهريون دفعو دنيا کي ڏسندو. هر ڪنهن جي منهن تي سرهائي هئي. ماءُ جا ڌڪندڙ هٿ هن جي تيز ڌڙڪندڙ دل ڪري سيني تي رکيل هيا. ان جي اکين ۾ خوشيءَ جا ڳوڙها هيا.

هڪ ماهر ڊاڪٽر اڳتي وڌي ٻار جي اکين تي ٻڌل پٽيءَ کي کولي ان جا وڪڙ هٽائڻ لڳو. سڀ سانت ٿي ويا.

”سڀ کان پهريون تون ڪهڙي شيءِ ڏسڻ چاهيندي؟“

ڊاڪٽر ٻار کان سوال پڇيو.

”پنهنجي امڙ کي“ ٻار ڪنهن جهجهڪ کان بغير چيو.

ماءُ کي ٻار سامهون ويهاريو ويو جيئن اهو اکيون کولڻ سان سڀ کان پهريون ان جو نظارو ڪري سگھي.

جڏهن پٽي کلي وئي تہ ڊاڪٽر ڳالهايو.

”پٽ اکيون آهستي آهستي کول؟“ ان ٻار کي چيو.

ٻار آهستي آهستي اکيون کوليون ۽ تجسس مان سامهون ڏٺو. هن جي چپن تي مرڪ اچي وئي.

”پٽ هوءَ تنهنجي ماءُ آهي“ ڊاڪٽر ماءُ ڏي اشارو ڪندي چيو ”ڏس ڪيئن نہ تو ڏانهن ڏسي خوشيءَ مان مرڪي رهي آهي.“

ٻار پهريون دفعو ماءُ کي ڏٺو. هن پهريون دفعو ماءُ کي ڳوڙهن جي روپ ۾ وهندي ڏٺو. ماءُ جنهن جي اکين مان خوشيءَ جا ڳوڙها وهي رهيا هيا. ماءُ جيڪا دنيا جي خوبصورت ترين هستي هئي. ماءُ جنهن جي ڇهري مان جنت جا گل ڇڻي رهيا هيا. ماءُ جنهن جي پيشانيءَ تي شفقت چمڪي رهي هئي. ماءُ جنهن جي دعا لاءِ مٿي ڪنيل هٿن ۾ نور نظر اچي رهيو هيو.

ٻار ماءُ کي دل کولي ڏٺو ۽ ان جي هر نقش کي پنهنجين اکين ۾ سمائي ڇڏيو. ڊاڪٽر پنهنجي ڪاميابيءَ تي خوش ٿي ٻار ۽ ماءُ طرف ڏسندا رهيا.

اوچتو بجلي بند ٿي وئي ۽ هر طرف ڇڻ اونده جا ڪارا پردا هيٺ ڪري پيا. گهگه ٿي ويو هر شيءِ ڪاراڻ پويان گم ٿي وئي.

اونداهه ۾ ٻار جي رڙ اڀري.

”امان............ مان وري انڌو ٿي ويس.“ هو رڙيون ڪري اونده ۾ ماءُ کي سڏيندو رهيو.

”امان مونکي ڪا به شيءِ نظر نه اچي رهي آهي. مان توکي نه ڏسي رهيو آهيان..... مان انڌو ٿي ويس.“

ٻار اونده ۾ روئندو رهيو.

ماءُ اونده ۾ هٿ هٽندي هن مٿان آئي ۽ پنهنجي سيني سان لائي دلداري ڏيندي چيو.

”پٽ تون انڌو نه ٿي ويو آهين......... ان کي لوڊشيڊنگ چئبو آهي.“

◈

فٽ پاٿ جو فوٽو گرافر

سنڌوءَ مان وهنجي منجهند جو جڏهن مينهون موٽنديون هيون تہ رستا ڌوڙ سان پرجي ويندا هيا. راهہ هلندي بڪايل مينهون ڪائڻ جي هر شيءِ ۾ وات وجهنديون هيون. سبزي وڪڻندڙ لنيون ڪٺي انهن کي هڪليندا هيا، ڪارڪون وڪڻندڙ پنهنجا گاڏا پاسيرا ڪري بيهاريندا هيا ۽ مائرون ٻارن کي ٻانهن کان جهلي پري ڪنديون هيون. پڳل فٽ پاٿ جو فوٽو گرافر بہ پنهنجي چئن ٽنگن واري اسٽينڊ تي رکيل ڪيمرا کي هٿ وجهي پيو هشڪران ڏيندو هيو ۽ ٽڪيل مينهون هيڏانهن هوڏانهن ٿي ونديون هيون.

اڌروٽ عمر جي ان فوٽو گرافر جا وار اڃان اڇا نہ ٿيا هيا. جسم ۾ سنهو هجڻ ڪري هن کي پاتل ڪپڙا لڙڪيل نظر ايندا هيا. هو فٽ پاٿ تي رکيل بينچ تي گراهڪ کي ويهاري ان پويان لڙڪندڙ ڪاري پردي کي ٺاهي، ڊگهي اسٽينڊ تي رکيل دٻي جهڙي ڪيمرا پويان ٽنگيل ميري ڪپڙي ۾ منڍي وجهي چيلهہ تائين ان ۾ اندر گهري ويندو هيو ۽ سامهون ويٺل جي بيهڪ کي جاچي ٻاهر نڪري وري وري پيو ان کي درست ڪندو هيو.

اهو ان شهر جو مصروف روڊ هيو جيڪو هڪ پاسي کان شروع ٿي شهر جي مرڪزي ٽاور وٽ پهچندو هيو. ان روڊ تي بہ سينيمائون هيون جن تي ٻاهران وڏا رنگين پوسٽر لڳل هوندا هيا. جڏهن شامَ ٿيندي هئي تہ سينيمائون ماڻهن سان پرجي ونديون هيون. پوليس وارا قطارن کي سڌو ڪرڻ لاءِ بيد جي لنين جو استعمال ڪندا هيا ـ جڏهن فلم ڦٽندا هيا تہ ماڻهن جا پڳهر پيرن تائين پيا وهندا هيا ۽ انهن جي ڪپڙن مان اٽندڙ بوءِ پري کان پئي محسوس ٿيندي هئي. روڊ جي وچ تي پوليس ٽاٽي سامهون ڳاڙهي بازار ۾ اڇا پٽڪا ائين نظر ايندا هيا جيئن سائي سينور تي بدڪون ترنديون هجن.

جڏهن رات ٿيندي هئي تہ ان شهر مٿان اونڌهہ جو راڄ هوندو هيو. شهر جو واحد ٿرمل پاور هائوس ڪن مخصوص علائقن تائين محدود هوندو هيو. گاسليٽ جون بتيون عام هيون. ڪٿي گاسليٽ جا گيس وارا گولا تيز روشنيءَ سان ٻرندي نظر ايندا هيا. سينيمائون جنريٽرن تي هلنديون هيون ۽ اتي پيلا بلب ميرا ڏند ڪڍي کلندا هيا. روڊ جي سڄي پاسي کان هڪ ننڍي ڪچ سري پٽ ڏٺل هوندي هئي جنهن جي پرئين پر شهر جو قديم قبرستان هيو. فوٽو گرافر فٽ پاٿ تي ان قبرستان جي ڪچي پٽ کي اسٽول تي ٽيڪ ڏئي ويٺل نظر ايندو هيو. سندس سامهون هڪ ڳاڙهين سرن واري جاءِ

هئي جنهن جي هيٺان بقالڪا دوڪانَ هيا ۽ مٿي ماڙيءَ تي اڪو دادا جو گهر هيو جيڪو پنهنجي نوجوان پيڻَ سان رهندو هيو. هن جي ماءُ ان جي ننڍپڻ ۾ ئي لاڏاڻو ڪري وئي ۽ سندس پيءُ پنجهٺ واري جنگ ۾ حُرن سان گڏ ٿرپارڪر واري بارڊر تي وڙهندي شهيد ٿيو.

شهر ۾ اڪو دادا جو وڏو نالو هيو. جان ۾ پريل ۽ قد جو ڊگهو هو. گهڻو ڪري گهري نيري رنگ جا ڪپڙا پائي، وار تيل سان ڄمائي ۽ ملتاني گيتلي ۾ جڏهن هو شهر جي سينيمائن تي نظر ايندو هيو ته ماٺهو هن کي پري سُري جاءِ ڏيندا هيا. گرميءَ ڪري هو قميص جي پاند سان پاڻَ کي هوا ڏيندو هيو ته ڪارو ست ڦيرو پستول هن جي ور ۾ نظر ايندو هيو. دلوڪ مڪراڻي جيڪو هٽ ۾ هنٽر ڪٽي ٽڪيٽ ونڻ لاءِ ماڻهن جي بي قابو هجوم تي پيو وسائيندو هيو ان جي نظر جڏهن اڪو دادا تي پوندي هئي ته ان جو هنٽر رڪجي ويندو هيو ۽ اُهو اڳتي وڌي اڪو دادا کي ياڪر پائي ملندو هيو.

”اڪو دادا جي بادشاهيءَ جو خير.“ اهو چوندو هيو.

اڪو دادا، پويان بيٺل واقفڪارن کي اک هڻندو هيو.

”اڙي ڏيوس پئسا......“ هو چوندو هيو.

پ تي واقفڪار دلوڪ مڪراڻيءَ کي پئسا ڏيندا هيا ۽ هو هنٽر ڦيرائي ماڻهن کي هڪ پاسي ڪري دريءَ ۾ هٿ وجهي ٽڪيٽون وٺي اڪو دادا کي ڏيندو هيو. اڪودادا وڏي فخر سان ڇاتي ٻاهر ڪڍي ماڻهن تي حقير نظر وجهندو هيو.

اڪو دادا جي نوجوان پيڻ ماڙي ٻاهران نڪتل گيلريءَ ۾ اڪثر ايندي ويندي هئي. فوٽو گرافر قبرستان جي پٽ کي ٽيڪ ڏئي پيو ان کي ڏسندو هيو. وقت سان گڏ اڪو دادا جي نوجوان پيڻ به ان جي اکين جي ڄارَ ۾ ڦاسي پئي. اها هن ڏي ڏسي ڪڏهن مرڪي هلي ويندي هئي. ڪڏهن اکيون ملائي هوا ۾ اڏرندڙ وارن کي هڪ پاسي ڪندي هئي ته ڪڏهن من ۾ دبيل ٿهڪ ڏئي ڪنڌ هيٺ ڪري ڇڏيندي هئي.

ان پڪسري عمارت پويان محمدو مواليءَ جو ساقي خانو هيو جتي شهر جا موالي چرس پري سلفين جا سوٽا هڻندا هيا ۽ هر سوٽي تي وڏي آواز ۾ هڪ نعرو لڳندو هيو. ساقي خاني اندر هڪ اونداهي ڪوني هئي جنهن ۾ اڪو دادا جُئا جي ٽڪري هلائيندو هيو ۽ هر داءَ تي جُئارن کان نال اوڳاڙيندو هيو.

هڪ ڏينهن فوٽو گرافر وڏي همت ڪئي. هن سنهڙي گهنٽيءَ کان وجي. ساقي خاني جي ڏاڪڻ ٽپي ان جي پڳل پلوڙي کان چڙهي وجي ان ڇوڪريءَ سان ملاقات ڪئي جيڪا تيز اس ۾ اتي هن جو انتظار ڪري رهي هئي. گرميءَ جا ڏينهن هيا ۽ منجهند جو وقت، شهر اڌ رات جو ڏيک ڏئي رهيو هيو.

ڏسڻ وارو ڪو بہ ڪو نہ هيو. فوٽو گرافر کي سنو وجهہ ملي ويو. ان ڪافي وقت اتي گذاريو ۽ پوءِ پيار جا پڪا واعدا ڪري هو واپس ساڪي خاني جي پيگل پٽ تان لهي هليو ويو.

عيد جا ڏينهن هيا ۽ شهر جو رخ ئي بدلجي ويو هيو. ڳاڙهي بازار ۾ پير پائڻ جي جاءِ نہ هئي. ويشائون تيز ميڪ اپ ڪري دروازن تي بيٺل هيون ۽ انهن جا اگهہ آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هيا. شراب جي گتن تان بوتلون غائب ٿي چڪيون هيون. سينيمائن تي رش سبب ٽڪيٽون بليڪ تي وڪرو ٿي رهيون هيون ۽ ڳنڍي چوڙن جون نظرون اتي آيل ڳوناٽن جي کيسن تي کتل هيون. فوٽوگرافر وٽ بہ لائين لڳي پئي هئي. هن وٽ ماڻهو لڙڪندڙ ڪاروڪوٽ پائي ان نقلي پستول سان فوٽو ڪيرائي رهيا هيا جيڪو پستول هن ڪڏهن اتان اسٽور تان ساڍن پنجن روپين ۾ ورتو هيو. ان عيد تي فوٽوگرافر کي چڱي آمدني ٿي. هن صرافا بازار مان هڪ سوني منڊي ورتي ۽ پوءِ ٽاڪ منجهند جو سنهڙي گهٽيءَ مان وجي ساڪي خاني تي چڙهي پيگل پلوَڙو ٽپي هو اتي انتظار ۾ ويٺل ڇوڪريءَ جي چيچَ ۾ پنهنجي هٿن سان پارائي آيو.

هڪ ڏينهن فوٽوگرافر ڪنڌ هيٺ ڪري پنهنجي ڪم ۾ مصروف هيو تہ اوچتو بہ هٿ اچي هن جي گريبان ۾ پيا. منهن مٿي ڪري ڏٺائين تہ اهو اڪو دادا هيو.

”تنهنجي تہ پيڻ کي.....“ اڪو دادا چيو ۽ پوءِ هن کي مٿي کٽي وچ روڊ تي ڦٽو ڪيائين. روڊ تي هلندڙ ٽانگا ۽ گڏهہ گاڏا رڪجي ويا. اڪو دادا اڳتي وڌي هن کي قميص ۾ هٿ وجهي اٿاري منهن ۾ لغدا وهائي ڪڍيا.

”مان توکي جيئرو نہ ڇڏيندس.“ اڪو دادا چيو ”ڪتي جا پٽ تون اڄ نہ بچندين!“

فوٽو گرافر هيسجي بئي هٿ منهن کي ڏئي بيهي رهيو. هجوم ڪٺو ٿي ويو. سامهون سينيما مان دلوڪ مڪراٽي پجندو آيو. ان هجوم کي هٿن سان هٽائي ڏٺو. اڪو دادا پستول ڪڍي هلائڻ وارو هيو.

”نہ بادشاهہ نہ“. دلوڪ وجي هن جي هٿن کي چنبڙيو. ”ڇڏينس نہ ڪجاڻ“

”مان هن حراميءَ کي نہ ڇڏيندس.“ اڪو دادا تواڻيءَ ۾ چيو. ”هن منهنجي عزت ۾ هٿ وڌو آهي.“

گهڻا ماڻهو وچ ۾ پئجي ويا ۽ فوٽو گرافر کي ٽڪ لعنت ڪري اڪو دادا کي ڇڪي پاسيرو ڪري وٺي ويا. ڇوڪري مٿان گيلريءَ مان اهو سڀ ڏسندي رهي. سندس منهن پريشانيءَ کان اس ۾ وڌيڪَ ڳاڙهو ٿي ويو. هن جون همدرديون فوٽو گرافر سان وڌي ويون ۽ دل ۾ پياءُ خلاف نفرت ۾ اظافو ٿي ويو.

ان ڏينهن کانپوءِ فوٽو گرافر ڏاڍو ڊنل هوندو هيو. پر پوءِ بہ هو ڪڏهن ڪڏهن ڪنڌ مٿي ڪري گيلريءَ ۾ ڏسندو هيو تہ اها ڇوڪري اتي اجايل ڪونج جيان پئي لڇندي هئي. پوءِ اتي فٽ پاٿ تي

رياستي مڱٽيون جڏهن لوٽو وڄائي وڇوڙي جي ڪا وائي ڳائيندڙيون هيون تہ هن جون اکيون پاٽيءَ سان پرجي اينديون هيون. اتي جڏهن جوڳي مرليون وڄائي ماڻهو ڪٺا ڪندا هيا تہ هن کي ڦڻ ڪڍي بيٺل ڪاريهر اڪو دادا جيان نظر ايندو هيو.

هڪ ڏينهن سانجهيءَ جو جڏهن فوٽو گرافر ڪم مان واندو ٿي وڃڻ جي تياري ڪري رهيو هيو تہ هن کي ساقي خاني ڪان مسلسل پستول جا فائر ٻڌڻ ۾ آيا ڪجهہ ماڻهو خوف کان سنهي گهٽيءَ مان ڀڄندا ٻاهر نڪتا. ڪن کي هڪ پير ۾ پادر پاتل هيو تہ ڪي پيرين اگهاڙا هيا. انهن ماڻهن مان جڏهن هڪ کي بيهاري پڇيو." تہ ڇا ٿيو آهي؟ خير تہ آهي نہ؟"

"اڪو دادا" ان خوف مان چيو: "اڪو دادا شفقت شاھہ کي گوليون هڻي قتل ڪري ڇڏيو."

ٿوري دير ۾ پرسان ئي ٿاڻي مان سپاهي بندوقن ۽ لٺن سان ڀڄندا آيا ۽ انهن ساقي خاني وٽ پهچي هوائي فائر ڪيا. اڪو دادا پوليس کي چڪر ڏئي ساقي خاني جي ڏاڪڻ چڙهي پڳل پلوڙي ڪان ٽپو ڏئي پنهنجي گهر پهتو. پوءِ هيٺ لهي روڊ پار ڪري فٽ پاٿ تي فوٽو گرافر جي ويهڻ واري اسٽول تي لت رکي پٽ ٽپي قبرستان طرف ڀڳو. پوليس فائر ڪندي ساڳي رستي کان هن پويان ڀڄندي وئي. اڪو دادا قبرستان جي ڏنگن ڦڏن ڪبڙن مان لڪندو جيئن ئي پير واري پاسي کان ٻاهر نڪتو تہ اتي اڳ ئي انتظار ۾ بيٺل صوبيدار وجي ڳچيءَ ۾ هٿ وجهي هيٺ دسيس. پوليس وارا بہ اچي پهتا ۽ ڪٽي سوگهو ڪيونس. ور ۾ هٿ وجهي پستول ٻاهر ڪڍي ٻانهن کان پڪڙي روڊ تان گهليندا ٿاڻي تي وٺي لاڪپ ۾ بند ڪري ڇڏيونس.

فوٽو گرافر کي ائين محسوس ٿيو جيئن بيلي مان شينهن غائب ٿي ويو هجي.

اڪو دادا جي گرفتاريءَ کان پوءِ فوٽوگرافر پنهنجي ڪمائيءَ جو هڪ حصو ان ڇوڪريءَ کي ڏيندو هيو جنهن ڪري ڇوڪريءَ کي پاءَ جي ڪمي ڪڏهن محسوس نہ ٿي. ساقي خاني اندر جئا جي ٽڪري ويران ٿي وئي. ڪچين پٽين جون پاڙون ڇڏڻ لڳيون ۽ اتي ڪيترائي ڪوئا پنهنجن ٻرن مان ٻاهر نڪري آيا.

فوٽوگرافر جا اهي ڏينهن هن جي زندگيءَ جا سڀ کان خوبصورت ڏينهن هيا. سندس ڪم ۾ خود اعتمادي اچي وئي ۽ هن جي ڪيمرا صاف ڇٽا خوبصورت فوٽو ڪيڍڻ لڳي. هو عشق ۾ اکيون بند ڪري چندر جا گيت گنگنائيندو هيو ۽ روڊ جي ٻئي طرف دوڪانن جي سامهون ويٺل پڪوڙائيءَ سان چرچا ۽ کل ڀوڳ ڪندو هيو. ڇوڪري هر هر سامهون گيلريءَ ۾ بيهندي هئي ۽ مرڪي هن مٿان قرب جا گل نشاور ڪندي هئي.

تن ڏينهن اتي سينيما ۾ پستول باز اداڪار پريم ناٿ جو فلم لڳل هيو. وڏي رش هئي. فلم ڦٽندو هيو ته روڊ ماڻهن سان ڀرجي ويندو هيو. فلم جي اثر ڪري فوٽو گرافر وٽ هر گراهڪ ڪلهي ۾ پستول پائي پوءِ فوٽو ڪيڏائيندو هيو. هڪ ڏينهن ميمڻ محلي جا ٻه جوان فلم ڏسي موٽيا. فلم جو ايڏو اثر هون جو پري ڪان ٺهڪ ڏيندا تاڙا ملائيندا ۽ اداڪاري ڪندا پئي آيا. انهن فوٽوگرافر وٽ پهچي ان کي چيو: ”استاد! فوٽو ڪيڏرائڻو آهي...... پر فوٽو اهڙو ڪڍ جو يادگار هجي.“

فوٽو گرافر انهن کي ڪيمرا سامهون بينچ تي ويهاريو. هڪ نوجوان فوٽو ڪيڏائڻ کان اڳ اتي لڙڪندڙ پستول لاهي ڪلهي ۾ وڌو ۽ پوءِ هو هڪ ٻئي جي ڪلهن تي هٿ رکي ويهي رهيا. فوٽوگرافر ڪيميرا پويان لڙڪندڙ ميري ڪپڙي ۾ منڍي وجهي گهڻي دير ڪانپوءِ جڏهن ”ريڊي“ چئي فوٽو ڪڍيو ته نوجوان وري ٺهڪ ڏئي مذاق ۾ مشغول ٿي ويا. هڪ جوان ڪلهي ۾ لڙڪندڙ پستول ٻاهر ڪڍي پريم ناٿ وانگر اداڪاري ڪندي آڱر سان وٺي ٽريگر کي دٻايو. تيز ٺڪاءُ ٿيو پستول مان گولي نڪتي ۽ سامهون گيلريءَ ۾ بيٺل ڇوڪري رڌ ڪري هيٺ پڪوڙن واري ٺهڪندڙ تيل جي ڪڙهائيءَ ۾ اچي ڪري. سڀ حيران ٿي ويا. ٻئي نوجوان خوف کان هيڊا ٿي ويا ۽ زمين تي هاريل پڪوڙن وچ ۾ پيل ڇوڪريءَ کي سڌو ڪري ڏٺائون. ڇوڪري مري چڪي هئي. گولي هن جي نرڙ ۾ لڳي مٿي کي سوراخ ڪندي ٻئي پاسي کان نڪري وئي هئي.

پوليس پهتي ۽ ٻنهي نوجوانن سميت فوٽوگرافر کي پڪڙي لاڪپ ڪري ڇڏيائون. فوٽوگرافر هر هر ٻئي هٿ منهن کي هڻي هاءِ گهوڙا ڪندو رهيو. هن کي اها ڳالهه سمجهه ۾ نه پئي آئي ته آخرڪار هن جي اتي رکيل نقلي پستول مان اصلي گولي ڪيئن نڪتي. ٿاڻي تي پاڙي جا چڱا مڙس پهتا ۽ ڪجهه ڏيتي ليتيءَ ڪانپوءِ فيصلو ٿيو ته ٻئي نوجوان بي گناهه آهن. جيئن ته انهن کان اتفاقي گولي هلي وئي آهي ڇو جو انهن کي اها خبر نه هئي ته انهن جي هٿ ۾ جهليل پستول اصلي آهي. تنهنڪري انهن تي رپورٽ درج نه ڪئي وڃي. سمورو قصور ان فوٽوگرافر جو آهي جنهن اڪو دادا کان پنهنجي بي عزتيءَ جو بدلو وٺڻ لاءِ ان جي بي گناهه ڀيڻ کي چالاڪيءَ سان مارڻ گهريو ٿي.

ٻنهي نوجوانن کي آزاد ڪيو ويو ۽ پوءِ پوليس ٿاڻي جي دالان ۾ فوٽوگرافر کي اگهاڙو ڪري اچي باڻن سان ورتو. ”زپ زپ“ جا آواز ۽ فوٽو گرافر جون رڙيون ان ڏينهن روڊ تان هر ايندڙ ويندڙ ٻڌيون.

”اڙي ٻڍاءِ ماءُ جا........ اهو پستول تون وٽ ڪٿان آيو؟“

سپاهين جي رڙ ۾ هر هر فوٽوگرافر جي دانهن ايري رهي هئي. ”مونکي ڪا به خبر نه آهي.“ فوٽوگرافر چئي رهيو هيو: ”اهو پستول منهنجو نه آهي. مان خدا جو قسم کڻي چئي رهيو آهيان ته مان ائين هرگز نه ٿو ڪري سگهان مان ان معصوم ڇوڪريءَ جو قاتل نه آهيان.“

فوٽوگرافر زور سان روئي رهيو هيو.

ٽاڻي تي لڳاتار ڪيترا ڏينهن فوٽوگرافر پوليس جي تشدد هيٺ رهيو. دنيا ۾ هن جو ڪو به والي وارث نہ هيو. بس هڪ اها ڪيمرا هئي جيڪا هاڻي پوليس جي مال خاني ۾ موجود هئي ۽ ٻئي هن جي محبوبا جيڪا هاڻي دنيا مان موڪلائي چڪي هئي. گهڻي انتظار ڪانپوءِ پوليس جڏهن ڪو ڏيتي ليتيءَ جو آسرو نہ سمجهيو تہ فوٽوگرافر کي چالان ڪري ڪورٽ ۾ پيش ڪيو جتان هن کي شهر جي وڏي جيل موڪليو ويو.

جڏهن فوٽوگرافر هٿ ڪڙيون پائي جيل جي دروازي ڏانهن ڏاڪڻين تان چڙهي رهيو هيو تہ اتي ئي هن کي اڪو دادا نظر آيو جيڪو ان ڏينهن جيل مان آزاد ٿيو هيو ۽ ڏاڪڻين تان هيٺ لهندي هن ڏانهن خون خوار نظرن سان ڏسي رهيو هيو.

اڪو دادا پنجن مهينن ڪانپوءِ جيل مان ٻاهر نڪري آيو. پوليس جڏهن اڪو دادا کي پڪڙيو هيو تہ ان جي ور مان نقلي پستول نڪتو هيو. جيڪو پوليس عدالت ۾ پيش ڪيو. عدالت ۾ گهڻي بحث مباحثي ڪانپوءِ اڪو دادا جو وڪيل اهو ثابت ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو تہ اڪو دادا شفقت شاهہ جو قتل نہ ڪيو آهي ان ڪري هن کي آزاد ڪيو ويو.

جيل مان نڪري جڏهن اڪو دادا ساقي خاني ۾ آيو تہ ان جون ڪچيون پڪيون پري چڪيون هيون. هر طرف ويراني لڳي پئي هئي ۽ اتي ڪچي مٽيءَ جي بوءِ ڪانسواءِ ڪجهہ بہ نہ هيو. هو جڏهن گهر پهتو تہ زندگيءَ ۾ پهريون دفعو من ۾ سور جي ڪنهن سٽ کان سندس اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. هن ٻئي هٿ منهن کي ڏنا ۽ پوءِ پيٽ جي خالي پيل کٽ وٽ اوڪڙو ويهي سڏڪن ۾ مچي ويو.

عدالت ۾ فوٽوگرافر تي مقدمو هلي رهيو هيو. هو ملزمن واري ڪٽهڙي ۾ بيٺل هيو. هن جو جسم ڪمزور ٿي چڪو هيو ۽ ٽنگون ڏڪي رهيون هيون. ڏاڙهيءَ جا وار هن جي هڏائين منهن تي سنهين سئين وانگر ٽنبيل هيا. هو پنهنجي عمر کان وڌو نظر اچي رهيو هيو. سرڪاري وڪيل وڏي بي دليءَ سان ڳالهائي رهيو هو. ڪل بہ چار ماڻهو عدالت ۾ موجود هيا. جج ائين بيزار ويٺل هيو جيئن ان وٽ وقت نہ هجي، اوچتو اڪو دادا عدالت جي دروازي مان اندر داخل ٿيو. ندامت کان هن جو ڪنڌ هيٺ جهڪيل هيو. هن جي چال ۾ پڇتاءُ ظاهر ٿي رهيو هيو. اهو عدالت ۾ آيو ۽ عرض ڪيائين تہ: "هو ڪجهہ چوڻ چاهي ٿو."

جڏهن هن کي ڪٽهري ۾ بيهاريو ويو تہ هن ٻئي هٿ مٿي ڪري معافي ورتي.

"دراصل فوٽوگرافر بي قصور آهي." هن ڏکوئيل آوازَ ۾ چيو. "اهو اصلي پستول منهنجو آهي. جڏهن مون شفقت شاهہ کي قتل ڪيو تہ فٽ پاٿ واري پاسي کان قبرستان جي پر ٽپندي اتي فوٽو گرافر

جي لڙڪندڙ نقلي پستول کي بدلائي مون اتي اصلي پستول وڌو هيو. جيڪو منهنجي پيءُ جي موت جو سبب بڻيو.“

اڪو دادا جي اکين مان ڳوڙها وهي هيٺ ڪري رهيا هيا.

”فوٽوگرافر بي گناهه آهي.“ هن وري چيو. ”مان ڏوهاري آهيان مونکي گناهن جي سزا ضرور ملڻ گهرجي.“

اڪو دادا ڪنڌ هيٺ ڪري سڏڪندو رهيو.

فوٽوگرافر جڏهن آزاد ٿي ٻاهر نڪتو ته هن لاءِ دنيا بدلجي چڪي هئي. هر شيءِ بي معنيٰ ٿي چڪي هئي. هو ڪمزور وکون کڻندو ان فٽ پاٿ تي آيو جتي ڪڏهن هن جي ڪيمرا رکيل هوندي هئي. هن ڪنڌ مٿي ڪري سامهون ان پڪ سري عمارت کي ڏٺو جنهن جي گيلريءَ ۾ هن جي محبوبا مرڪندي هئي. هن کي اها عمارت ائين نظر آئي جيئن هو ڪيمرا مان نڪتل ڪو فوٽو ڏسندو هجي. اتي گيلريءَ ۾بيٺل سندس محبوبا جو منهن ڪنهن ننهن سان رڱڙي متائڻ جي ڪوشش ڪئي هجي. رانيوٽن ڪري هن جي منهن مان رت هيٺ ڳڙي ٿهڪندڙ تيل جي ڪڙهائي ۾ ڪرندو هجي.

فوٽو گرافر ڪجهه وقت آلين اکين سان فٽ پاٿ تي ويهي ان گيلريءَ کي ڏسندو رهيو. پوءِ هو اٿيو ۽ ڪنهن کي خبر نه آهي ته هو ڪيڏانهن هليو ويو.

◈

ڪوما (سڪرات) = موت / زندگي

هو روشنيءَ کان پري ٿيندو، هيٺ اوندهہ ۾ لهندو ويو. هن کي روشني پري کان ڪنهن ستاري جيان چمڪندي پئي نظر آئي. هو تيز ڪاري اوندهہ جي طوفانَ ۾ اڏامندو ڪرندو پئي ويو. روشني جيڪا ڪڏهن هن جي وجودَ ٻاهران ائين ڦهليل هئي جيئن هن جو وجود سج هجي. روشني جنهن جي ڪا بہ حد نہ هئي. جنهن جو ڦهلاءُ نظرن جي ڊوڙ کان تيز هيو. روشني جنهن ۾ جاڳ اکيون ڦاڙي ويٺل نظر اچي رهي هئي.

اها روشني هن جي اوندهہ ۾ هيٺ لهندڙ وجود سان سسندي ننڍي پئي ٿيندي وئي. اها نظرن کان اوجهل پئي ٿيندي وئي. هن جو وجود پنهنجي حيثيت وڃائي رهيو هيو. اهو نظر نہ ايندڙ ڪنهن احساسَ ۾ تبديل پئي ٿيندو ويو.

اتي هوا نہ هئي. اونداهہ اڏامي رهي هئي. اها هن جي ساهہَ ۾ شامل ٿي ڦڦڙن ۾ ڦوڪجي واپس ٻاهر نڪرڻ بجاءِ هن جي رت ۾ شامل ٿي ان کي ڪارو ڪري رهي هئي. اوندهہ هن جي وجود ۾ ائين هئي جيئن ڪو گهٽيل بند ڪمري ۾ ڪنهن وڇڙي ويل جي ياد ۾ ڪارو لباس پائي اڪيلو ويهي ان کي ياد ڪندو هجي.

اتي اوندهہ گهلي رهي هئي. ڪاراڻ جي ڪنهن بہ وڻ جو پن لڏندي نظر نہ اچي رهيو هيو. اوندهہ جا ننڍڙا ذرا هٿ هٿ ۾ ڏئي گهاٽي ڄارَ جيان هر طرف وڇايل هيا. هن جو وجود ڄار ۾ ڦاسڻ بجاءِ ان ۾ اندر سفر ڪري رهيو هيو. روشنيءَ جو پري کان نظر ايندڙ ٽبڪو جهڪو ٿي ختم ٿي رهيو هيو ۽ اوندهہ هر شيءِ تي غالب اچي رهي هئي. هن جون اکيون کليل هوندي بہ بند هيون. هو اکين کي ڦاڙي ڏسڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو. هن جا هٿ هر گهڙي ڇهري تي اکين کي ڳولهي رهيا هيا. اهي کليل هيون. هو محسوس ڪري رهيو هيو پر ڄڻ اهي بند هيون.

اوندهہ آس پاس هر شيءِ کي والاري رهي هئي. هو ساهہ ۾ اوندهہ کي اندر کڻڻ تي مجبور هيو. هن جا چپ نيرا ڪارا هيا ۽ وات کليل هيو. هو اکيون ڦاڙي نِڙيءَ تي هٿ رکي ائين پئي سهڪيو جيئن

ڪنهن سنهي تارَ هن کي ٻڪڇيءَ جي چوڌاري ويڙهي هن کي گهٽو ڏنو هجي. زِبانَ هن جي وات مان هر هر ٻاهر پئي نڪتي ۽ ساهه ڪونگهري جيان هن جي ڳلي مان ڏڪجي ٻاهر پئي آيو.

هن کي مونجهه محسوس ٿي رهيو هئي. ڪاري طوفان ۾ اڏامندڙ هن جو وجود سهڪي رهيو هيو. ڪارائڻ هن جي هر رڳ ۾ گردش ڪري رهي هئي. هن جي جسم ۾ موجود رت جو رنگ اونداهه جو رنگ هيو ۽ هن جو وجود اونده جي ڪنهن نظر نه ايندڙ حصي جيان هن ۾ موجود هيو.

هو ڪجهه ڏينهن کان مسلسل بيهوش هيو. هو اسپتال جي بستري تي هڪ ڪونگهري جي صورت ۾ ساهه کي جهٽي بيقراريءَ مان ان کي پنهنجي وجود اندر محفوظ ڪرڻ جي ڪوشش ڪري رهيو هيو.

هن زندگيءَ ۾ جنهن کي چاهيو ان کي حاصل ڪري نه سگهيو. هن ان سان بي پناهه محبت ڪئي. هوءَ جيڪا بينل پاٽيءَ ۾ بهار جي واءُ جي پهرين لڳندڙ جهوتي سان پيدا ٿيندڙ هلڪي لهرن جيان روحَ کي فرحت ڏيندڙ هئي. هوءَ جيڪا گلابي ڪنول تي ساوڻ جي مينهنَ جي بوند جيان زندگيءَ جو احساس هئي. هوءَ جنهن ۾هن جو روح قيد هيو. جنهن جادوءَ سان هن جي جسم کي قابض ڪيو هيو. جيڪا هن جو پيار هئي، هن جي زندگيءَ جي آخر سرحد هئي.

اها اوچتو هڪ ڏينهن هن کان ڏور ٿي وئي. هٿ هٿ ۾ ڏئي هلندي هن جي آڱرين مان پنهنجيون آڱريون سِرڪائي هٿ لوڏڻ بنا، پوئتي ڏسڻ بنا ڊوڙندي هلي وئي. ان جي ڊوڙ ان جو وڪڙ کائي ڊوڙندڙ جسم. ڪلهن ۽ پنيءَ تي هيٺ مٿي ٿي لڏندڙ وار، چانڊوڪيءَ ۾ ڊڪندڙ ڪاريهر جيان هيا. ان جو هر انگ بي وفائيءَ جي زهر ۾ ٻڏل تيرَ جيان دل مان نڪري جڙ اڱتي وڃندو پئي ويو. هو ان کي ويندي ائين ڏسندو رهيو جيئن ڪو جسم ڪنهن خوبصورت روح کي پاڻ مان نڪرندي الڳ ٿيندي ڏسندو هجي.

جسم اڏامي ويل خوبصورت پکيءَ جو ويران آکيرو، وڇوڙي جي واءُ لڳي ۽اڏامي اچي پٽ تي پيو. تيلا تيلا ٿي رڙهندو پنهنجو وجود وڃائي وينو. هوءَ نه رهي، هو نه رهيو.

وڇوڙي جي ڏينهن واري پهرين رات هن خودڪشيءَ جي ڪوشش ڪئي. زهر کي روحَ جي جاءِ تي جسم ۾ سمائڻ لاءِ ان کي وجود جو دروازو کولي ڏنو. زندگيءَ سان ويڙهه ۾ هن جو جسم ڦتڪيو لڇيو پڇيو. هن زندگيءَ کي وجود جي ڪمري مان تڙڻ لاءِ ان کي رسن سان ٻڌي زهر هاري ٻاهه ڏئي ڇڏي. زندگي بند ڪمري ۾ هيڏانهن هوڏانهن باهه جي اُلن ۾ رڙيون ڪندي پڇندي رهي ۽ هو ان جي سڙي رکي ٿي وڃڻ جي انتظارَ ۾ اسپتال جي بستري تي ليٽي ڊگها ساهه کڻي اکيون بند ڪيو روشنيءَ کان ڏور هيٺ اونداهين ۾ لهندو ويو.

هن کي محسوس ٿيو هو وجود بنا آهي، هو ڪجهه به نه آهي. بس هڪ احساس آهي جيڪو اونده جي تري ۾ هيٺ لهندو پيو وڃي. هيٺ اونداهي کوهه ۾ جنهن جا ڪنارا ڏسجي نه رهيا آهن، اهي

اونداهہ جي ڪفن ۾ قيد آهن. بس هڪ هيٺ ڪِرڻ جو احساس. اوندهہ جي تهن پويان اوندهہ جا تهہ جن جو ڪوانٽ نہ آهي.

بي وفائي زوال جي ابتدا آهي. ان جو وڇوڙو واپسيءَ جو اهڃاڻ آهي. هوءَ جيڪا نظرن اڳيان اوجهل ٿي جيئن زندگي عروج تي پهچي واپس موٽي. جستجوءَ جو مرڪز ڍهي پيو. جدوجهد جو عنصر نڪري ويو. آسمان طرف هوا جي حد آهي جنهن ڪري اڏام بہ محدود آهي. اوچائين تي ڪنهن جي ڳولها، ڪنهن جي جستجوءِ؟ جدوجهد ڪنهن لاءِ؟ اتي ڪجهہ بہ نہ آهي. ڪنيِن سان گسندڙ هوا جي رڙ آهي. اڻ هوند جو پڙاڏو آهي.

زندگيءَ جي تعمير پنهنجي منطق ڪي پهتي. عمارت جيڪا ويران ٿي وئي ان ڪي زبون ٿي ڍهڻو آهي. هر ديوار ڪي هيٺ ڪري، هر سِر ڪي الڳ ٿي پنهنجي اصليت تي پهچڻو آهي. سونهن، جنهن مٿان اوندهہ ڪاري بادل جيان وري وئي. سونهن جيڪا چنڊَ جيان دونهين پويان غائب ٿي وئي ــ سونهن جيڪا روشني آهي. روشنيءَ ۾ موجود گرمي آهي. گرمي جيڪا برف ڪي رجائي ٿي. درياءَ بنائي ٿي ۽ درياءَ جن جي ڪنارن تي تهذيبون جنم وٺن ٿيون. جن جي ميدانن تي پوکون پچن ٿيون. حياتيون ڦٽن ٿيون جتي انسان ڪٽڪ جي داڻي جي جستجوءَ ۾ پنهنجين وجودي تبديلين ذريعي ان خوراڪَ ۽ ماحول ڪي ويجهو پوي ٿو.

سونهن جيڪا ڪٿي بہ نہ آهي ڪجهہ بہ نہ آهي. هن جو وجود هن جي بقا جو دارو مدار، هن جو جيئڻ، هن جو شعور، هن جو سوچڻ سڀ ريڙ جي ان ڪينهونءَ جيان آهن جيڪو بيوفائيءَ جي نوس پت تي جنهن رفتارَ سان لڳو ۽ ساڳي رفتارَ سان واپس موٽيو.

شعور جيڪو لاشعور جي ڪوهيڙي ۾ ويڙهجي وجود وڃائي چڪو آهي. جيڪو اڻ هوند ۾ هوند آهي، جيڪو ڪجهہ بہ نہ آهي. بس هڪ وهم آهي گُمان آهي. اوندهہ اندر ڪنهن شيءِ جو سفر آهي يا ڪنهن شيءِ مٿان اوندهہ جو سفر آهي. بس وڇوڙو آهي ۽ واپسي آهي. اهڙي واپسي جيڪا اربها سالن تي محيط آهي جيڪو گهرڙي جي اوسر ڪانپوءِ ان جي وجودي هيٺ ۽ ماحول جي زير اثر عضون جي ترتيب، چمڙيءَ جا رنگَ، ڪرنگهو ۽ ڪرنگهي بنا چيلهہ جي لوڏ.

هر شيءِ جو ظهور حُسنَ جو جملوو پسڻ لاءِ. اک جِتان دماغ ڪي روشني پهتي. اک جيڪا تخليق ٿي ان ڪي ڏسڻ لاءِ. اک جيڪا وايو منڊل ۾ ان ڪي ڳولهي ٿي. جسم جي هر جدوجهد ان ڪي ڏسڻ لاءِ آهي.

جيوگھرڙي جو جنم ان کي ڏسڻ جي جستجوءِ آهي، تجسس آهي، زندگي ساهہ روڪي ان جو انتظار آهي. ڏسڻ، ٻڌڻ، ڳالهائڻ سڀ حاصلات ان کي محسوس ڪرڻ آهي. ان کي ڏسڻ آهي، ٻڌڻ آهي. ان سان ڳالهائڻ آهي.

سونهن جنهن ۾ عجب ۽ خوف موجود هوندي تجسس کي اپارن ٿا. سونهن جيڪا اوائلي آهي. ڪائنات جنهن جي ڪک مان نڪتي آهي. ڪائنات تجسس جي پيداوار آهي. هڪ اهڙو تجسس جيڪو عجب ۽ حيرت ۾ ويڙهيل سونهن ڏانهن راغب ڪري ٿو. سونهن جنهن کي پسڻ جي حسرت ۾ اک وجود ورتو. حواس پيدا ٿي پيا. زندگيءَ جو چرخو چري پيو. هو ٺهي پيو. جڙي پيو ۽ ڊهي پيو.

سونهن جيڪا اوجهل ٿي ۽ مقصد فوت ٿيو. ڪارج فنا ٿيو. تند ٽٽي ۽ هو هيٺ ڪريو. فنا..... فنا ۽ فنا..... اوندهہ جو اڻ کٽ سلسلو روشنيءَ کان ڏور ٿيندڙ ڊگهو سفر. روشنيءَ جي رفتارَ کان تيز اوندهہ جي رفتارَ آهي. اوندهہ جو اڻ کٽ اونهو کوهہ زندگيءَ جي پاڻيءَ ڏانهن واپسي. انسان جا پاسن وارا نوڪدار ڏند، درندگيءَ جي نشاني. هن جو گسي ويل پڇ. چرپر کان عاري ڪن. هر عضوي جي ماحول کي قبول ڪندڙ نواڻ. سڀ واپسي ۽ فنا.

هن جي درندگي، هن جي جهنگلي زندگي. هڪ جانور .... ڪا سمنڊ جي مخلوق.......... ڪو مختصر جيو گهرڙن جو جهڳٽو..... هڪ اڻپور جيو گهرڙو..... ڪجهہ گئسون.... سمنڊ جو پاڻي ۽ ڪجهہ بہ نہ.

هو نہ رهيو. هو ختم ٿي ويو. اسپتال جي بستري تي هن آخري هڏڪي ڏيڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جو ساهہُ بند ٿيڻ لڳو. دل سست ٿي بيهڻ لڳي. وجود پنهنجي انجامَ کي پهچڻ لڳو جڏهن هو مرڻ کي بلڪل ويجهُ ٿيو تہ اوچتو هڪ تيز روشني چمڪاٽ ڪندي جڻ هن جي وجود مان پار ٿي وئي. هن محسوس ڪيو جيئن هوءَ پريان تيز مينهن۾ پسندي واپس موٽي، ڊوڙندي هن ڏانهن ايندي هجي. ان جي هٿن ۾ گلاب جون ڏانديون هجن. هوءَ اڇن ڪپڙن ۾ اهڙي فرشتي جيان هجي، جنهن وٽ هن جي موت بجاءِ هن جي زندگيءَ جو پروانو هجي. اها تيز وڄ ۾ چمڪندي مينهن ۽ مٽيءَ جي خوشبوءِ جيان هن ڏانهن ورندي هجي. هڪ مرڪ، گلابي ڳلن تي باهہ جيان ٻرندڙ مرڪ، زندگيءَ جو پيغام. مينهن پنل گلابن ۾ ويڙهيل حياتيءَ جو سنديسو.

”هوءَ اچي رهي آهي..... مون ڏانهن ڊوڙي رهي آهي.... آهہ اُها مرڪ!“ هن جي مٽي تي جڻ ڪِول گهمي وئي. هن جي سڄي هٿ جي آڱر چري ۽ هن ڊگهو ساهہ کنيو.

”اها ڪٿي آهي؟ هوءَ جنهن جي زير اثر مان برقرار رهيس، سلامت هيس...... اها منهنجي مٽان بيٺي آهي، منهنجي ليٽيل وجودَ مٿان. ان جي وارن مان مينهن جي پاڻيءَ جون بوندون منهنجي منهن تي

ڪري رهيون آهن.... هوءَ مونکي سڏي رهي آهي.... منهنجي زندگي..... منهنجو مقصد.... منهنجي جستجو..... منهنجي جدوجهد.“

هن محسوس ڪيو جيئن اوندهه جي کوهه ۾ هيٺ لهندڙ هن جو وجود ان جي تري ۾ پاڻيءَ سان ٽڪرائجي پاڻي ٿي ويو هجي. پاڻي جيڪو بخارات جي صورت ۾ اتان اڏامي مٿي ٿيندو هجي. پر اوچتو سڀ بخارات ڦري ڪو غير واضع هلڪي روشنيءَ ۾ نظر نه ايندڙ نوس مادو ٿي پيا هجن. غير واضع جيو گهرڙو ۽ جيوگهرڙن جو بي ترتيب اهڙو ڍير جيڪو پيدا ٿيندڙ روشنيءَ جي زير اثر اوندهه جي کوهه ۾ موجود پاڻيءَ اندر ترڻ جي جدوجهد ۾ عضون کي جنم ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هجي.

اسپتال جي بستري تي هن جي ساهه کڻڻ ۾ گهرائي اچي وئي. هو ڊگها ۽ گهرا ساهه کڻي ڪونگهرن جي صورت ۾ٻاهر ڪيڻ لڳو.

پگهر هن جي نرڙ تي نروار ٿي ماڪَ جيان چمڪڻ لڳو. هن کي محسوس ٿيو ڪو نرم هٿ هن جي پيشانيءَ کي ڇهندو هجي. ”ڇهاءُ جو اُهو احساس.“ هن جو دماغ پڙڪو ڏئي ٻري پيو. صرف ڳالهيون ۽ چهرا يادن ۾ محفوظ نه رهندا آهن. پر ڇهاءَ جو احساس پڻ يادن. جي محلات ۾ ڪنهن نظر نه ايندڙ روحَ جيان ڀٽڪندو رهندو آهي.

اکين ڪان انڌو انسان هر شيءِ کي ڇهاءَ ذريعي محسوس ڪندو آهي جيڪا هن جي ڇهاءَ جي تجربي مان لنگهي هجي. هر پهريون ڇهاءُ هڪ تجربو آهي جيڪو يادن جي تهه خاني ۾ قيد ٿي وڃي ٿو. ان شيءِ جي ٻيهر ڇهڻ سان يادن جي تهه خاني مان هڪ رڙ اڀري جسم جي سطح سان ٽڪرائجي ٿي ته هڪ احساس اڀري ٿو ”ها.... اهو ڇهاءُ ان جو آهي..... اهو هٿ ان جو آهي.“ هڪ فنا جي ڪنڊر مان نڪري بقا جي سرسبز ميدانن ڏانهن ڀڄندڙ وجود لاشعور ۾ سوچي ٿو.

”پيشانيءَ تي هٿ جو ڇهاءُ..... يادن ۾ دٻيل ڇهاءَ جهڙو.“ ڪو هن کي جهنجهوڙي ٿو. هن جي بيهوشي ٽوڙڻ چاهي ٿو. هڪ هٿ جنهنجون آڱريون ٿڌي پگهر جيان نرڙ تان وهن ٿيون. ڊگهي لڪير ناهيندڙ بوندون يادن جي سانپن جيان چرندڙ دماغَ جي ڪل تي رقص ڪندڙ نرم ڇهاءُ. هن جي جسمَ کي ڇنهنڊڙيون پائيندڙ يادون. ڏنڀ ڏيندڙ احساس.

بيهوشي جنهن مان انسان ڏنين ملڻ سان ٻه پار نه ٿو پوي. ننڊ جنهن مان هلڪي رڙ تي انسان اکيون کولي جاڳي پوي ٿو. موت جنهن لاءِ ڪا ٻه رڙ ڪو ٻه ڏنڀ ڪو ٻه خواب ڪا معنيٰ نه ٿو رکي. موت ڪو احساس نه آهي پر احساسن جو انت آهي. ڪائنات جي فنا آهي.

هٿ جو ڇهاءُ جيڪو هن کي موت جي اوڙاهه مان ٻاهر ڌڪي ٿو. زندگيءَ جي ابتدا طرف.

هو اسپتال جي بستري تي ڏکيا ساهه کڻي ٿو. روشني هن جي دماغ ۾ جاڳي ٿي. سج هن جي دماغ ۾ موجود لامحدود سمنڊ جي ڪناري کان اڀري ٿو. صبح جي سريلي آذان تي هن جي ننڊ جا گهيرٽ چڙهڻ وڏي وچن ٿا. سڪون سج جي ڀرين ڪرڻي جيان ظاهر تي گهرو تئي ٿو. جهرڪين جي چهچهاٽ جا آواز هن جي دماغ جي ستل پکيءَ کي جاڳائڻ جي ڪوشش ڪن ٿا. هو وجود کي تڙپندو محسوس ڪري ٿو. هڪ جدوجهد جيئڻ جي جدوجهد ۽ ان جدوجهد جي زير اثر هن جو نهندڙ وجود. پاڻيءَ جي سطح تي ترندڙ جيو گهرڙن جو جهڳٽو. "اي دوست! مان ڪجهه نه هجان، بس هڪ اک هجان..... تنهنجو وجود پسان." هو وجود ۾ اچڻ کان پهريون ئي ڪنهن هستيءَ آڏو دعا لاءِ هٿ کڻڻ چاهي ٿو. هن جا هٿ نهي پون ٿا. هُو آبي بخارات جو نهيل وجود. جنهن هيري مان ڪاربان چورايو. جنهن سمنڊ جا سپ لوڻ ملائي پنهنجي وجود ۾ اوتيا. هو جيڪو ڪيميا جو ڪارخانو آهي. لوهه آهي، تامو آهي، چن جو پٿر آهي. جنهن جي چمڙيءَ تي پيدا ٿيل فنگس مان وڻ ڦٽا، گل ٽڙيا. هن جي وجود تي پلجندڙ وائرس جو اڻ پورو جيو گهرڙو نامڪمل جيو گهرڙو جيڪو وجودن جي موجودات ۾ سپ کان اوائلي جيئرو جيءُ آهي.

هٿ جو ڇهاءُ، هن جي پيشانيءَ تي رکيل اشهد آڱر. هن جي وجودَ کي حڪم ڪري ٿي ته: "نهي پوءُ"

هو جيڪو اوندهه جي گهري کوهه ۾ ڪري پاڻيءَ مٿان بخارات ۾ تبديل ٿي وري واپس جيو گهرڙو ٿي پيو آهي..... جيو گهرڙن جو جهڳٽو ٿي پيو آهي. هو جيڪو سمنڊ جي مخلوق مان خشڪيءَ جي مخلوق ٿي پٽ تي ريڙهيون پائي رهيو آهي. سونهن، جنهن ڏانهن ڊوڙڻ جي خواهش ۾ هن جا پير ظاهر ٿيا آهن. ڊوڙ جنهن جي تاريخ اربها سالن کي لتاڙي پنهنجا پير ڊاهي ڇڏيا آهن. موسمن ۽ ماحول جي سانچي ۾ هن جي وجود جا ٽڪر ڪٽجي رستن تي ڇٽيا آهن. هن جي ڇٽيل وارن مان نانگ پئدا ٿيا آهن. اکين جي پاڻيءَ مان ڪنول ڦٽيا آهن. نفرتن جي وڍيل گوشت مان خونخوار جانور نهيا آهن. ڪاوڙ ۽ جوش مان بلند ٿيندڙ رڙ ڳجهن ۽ ڪانون ۾ تبديل ٿي وئي. هن جي پيار پريل اپ ۾ اڏامندڙ نظرن رنگبرنگي خوبصورت پکين کي روپُ ڏنو. جنگ جي باهه کي وسائيندڙ هن جي وجود جي رت جنهن مان ڳئون رانپ ڪري نروار ٿي. هن جي ٽٽن مان ڪير ڏيندڙ جانور ڦٽا ۽ شجاعت مان گهوڙي هٽڪار ڪئي. هن جو وجود صدين جي اتاهه ميدان ۾ ڊوڙندو، ڇٽندو، ڊلندو، وقت جي وهڪري ۾ بدلبو، جنم ڏيندو ڦرندو گهرندو، پچندو رهيو. هڪ صديءَ کان ٻئي ڏانهن.

اوندهه جي کوهَ ۾ مٿي واپس روشنيءَ ڏانهن. هو نهندو ويو. پاڻيءَ کان مٿي ڌرتيءَ ڏانهن، آڪاش ڏانهن، هن جي اڏامَ هِڪَ جستجوءِ هئي، ان کي پسڻ لاءِ جيڪا هن جي بستري مٿان هن جي نرڙ تي هٿ

رکي بيٺي هئي. هن کي گهلي رهي هئي، واپس ڇڪي رهي هئي. ڪاري پاڇيءَ کان پنهنجن چپن جي آب حيات ڏانهن، زندگيءَ سان پريل اکين ڏانهن ڇهري جي روشنيءَ ڏانهن.

هو اونده مان مٿي اپري تيزيءَ سان ان جو سينو چيريندو روشنيءَ ڏانهن ڊوڙڻ لڳو. هن کي پري کان ڪا چٽنگ اونده ۾ تاري جيان ٻرندي نظر آئي. هو تاريخَ جي رڻَ ۾ ڊوڙندو وري جڙي چڪو هيو. هو سانچي ۾ پيڙهجي وري ڍلجي چڪو هيو. هن جا غير ضرور عضوا رستي ۾ ڇٽي گسجي چڪا هيا. هن مان ڪيترا جاندار ڦٽا ۽ فنا ٿيا. ڪيترا وڻ ايريا ۽ ڪئي ٻوٽا پروان چڙهي گلن سان سڄي ويا. هن ميون کي ڳولهي لڌو ۽ ميون هن جي وجود جي پالنا ڪئي. اناج جو پهريون ٻوٽو هن کي عورت جي.... مان ڦٽندي نظر آيو. اناج هن کي شهوت بخشي. هن جي هڏن کي مضبوط ڪيو. هو تاريخ جي اٿاه ميدانَ ۾ اجان به تيز ڊوڙيو ۽ هن پويان مخلوق ڊوڙي، هن جون اڳيون ڄنگهون ٻانهن ۾ تبديل ٿي پيون ۽ هن هٿن سان پنهنجو پڇ پٽي ان مان ڇهبڪ ٺاهي پنهنجي حڪمرانيءَ جو اعلان ڪيو. وقت جي واءُ ۾ هن جي جسم جا وارَ ڇٽندا ويا ۽ هن ڪپه کي وارن جي جاءِ چمڙيءَ تي چنبڙايو. هن پيرن تي بيهي ڌرتيءَ کي ڏٺو ۽ مٿي پولار ۾ نهاريندي هن جي نرڙ جا گهنج ظاهر ٿيا ۽ هو ڏاهو ٿي پيو. مفڪر ۽ داناءُ ٿي پيو.

حواسن کان اڳتي سوچڻ جي سگهه هن جي وهمن ۽ وسوسن کي اجاگر ڪري هن جي خوف کي اڀاريو. عقل هن کي ياڙي ڪيو ۽ ڏاهپ هن کي منجهائي وڌو. هن من جي مونجهه کي گهٽائڻ لاءِ رب آڏو پنهنجو پهريون سجدو ادا ڪيو ۽ سڪون محسوس ڪيو. هن غيب ۾ پناه ونئي وجود کي لڪايو. هن ڪمزوري ۽ هيٺائپ جو اقرار ڪري آفتن کي خدائي سزائن جو سلسلو ڄڻي پنهنجي عقيدي کي سختيءَ سان نافذ ڪيو. هن قانون جوڙيو. مٽيءَ جي لوحن تي دستور لکي بند ٺپين وارين عمارتن اندر ويهي ان تي عمل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي. هن سڌاري ۽ تبديليءَ جي نالي ۾ ظلم جو آغاز ڪيو ۽ فاتح بڻيو.

هڪ فاتح جيڪو اونده جي گهوڙي تي سوار ٿي هٿ ۾ زندگيءَ جي تلوار لهرائيندو روشنيءَ جي گول دائري ڏانهن وڌندو رهيو. اوندهي کوه جو ظاهر ٿيندڙ گول روشن انت. جنهن جي ڪنارن وٽ هوءَ هن کي بيهي پڪاري رهي هئي. هو موت کي شڪست ڏئي زندگيءَ ڏانهن تيزيءَ سان ڊوڙندو رهيو. اونداهي کوه مان ٻاهر نڪرڻ لاءِ ڊوڙڻ سبب تيز ساه کڻي رهيو هيو.

نيٺ اهو وقت به آيو جو هر زور سان اونداه جي کوه مان نڪري اچي ٻاهر پٽ تي پيو. ٿڌي هوا هن جي پيشانيءَ سان ٽڪرائي ۽ جسم روشنيءَ ۾ غوطا کائڻ لڳو. ٿڌاڻ جي احساس کان هن جي

پيشانيءَ تي پگهر اچي ويو ۽ هن محسوس ڪيو هن جي محبوبا جون آڱريون هن جي پيشانيءَ تي نـہ پر جڻ ڊِنڊَ جي پاڻيءَ کي ڇهي رهيون آهن. هن جي دماغ ۾ پاڻيءَ جون لهرون پيدا ٿيون.

هن محسوس ڪيو هن جون اکيون تيز روشنيءَ کان بند آهن. اوندهہ مان نروار ٿيندڙ اکيون روشنيءَ ۾ سڙڻ لڳيون آهن. هن جون لونڊڙيون ڏنوڻ لڳيون. هن جي چپن ۾ لرزش پيدا ٿي ۽ هن پيرن کي ڏڪندي محسوس ڪيو.

هن جي جسم جو هر جيو گهرڙو اکيون مهٽي جاڳندو ويو. ان کي ڏسڻ جي آسَ ۾ نوبنو ٿي پيو.

”تون ڪٿي آهين.... منهنجي زندگي..... منهنجي جستجو..... منهنجي آرزو.“

هر پيدا ٿيندڙ انگ وچوڙي جي ڊگهي رات مان جاڳندو..... پڇندو ويو. تيز روشنيءَ هر انگ کي انڌو ڪري ڇڏيو. هو ٽپندڙ ۽ تيز سج هيٺان ٽاڦوڙا هڻي اکيون ٻوٽي انهن نرم هٿن کي ڳولهڻ لڳو جيڪي هن جي آس پاس موجود هيا.

اوندهہ هن جي اکين ۾ ڪوئلن جيان ٻرڻ لڳي. باهہ هن جي اکين مان مٿي چڙهي هن جي دماغَ کي وڪوڙي وئي. هو روشني ۽ باهہَ جي سمندَ ۾ غوطا کائيندو اڳتي وڌيو.

جڏهن گهڻي دير ڪانپوءِ ڪاراڻ ٻري رک جيان هن جي وجودَ مان ڇڻي پري وجي پئي تہ هن پنهنجين رڳن کي ڍرو ٿيندي محسوس ڪيو.

هن جون اکيون روشنيءَ کي برداشت ڪرڻ جي قابل ٿي ويون. روشني جيڪا هن جي مٿان موجود هئي. هن جي محبوبا جو چهرو جيڪو هن جي ڇهڙي مٿان جهڪيل هيو. روشنيءَ جو ٿهڪندڙ سج جيڪو گرم چانديءَ جيان هن جي اکين ۾ اوتجي پوندو. جڏهن ڪاراڻ جا ڪکر هن جي وجود تان لنگهي ويا تہ هو ظاهر ٿي پيو. هن پنهنجي وجودَ کان نڪري ان کي ڏسڻ جي آس ۾ اکين کي کولڻ لاءِ انهن کي زور ڏنا. هن جي نرڙ جا گهنج واضع ٿي ويا ۽ هنجي منهن جون مشڪون ڏڪڻ لڳيون. هڪ آهہ هن جي چپن مان نڪتي ۽ پوءِ هن آهستي آکيون کولي مٿي ڇت ڏانهن نهاريو. هو موجود هيو. هو جيئرو هيو. هن کي محسوس ٿيو هوان کي ڳوليندي ڏاڍو ٿڪجي پيو هجي. اڄ کان هن جا چپ خشڪ ٿي ويا هجن.

هن همت ڪري اکين کي هيڏانهن هوڏانهن ڦيري ان کي ڳولهيو. ڪراڙو تيماردار ڊوڙندو هن مٿان آيو. هن جي اکين ۾ اکيون وجهي عجب مان هن ڏانهن نهارڻ لڳو. جڻ ان کي يقين نہ ايندو هجي تہ هو ڪو اوچتو واپس وريو آهي.

هن تيماردار ڏانهن ڏٺو ۽ پوءِ هن جون اکيون وري ان کي ڳولڻ لڳيون هن ڪمري جي هر ڪنڊ ڏانهن ٿيڏين اکين سان نهاريو. اها ڪٿي بہ نہ هئي. هو مايوس ٿي ويو. هن پيشانيءَ تي ٿڌو پگهر

محسوس ڪيو اتي ڪا به نرم آڱر هن کي نه ڇهي رهي هئي. اها ڪٿي به موجود نه هئي. اها هن جو وهم هئي. گمان هئي. اها دوکو هئي. بيوفائي هئي.

هن جي اکين مان ڳوڙها وهي ڪنن وٽان منهن جي پاسن کان هيٺ ڇٽيا.

اوچتو تيماردار جو ڇهرو زور سان بند ٿيندڙ دروازي جي آواز ۾ گم ٿي ويو. هن جون اکيون بند ٿي ويون ۽ هو واپس اوندهه جي کوهه ۾ اربها سالن جو سفر طي ڪري وچي هيٺ پاڻيءَ ۾ ڪريو ۽ پاڻيءَ سان ملي پاڻي ٿي ويو. هن کي جيئڻ کان مرڻ ڏانهن سفر ڪرڻ ۾ ايترو مختصر وقت لڳو جو هن جي اکين جا ڳوڙها به نه سڪا.

◈

هوءِ هن جو مالڪ

هڪ سانوري سانجهيءَ جو جڏهن هر طرف سرمئي رنگ هارجي ويو ۽ ڪارڻ پنهنجا پنک پکيڙڻ لڳي تہ مالڪ جو خاص خليفو پنهنجي لٺ سهاري هڪ بلند و بالا محلات جهڙي جاءِ مان ٻاهر نڪري اچي ان جي اڇي سنگ مرمر جي ٿلهي تي ويٺو. هن چؤطرف ويران ماحول ۾ نهاريو. ساوا وڻ ڪارڻ مائل ٿي ويا هيا ۽ ڏرتيءَ جو رنگ ڪاري حبشيءَ جي چمڙيءَجيان پئي نظر آيو. پکي پکڻ وڻن ۾ ڦڙ ڦڙ ڪري سانتيڪا ٿيڻ جي جستجو ڪري رهيا هيا. جانور ڪنڌ پاسن ۾ وڏا ساهہ ڪڍي جيئڻ لاءِ جتن ڪري رهيا هيا ۽ انسان مالڪ جي در جي چوڪٽ ڪان پري هڪ آزاد ۽ ڪنهن بہ فڪر يا ذهني چڪتاڻ ڪان ڏور هڪ خوش زندگي گذاري مالڪ جا ٿورا مڃي هڪ گهريءَ ننڊ جو انتظار ڪري رهيو هيو. هر طرف بهار جي مند پنهنجين ساين آڱرين سان رنگ برنگي گلن جهڙو ساز وڃائي رهي هئي. هڪ خوشبوءِ هئي، هڪ سڪون هيو هڪ آزادي هئي، ۽ فڪر جو ڪوبہ نانءُ نشان نہ هيو.

مالڪ جو خليفو ڏاڍو ڏڪايل ٿي نظر آيو. مالڪ جو جانثار خليفو جيڪو مالڪ کي ائين ويجهو هيو جيئن ننڍو ٻار ماءُ جي هنجَ ۾ هن جي ڇاتيءَ کي ويجهو هوندو آهي. مالڪ جا سڀ ڏک هن جا ڏک هيا ۽ ان جي هر رضا هن جي اکين تي هئي. مالڪ جو هر حڪم هن لاءِ آخري ڳالهہ هيو. مالڪ هن کي پنهنجي ملڪيت جي سٺي نموني سارَ سنڀالَ لاءِ مقرر ڪيو هيو جيئن هر انتظام سندس حڪم هيٺ صحيح هلي سگهي. خليفو پنهنجي لٺ سهاري محل ٻاهران هيڏانهن هوڏانهن پريشانيءَ مان چڪر هڻي، پنهنجي اڇي ڏاڙهيءَ کي کنهي ڪجهہ سوچيندو رهيو نيٺ هن وڏي آواز ۾ مالڪ جي سيني ملازمن کي سڏ ڪيو ـ ”اچو... هيڏي اچو ..... ٻڌو“ هن هيڏانهن هوڏانهن ڏسندي چيو ۽ پوءِ ڪجهہ ٿانيڪو ٿي جواب لاءِ ڪنائڻ لڳو.

سانجهي مان سرمئي شراب هر طرف وسي رهيو هيو. هر ڪا شيءِ سڪون ۽ سانت جي سرورن ۾ ٻڏي پئي هئي، خليفي جو پهريون سڏ هوا ۾ اڏامي ٽڏو ٿي ٿورو اڳيان ڪري پيو ۽ هن وري واڪا ڪرڻ شروع ڪري ڏنا ـ ”اڙي نانگ، او ڪانءَ، اي ڍڳا، او انسان.... اي مالڪ جي ملڪيت تي مستيون ڪندڙ جاندارو، اي شاهہ بلوط جا وڻ، او ڪڪڙَ جا ٻوٽا ۽ اوندهہ ۾ ويڙهيل گهاٽي ٽاري، ٻڌو..... توهان سڀ غور سان ٻڌو.... خمارن جي چادر لاهي منهنجي ويجهہُ اچو.“ خليفو ڳالهائيندو ويو ۽ هر ڪا شيءِ

سجاڳ ٿيندي هن کي ويجهي ايندي وئي. جڏهن خليفي محسوس ڪيو تہ سڀ سنگ مرمر جي ٿلهي اڳيان اچي گڏ ٿيا آهن تہ هن هڪ ٿڌو ساهہ کڻي پنهنجي آواز ۾ بزرگن جهڙي نرمي پيدا ڪئي ۽ وري ڳالهايو.

”مالڪ اڄ صبح جو اوپر طرف ڪارن پٿرن واري بيٽ تي جيئن ئي سير ۽ تفريح ڪري رهيو هيو تہ سمنڊ جي پاڻيءَ ۾ هٿ ڏوئيندي هن جي ڪپي هٿ جي چيچ واري منڊيَ مان موتي ڪري هيٺ سمنڊ جي تري ۾ هليو ويو آهي. مالڪ جي مرضي آهي تہ سندس ملازمن مان ڪو اهڙو آهي جيڪو ان بيٽ تي پهچي سمنڊ جي تري مان اهو موتي حاصل ڪري هن جي حوالي ڪري؟“

خليفي جي ڳالهہ سيني ٻڌي ۽ هرڪو بي چين ٿي ويو. سڪون واچوڙي جيان هنن جي وچ مان ايري پري پهاڙين ڏانهن گول ڦرندو هليو ويو. سڀ هڪ ٻئي ڏانهن نهارڻ لڳا.

”توهان کي خبر هجڻ گهرجي تہ سمنڊ ۾ غرق ٿيندڙ موتيءَ ۾ مالڪ جا وڏا جوهر لڪيل آهن، اهو موتي ڪيترو قيمتي ۽ اهم آهي تنهنجو اندازو اسان نہ ٿا لڳائي سگهون.“

خليفي انهن کي ان موتيءَ جي اسرارن بابت مڪمل ڄاڻ ڏني. انهن کي ان ڳالهہ لاءِ مجبور ڪندو رهيو تہ ڪو ان موتيءَ کي حاصل ڪرڻ لاءِ سمنڊ جو رخ ڪري ۽ مالڪ کي راضي ڪري، پر هرڪو ٿورو ٻنل ۽ سست پئي لڳو.

”ان موتيءَ جي حاصل ڪرڻ تي مالڪ پاران ڪئي سوڪڙيون انعام رکيل آهن. ان موتيءَ کي جيڪو بہ حاصل ڪندو ان کي محل ماڙيون، خوبصورت عورتون، شراب ۽ کير جون نديون ڏنيون ويندديون. ان کي سرسبز شاهي باغ ۽ ميون جا انبارَ ڏنا ويندا، ان کي چمڪندڙ پوشاڪون ۽ سون جي ٿانون ۾ خوشبودار کاڌا ڏنا ويندا. ان کي هر طرح جو سڪون ۽ خوشي نصيب ٿيندي.“

خليفي چيو ۽ هنن جي منهن ڏانهن ڏٺو. سڀ چپ ڪري ٻڌندا رهيا. خليفي جي آواز ۾ اچتو سختي اچي وئي ۽ هن پنهنجي لٺ کي هيٺ فرش تي هڻندي، پنهنجي نڙيءَ تي زور ڏئي تيز آواز ۾ ڳالهائڻ شروع ڪيو.

”جيڪڏهن مالڪ جي ان حڪم تي عمل نہ ٿيو تہ پوءِ توهان کي جيئري باهہ ۾ وڌو ويندو. مانيءَ جي جاءِ تي ٿوهر جو ٻوٽو کائڻ لاءِ ڏنو ويندو. هر سهولت کي ختم ڪري زندگيءَ کي زهر بنايو ويندو.“ هن چيو ۽ وري ڳالهايو: ”آهي ڪو مالڪ جي حڪم تي عمل ڪرڻ وارو؟“

”آءٌ تہ ساڪت آهيان“ جاندارن مان سڀ کان پهريون ڪڪڙ جي ٻوتي ڳالهايو ”جيڪر مان هلي سگهان ها تہ اهو ڪم ضرور ڪريان ها!“ هن چيو ۽ وري ماٺ چانئجي وئي.

”مون کي اها ڳالهہ سمجهہ ۾ نہ آئي آهي، عمل ڪيئن ڪريان.“؟ ڏيڳي چيو ۽ ڪانءُ هڪ وڏو گوڙ مچائيندي اڏرندو اچي ڏيڳي جي چيلهہ تي لٿو.

”مونکي اها ڳالھ ايڏي تہ سمجھ ۾ آئي آهي جو عقل حيران آهي!“ ڪانءَ ڳالهايو. ”منهنجي عقلَ تي حيرت ايتري تہ ڇانيل آهي جو عقل ڪنهن بہ ڪم تي عمل ڪرڻ کان عاري آهي. مان ڏاڍو منجهيل آهيان، مان ڏاڍو حيران آهيان.“ ڪانءُ زور سان ڳالهائيندو رهيو. خليفي جو منهن ڪاوڙ ۾ ڳاڙهو ٿي ويو ۽ هن رڙ ڪري ڪانءَ کي چپ رهڻ لاءِ چيو.

ايتري ۾ نانگ اڳتي آيو ۽ هن پنهنجي ڦڻ ڦهلائي خليفي کي انسان ڏانهن اشارو ڪندي چيو ”منهنجي خيالَ موجب مالڪ جو ڪم هيءُ ڪري سگهي ٿو. هُنَ وٽ وڏيون صلاحيتون آهن وڏيون حڪمتون آهن. هيءُ تري سگهي ٿو اڏامي سگهي ٿو، هيءُ سوچي سگهي ٿو، هيءُ لوچي سگهي ٿو هيءُ سمجهي سگهي ٿو ۽ سمجهائي سگهي ٿو“ نانگ ڳالهائيندو ويو. ”مالڪ جي موتيءَ جي ڳولها لاءِ هن کي معمور ڪيو وڃي“. هن چيو ۽ پوءِ هر طرف چپ ڇائنجي وئي. گهري ٿيندڙ سانجهيءَ مٿان ڇڻ هڪدم رات جي ڪاري چادر پئجي وئي ۽ ستارا آسمانَ ۾ ٽم ٽم ڪري هڪ ٻئي ڏي نماڻا نيڻَ کڻي تڪڻ لڳا. چنڊ ڪجھ دير ٻيهي هيٺ انسان طرف ڏٺو ۽ ماٺ جو هيانءُ ڦاڙڻ لڳو.

انسان اکيون هيٺ ڪيو خليفي اڳيان سر جهڪايو بيٺو رهيو. ”اي انسان مالڪ جي مرضي بہ اها ئي اهي تہ اهو ڪم تنهن جي حوالي ڪيو وڃي...... تنهنجو جسم، ڇاتي ۽ مضبوط ڏورا، تنهنجو عقل، تنهنجي چالاڪي، تنهنجي ڦڙتي، تنهنجو پيار تنهنجي نفرت، تنهنجو ظلم تنهنجي بي رحمي، تنهنجي سخاوت تنهنجو عدل، تنهنجي جنگ تنهنجو امن، مالڪ کي تنهنجي سيني صفتن جي ڄاڻَ آهي. تنهنجي جدوجهد ئي اهو ڪم سرانجام ڏئي سگهي ٿي.“ خليفي چيو ۽ پوءِ انسان ڏانهن نهاريو.

”جيڪا مالڪ جي مرضي، جيڪو ان جو حڪم“ انسان چيو ”منهنجي جان مالڪ جي امانت آهي، مان اهو ڪم ڪرڻ لاءِ تيار آهيان“ هن چيو ۽ پوءِ ادب سان سيني وٽ هٿ ٻڌي ٻيهي رهيو. سيني جي منهن تي مرڪ اچي وئي. انهن ٽڏو ساھ کڻي انسانَ جا ٿورا مڃيا.

”تہ پوءِ صبح سان تون سفر لاءِ تيار ٿيءُ“ خليفي چيو: ”مان توکي ان ٻيٽ تي سمنڊ ڪناري وٺي هلندس جتي مالڪ جي منديءَ جو موتي ڪريو آهي.“ هن چيو ۽ پوءِ سڀ تڙي پکڙي ويا. انسان غمگين ۽ اپاٽڪو ٿي ويو. هو آهستي وکون کڻندو پنهنجي وٿاڻ تي آيو ۽ آلين اکين سان آسمان ڏانهن نهاري صبح جو انتظار ڪرڻ لڳو.

صبح ٿيو تہ خليفو پنهنجي لٿ سهاري هلندو پريان ڪوهيڙي مان ظاهر ٿيو. هو آيو ۽ هيٺ ليٽيل انسان جي مٿان اچي بيٺو.

”جاڳ.... اي انسان جاڳ.“ هن چيو ۽ پوءِ انسان جي منهن ۾ گهوري ڏسڻ لڳو ”رات جو انت ٿيو آهي ـ مان مالڪ جو تو وٽ خوشخبريءَ جو پيغام کڻي آيو آهيان ـ اکيون کول، سجاڳ ٿيءُ ـــ ننڊ جي

غلاف کي ڇيري ٻاهر نڪر اُٿ..... نئون سج اڀري رهيو آهي، رات ڪٽي آهي، ٻاکَ ڦُٽي آهي، جاڳ ۽ مالڪ جي حڪم تي عمل ڪر“ خليفو ڳالهائيندو ويو ۽ انسان اوٻاسي ڏئي ننڊ مان جاڳي پيو. هن خليفي ڏانهن ڏٺو ۽ اٿي احترامَ مان هن جي هٿ تي چمي ڏني.

”اي رهبر“ انسان چيو ”مان تيار آهيان..... رستو ڏيکار“ خليفي هن کي پنهنجي پويان اچڻ جو اشارو ڏنو ۽ هو ٻئي سج جي پهرين ڪرڻن مان جهنگ ۾ سڪل پنن کي لتاڙيندا اڳتي وڌندا رهيا.

ڪافي پنڌ هلڻ ڪانپوءِ هنن کي پري کان سمنڊ نظر آيو. اتي پهچي هو هڪ ٻيڙيءَ تي چڙهيا ۽ خليفي ملاح کي لٽ جي اشاري سان هڪ ٻيٽ ڏانهن هلڻ لاءِ چيو. ٻيڙي سمنڊ جو سينو چيريندي اچي هڪ اهڙي ٻيٽ تي پهچي جتي خشڪ نوڪدار ڪاري رنگ جي پهاڙن جو سلسلو هيو. سخت پٿرائين ناهموار ڌرتي هئي ۽ هر طرف تيز هوا ۾ سمنڊ جي ڇولين جو پٿرن سان ٽڪرائڻ ڪري پيدا ٿيندڙ آواز هيو.

خليفو ٻيڙيءَ مان لهي انسان کي وٺي ٻيٽ جي اهڙي ڪناري تي آيو جِتي سمنڊ ٿورو ٿانيڪو ۽ خاموش هيو. هن انسانَ کي سڏ ڪري پنهنجيءَ پير ۾ ٻيهاريو ۽ پوءِ لٺ سان اتي اشارو ڪندي چيو ”مالڪ جو موتي اتي هيٺ گهرائي ۾ پيل آهي، تون همت ڪر ۽ ان گهرائيءَ ۾ هيٺ وڃي ان کي حاصل ڪر. مون کي خبر آهي ان ڪم لاءِ توکي وڏي جاکوڙ ڪرڻي پوندي. اهو سڀ تنهنجو امتحان آهي. جيڪڏهن تون ڪامياب ٿئين ته کير ۽ شراب جون نديون تنهنجو انتظار ڪنديون، خوبصورت عورتون تنهنجي راهه ۾ گل وڇائينديون... جيڪڏهن ناڪامي تنهنجي مقدر ۾ لکيل هوندي ته پوءِ هڪ وڏي باهه ۾ تنهنجي جسمَ کي ساڙي سزا ڏني ويندي.“ خليفي چيو ۽ پوءِ انسان جي پٺيءَ تي هٿ ٿپيندي چيو: ”مون کي اميد آهي ته تون مالڪ کي مايوس نه ڪندين ۽ پنهنجي امتحان ۾ ڪامياب ٿيندين.“

انسان خليفي جي چوڻ تي ڪپڙا لاهي هڪ طرف رکيا ۽ لانگ ورائي سندرو ٻڌي هيٺ سمنڊ جي تري ۾ وڃڻ لاءِ تيار ٿي ٻيهي رهيو. هن هڪ دفعو وري خليفي جي هٿ تي عقيدت مان چمي ڏني ۽ پوءِ پاڻيءَ م ٽورو اڳتي هلي هيٺ غائب ٿي ويو. خليفو اتي ئي هڪ پٿر کي ٽيڪَ ڏئي ٻيهي رهيو ۽ انسان جي نروار ٿيڻَ جو انتظار ڪرڻ لڳو.

ڪا گهڙي گذري ته انسان سمنڊ جي سطح تي نروار ٿيو. هن جو وات ڦاٽل هيو ۽ هو اکيون مهٽي غوطا کائي رهيو هيو. هو سهڪندو جيئن ڪناري تي پهتو ته خليفو اتاولو ٿي هن ڏانهن ڊوڙيو.

”مليو موتي..... ڪٿي آهي“ هن انسان کي چيو ۽ انسان شرمَ مان هن ڏانهن نهاري ڪنڌ هيٺ ڪيو ۽ سهڪندو رهيو.

”مان آقا جي موتيءَ کي ضرور حاصل ڪندس، مونکي مهلت ڏي“ انسان چيو ۽ ٿورو ٽڪ پيچڻ ڪانپوءِ وري سمنڊ ڏانهن واپس موٽي ويو. هن ساهه بند ڪري هيٺ ٽٻي هنئين ۽ وري نظرن کان اوجهل ٿي ويو. خليفو بي چينيءَ مان اتي بيهي وري هن جي ٻاهر نڪرڻ جو انتظار ڪندو رهيو.

ڪافي دير گذري وئي ۽ هڪ دفعو وري ٻيهر انسان سمنڊ جي سطح تي نروار ٿيو. خليفي ڏٺو هو سمنڊ جي اڇي گج جي وچ ۾ واڄٽن جيان هيڏانهن هوڏانهن ٽاڪوڙا هڻي رهيو هيو. خوف ۽ وهشت مان هن جو منهن نيرو ٿي چڪو هيو. نيٺ هو سهڪندو ڪناري تي پهتو ۽ شرم کان ڪنڌ هيٺ ڪري اچي خليفي اڳيان بيهي رهيو. خليفي هڪ ٿڌو شوڪارو ڀري هن ڏانهن نهاريو.

”اي انسان تون وڏو نالائق ۽ نا سمجهه آهين، توکي سڏي راهه ڪڏهن به نصيب نه ٿيندي“ خليفي چيو ۽ انسان خوف ۾ اکيون ڦاڙي هن آڏو سهڪندو رهيو.

”مونکي آقا کان معافي وٺرائي ڏي“ انسان چيو ”اي خليفا مان تنهنجو احسان مند رهندس. اهو ڪم مونکان زور آهي. هن سمنڊ جي گهراين ۾ هزارين گهرايون سمايل آهن. هر گهرائي لا محدود آهي تهن پويان تهه آهن. هيٺ هزارين رستا آهن، اڻ ڪٿ راهون آهن. لامحدود منزلون آهن. هڪ اهڙو سفر آهي جنهن جي ڪا به پڄاڻي نه آهي. منهنجي سگهه، منهنجي سوچَ، منهنجو عقل، منهنجي جستجو منهنجا اندازَ منهنجون اڳ ڪٿيون. منهنجي ڳولها ۽ موتيءَ سان ملڻ جي جدوجهد سڀ بيڪار آهن، فضول آهن“ انسان سهڪندو، سڏڪندو ۽ روئندو هن آڏو ڳالهائيندو ويو ”آقا معافي..... آقا توبهه..... آقا رحم“ هن چيو ۽ خليفو هڪ پٿر تي مٿو رکي ڪاوڙ مان ليٽي پيو. ٿوري دير ڪانپوءِ هو اٿيو ۽ هن انسان کي سڏ ڪري پنهنجي پير ۾ بيهاري سمجايو.

”اي انسان تون ڪوشش ڪر. ڪوشش سان تون اهو حاصل ڪندين جنهن جو توکي سنئو اجورو ملندو. بيشڪ اها جستجو هڪ وڏو امتحان آهي. تون محنت ۽ جاکوڙ سان ان امتحان مان ضرور پار پوندين.“

خليفي جي همٿائڻ تي انسان ۾ ڪجهه جان آئي ۽ هو هڪ دفعو وري سمنڊ ۾ واپس وڃڻ لاءِ تيار ٿي ويو.

”مالڪ توکي اجر ضرور ڏيندو“ خليفي هن کي سمجهائيندي چيو ”ٿوري ڪوشش ڪر، اها سڀ جدوجهد عارضي آهي. هڪ لافاني اجرت تنهنجو انتظار ڪري رهي آهي. وڃ ۽ مالڪ کي راضي ڪر“

انسان هڪ دفعو وري اڳتي وڌيو ۽ سمنڊ طرف وکون کڻندو گهري پاڻيءَ ۾ آيو ۽ وڏو ساهُ کڻي هيٺ گم ٿي ويو. سمنڊ جي اڇي گج هن مٿان وري وئي ۽ خليفو فڪر مند ٿي پنهنجي لٺ جي هٿئي کي

مهتي بي قراريءَ مان ڪڏهن سمنڊ ڏانهن تہ وري ڪڏهن ٻيٽ ڏانهن نهاري، هيڏانهن هوڏانهن وِڪون ڪٽي انتظار ڪندو رهيو. دل ۾ پنهنجي آقا کي ياد ڪري چوندو رهيو. ”اي آقا هيءُ انسان تنهنجو موتي هن سمنڊ جي تري مان حاصل ڪري توکي ضرور خوش ڪندو.“ هو چوندو رهيو ۽ سمنڊ جي مٿاڇري ڏانهن انسان جي نروار ٿيڻ جو اوسيئڙو ڪندو رهيو.

جڏهن ڪافي دير گذري وئي تہ سمنڊ جي سطح تي هڪ نيم بيهوش انسان هن کي ٿاڦوڙا هڻندي نظر آيو. ان جي جسم جي سموري شڪتي ختم ٿي چڪي هئي ۽ ان اکيون بند ڪري هيڏانهن هوڏانهن هٿ پئي هنيا. سهڪڻ ان لاءِ محال ٿي چڪو هيو. ڪافي وقت ٿاڦوڙا هڻڻ ڪانپوءِ هن اکيون کولي نهاريو تہ ان کي پريان بيٺل خليفي جو وجود هلڪي پاڇي جيان لهرون لهرون ٿي لڏندي نظر آيو. هو ٻانهون هڻندو اوڏانهن ترندو اچي ڪناري تي پهتو ۽ بيهوش ٿي ويو. خليفو اميد ۽ حسرت مان ڊوڙندو هن جي پرسان پهتو ۽ جسم کي سهارو ڏئي جهنجهوڙي موتيءَ لاءِ پڇيو ”مليو مالڪ جو موتي....... ڪٿي آهي..... ڏي مونکي“ هن چيو ۽ انسان جي بي جان اکين ۾ ڳوڙها پرجي آيا. هن ڪنڌ کي ”نہ“ ۾ ڌوڻيو. خليفي جي منهن تي مايوسي ۽ ڏک جا بادل ڇانئجي ويا.

”ناڪامي...........وري ناڪامي“ هو انسان کي هيٺ سمهاري پُڻ پڻ ڪندو پري وڃي هڪ پٿر تي ڪنڌ هيٺ ڪري ويهي رهيو. هر طرف چپ ڇانئجي وئي. سمنڊ جي ڇولين جو پٿرن سان ٽڪرائجڻ ڪري پيدا ٿيندڙ آواز گهرو ٿي ويو. ٿوري دير گذري تہ انسان هوش ۾ آيو ۽ هن مايوس خليفي ڏانهن ڏکايل اکين سان ڏٺو. هن جي اکين ۾ پاڻي پرجي آيو ۽ هو زور سان روئندو سڏڪندو خليفي اڳيان اچي هن کان معافي وٺڻ لڳو.

”اي منهنجي آقا جا پيارا بندا“ انسان چيو ”منهنجي بخشش لاءِ ڪوشش ڪر.... مان جيئن گهرائيءَ ۾ وڃان ٿو تہ تيئن مونجهارا مونکي ورائي وڃن ٿا. مون ان کي ڏاڍو ڳولهيو آهي، ان گهرائيءَ جو ڪو انت نہ آهي. اکين کي دوکي ڏيڻ لاءِ سوين موتي هر طرف وکريل نظر اچن ٿا، پر اهي موتي نہ آهن اهي سڀ نظر جو دوکو آهن. انت تائين پهچڻ منهنجي توانائي ۽ سگهہ کان ٻاهر آهي. جيڪو نظر اچي ٿو اهو حقيقت ۾ نہ آهي. جيڪو موجود آهي ان جي مون کي ڳولها نہ آهي. مون مالڪ جي موتيءَ کي ڏاڍي پاٻوهہ ۽ عقيدتَ مان ڳولهڻ جي ڪوشس ڪئي آهي. منهنجي جدوجهد ۽ جستجوءَ جو مرڪز اهو مالڪَ جو موتي ئي رهيو آهي. منهنجي حڪمت، عمل ۽ کوجنا جو مرڪز ان موتيءَ جي ڳولها لاءِ هڪ اهڙي جدوجهد آهي جنهن سان مان ان کي ڳولهڻ ۾ ضرور ڪامياب ٿيان ها. پر اهو موتي مون کي ڪٿي بہ نظر نہ آيو! مون کي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ شايد وڌو وقت گهرجي يا شايد حقيقت ڪجهہ بہ نہ آهي. مون کي سچ چوڻ لاءِ ڏاڍو محتاط رهڻ گهرجي. مان ڪنهن بہ راز تان پردو ڪيئن کڻان، هڪ پردي

پويان سوين پردا آهن. گهرائيءَ جي هر ذري مان عجب ۽ خوف تارا ڦوٽاري مون ڏانهن ڏسي رهيا آهن. منهنجي ٽٻيءَ جي نہ ڪا ابتدا آهي نہ ڪا انتها. منهنجو وجود لاشعور جي لهرن ۾ لڙهندو ڪهڙيءَ منزل طرف وڃي ٿو منهنجو شعور اهو ٻڌائڻ کان عاجز اهي. منهنجين نظرن اڳيان اهڙا لقاءَ رونما ٿين ٿا جيڪي مون کي ڏاهپ ڏئي بيوقوفيءَ جي رستي تي هلائين ٿا. سچ ۽ حقيقت لا محدود جي انيڪ سمنڊ ۾ ائين لڪل آهن جيئن آقا جي وسيع ملڪيت ۾ بہ گم نام واريءَ جا ذرا. هوند ۽ اڻ هوند وچ ۾ ڪو بہ تفاوت نہ آهي. گهرائيءَ ۾ سمنڊ اندر وڏو مانڌاڻ متل آهي. وڏي اٿل پٿل آهي ۽ عجيب وهڪرا آهن. وهڪرا جن جي ابتدا ۽ انتها جي ڄاڻَ جيڪا شايد مان سوين يا ڪروڙها سالن تائين بہ حاصل نہ ڪري سگهان. مان پنهنجي عقل جي پڪيءَ کي هر هر اڏاريان ٿو اهو گهرائين جي آسمانَ ۾ اڏري واپس اچي منهنجي دماغَ جي آکيري ۾ ويهي سهڪي ٿو. مون ان کي ڳولهيو آهي, عقل جي حد سان, محبت جي لامحدود نظرين سان. نئين سوچن ۽ ايجادن سان. اهو ڪٿي بہ نہ مليو آهي شايد اهو ڪٿي بہ نہ آهي. مان مايوس آهيان ٿڪيل آهيان. مان خوف ۽ حيرت مان ڏڪي رهيو آهيان. مان پنهنجو مقصد ڪڏهن بہ ماڻي نہ سگهندس.... يا آقا معافي..... يا آقا توبهہ.... يا آقا رحم.....“

انسان روئندو پنهنجيءَ ڇاتيءَ تي ڏک هڻي ڳوڙها وهائيندو رهيو. خليفو جيڪو پٿر تي ويهي پنهنجي مٿي کي هٿ ڏئي اهو سڀ ٻڌي رهيو هيو. اهو انسان مان اجان مايوس نہ ٿيو هيو. هن کي مالڪ اڳيان جواب ڏيڻو هيو. ان کي مالڪ جي هر حڪم تي عمل ڪرائڻو هيو. هن کي پڪ هئي تہ مالڪ کي اهو موتي انسان معرفت موٽي ضرور ملندو. هو هڪ دفعو وري سٽ ڏئي پٿر تان اٿيو ۽ انسان کي سمجهائڻ شروع ڪري ڏنو.

”ڪفر ۽ مايوسي حرام آهي“ هن چيو ”اي انسان اٺ وري ڪوشش ڪر..... مالڪ تنهنجيءَ ڪاميابيءَ جو منتظر آهي. ڳوڙها اگهہ, تنهنجي جدوجهد هاڻي پڄاڻيءَ تي پهچڻ واري آهي, تنهنجي ڳالهين ۾ مايوسي هوندي بہ ائين محسوس ٿي رهيو آهي جيئن تون پنهنجي مقصد کي حاصل ڪرڻ جي ويجهو ٿي ويو آهين. توکي وڏو تجربو حاصل ٿيو آهي. هاڻي ڪاميابي حاصل ٿيڻ ۾ ڪا بہ دير نہ آهي. گهرائيءَ ۾ اجان بہ ٿورو هيٺ وڃ توکي موتي ضرور ملندو. تون جنهن سطح تي پهتو آهين گهرائيءَ جو انت بلڪل ان جي هيٺان آهي, تون ڪوشش ڪر, ٿورو هيٺ وڃ.... همت ڪر.“

خليفي چيو ۽ انسان هن ڏانهن رحم ۽ همدرديءَ لاءِ واجهائيندڙ نظرن سان ڏسندو رهيو.

خليفي هن کي ٻانهن کان ورتو ۽ پوءِ اٿاري پاڻ سان گڏ وني وڃي گهري پاڻيءَ ۾ ڇڏي آيو. ”ٿورو هيٺ گهرائيءَ ۾..... جتي تون پهتو آهين ان کان ٿورو هيٺ. اتي توکي مالڪ جو موتي نظر ايندو“ هن چيو ۽ انسان مجبور ۽ التجا سان پرپور نظرن سان هن ڏانهن نهاريو ”جيڪو مالڪ جو حڪم“ هن

سمنڊ ۾ اندر وڃڻ کان اڳ ڇيوءِ پوءِ وري انسان سمنڊ ۾ غروب ٿي ويو. خليفو مالڪ کي ياد ڪري هڪ دفعو وري بي چينيءَ مان چڪر ڪاٽيندو رهيو. خليفي کي پڪ هئي ته هو هاڻي گهرائيءَ جي اسرارن کي گهڻي قدر معلوم ڪري چڪو آهي. گهرائيءَ جي ڳجهارت کي هو هن دفعي ڀيجي موتيءَ جي حقيقت تائين ضرور پهچندو.

جڏهن ڪافي دير ٿي وئي ۽ سج پري سمنڊ ۾ لهڻ جون تياريون ڪرڻ لڳو ته خليفو خوشيءَ مان بيچين ٿي بيٺ تي ٻيهي مرڪڻ لڳو. هن کي پڪ ٿي وئي ته هن دفعي هن جي ڏکهي ٿبي ضرو هن کي موتيءَ جي ويجهو وٺي ويندي. هن خيال ۾ پاڻ کي مالڪ آڏو سرخرو ڀاتو. هن ڏٺو مالڪ هن کي شابس ڏئي رهيو هيو ۽ انسان کي انعام ۾ پنهنجي جاڳير عطا ڪري رهيو هيو. جڏهن ڪافي دير گذري وئي ۽ سمنڊ ۾ لهندڙ سج جو رنگ ڳاڙهو ٿيڻ لڳو ته خوشي ۽ مايوسيءَ جو گڏيل خيال هن جي ذهن ۾ نچڻ لڳو. ”هو ضرور ڪامياب ۽ ڪامران ورندو“ هن چپن ئي چپن ۾ چيو ۽ وري اداس ٿي ويو.

انسان جي اها ٿبي ٻين ٿبين کان گهڻي ڏکهي هئي جنهن خليفي جي بي چيني ۾ انتظارَ ۾ اضافو ڪري ڇڏيو ۽ آخرڪار اهو وقت اچي ويو جو لهندڙ ڳاڙهي سج اڳيان رت جهڙين لهرن ۾ انسان ٻيهر نروار ٿيو ۽ ان جو وجود لهرن ۾ هيٺ مٿي ٿيڻ لڳو. خليفي سمجهيو شايد هو بيهوش ٿي ويو آهي. هو اڳتي وڌيو ۽ ٿوري همٿ ڪري هٿ پير هڻي، ان جي جسم کي گهليندو ڪناري تائين آڻڻ ۾ ڪامياب ٿي ويو. هن انسان کي ڪناري تي ليٽائي هن جي جسم کي ڏنڌوڙيو.

”اٿ اي انسان اٿ.... مالڪ جو موتي منهنجي حوالي ڪر“. خليفي ڳالهايو ”تون گهرائيءَ جي انت کي ضرور ڇهيو هوندو.... اٿ“

خليفو هن کي ڌونڌاڙيندو رهيو. پر انسان اک نه پٽي، خليفي هن جي نبض تي هٿ رکي ان کي محسوس ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. هن جي سيني تي ڪن رکي دل جي ڌڙڪن ٻڌڻ جي ڪوشش ڪئي. هو مايوس ٿي ويو. انسان مري چڪو هيو. خليفي پنهنجا ٻئي هٿ منهن کي ڏنا ۽ سڏڪي پيو.

”اي ناڪام انسان“ هو روئيندو ڳالهائيندو رهيو. نيٺ تون موت کي پنهنجي مقصد تي فوقيت ڏني. مقصد ماڻڻ کان ڀڄيون ئي تون موت جي منزل ماڻي. تون ڇوٽڪاري لاءِ موت جو رستو اختيار ڪيو. تون موت جي راهه فرار اختيار ڪري مايوسيءَ جي انڌيرن ۾ غائب ٿي وئين. تون مون کي دوکو ڏنو. تون مالڪ سان دغا ڪئي.....تون مالڪ سان دغا ڪئي“. پوڙهو خليفو روئندو، پنهنجي چولي جي دامن سان ڳوڙها اگهندو واپس هليو ويو. جڏهن هو نظرن کان ڪافي پري ڏور ٿي ويو ته مالڪ جيڪو اتي لڪيل هيو ۽ نظر نه اچي رهيو هيو، اهو سڀ تماشو ڏسي رهيو هيو. اهو هوريان هلندو انسان جي لاش مٿان آيو ۽ پوءِ مرڪي رحم ۽ پيار ڀريل نظرن سان هن جي بي جان منهن کي نهاريندو رهيو. مالڪ

هيٺ جهڪيو ۽ هن انسان جي سڄي هٿ جي پيڪوڙيل مٺ کولي ان مان موتي ٻاهر ڪڍي پنهنجي ترئيءَ تي رکيو ۽ پوءِ هٿ کي سٽ ڏئي موتيءَ کي پري سمنڊ ۾ اڇلايو. موتي هوا ۾ اڏامندو پري وڃي سمنڊ جي گهرائيءَ ۾ ڪريو. مالڪ شرارت مان وات تي هٿ رکي هلڪا ٽهڪ ڏيندو ٻيٽ جي هڪ پاسي ڏانهن هليو ويو.

◈ ◈ ◈


حليمان
رسول ميمڻ
پهرين ڪهاڻي تڏهن جنم ورتو جڏهن آدم ۽ حوا جنت ۾ ميوو کاڌو ۽ کين جنت مان نيڪالي ڏني وئي. ڌرتيءَ جي گولي تي پهچڻ سان زندگيءَ پنهنجا رنگ ڏيکارڻ شروع ڪيا. قابيل، هابيل کي قتل ڪيو ۽ ڌرتيءَ جي گولي تي اڄ تائين قتل بند ناهي ٿيو. اتين ئي ڌرتيءَ جي گوليءَ تي زندگيءَ جي انيڪ مسئلن. انيڪ ڳالهين جنم ورتو ۽ ڪهاڻيون سرجڻ لڳيون.
بادشاهن ۽ پرين کان ڪهاڻي شروع ٿي ۽ ماڻهن تائين پهتي. ماڻهن جي ڪهاڻين کي دنيا جي قلمڪارن لکيو ۽ ڏاڍو سٺو لکيو.
جديد سنڌي ڪهاڻي جمال ابڙو جي "خميسي جي ڪوٽ" مان جنم ورتو ۽ اڄ تائين سنڌي ڪهاڻي اوڄ تي پهتي آهي. رڳو اسان کي پڙهڻ لاءِ اکيون هجن ۽ ڪنهن جي ڳڻ جي شناس هجي. اهي ڪافڪا ۽ بورخيس جا هزارڊو پاڻل ڪوٽ لاهي پنهنجي سنڌي پوشاڪ پايون.
رسول ميمڻ سترواري ڏهاڪي ۾ سکر واري پل تي چڙهي پاڻ کي تروار ڪيو ۽ چاهه دروازن واري درياهه کان هيرن جواهرن سان ڀريل ٽوڪري "امن جي تالي" کڻي آيو. اڄان تائين هن سندباد جو سفر جاري آهي. هن سفر ۾ هن ڪهاڻين کان سواءِ خوبصورت شاعري ۽ سنا ناول پڻ لکيا آهن.
رسول ميمڻ جي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جا عڪس ڏاڍي سچائي ۽ آرٽ سان سرجيل آهن. هن جي ڪهاڻين ۾ زندگيءَ جا اهي سڀئي رنگ آهن جن کي اسان ڏسندا آهيون ۽ رسول ميمڻ پنهنجي ڪلهن تي سفيد ڪبوتر ويهاري لکندو آهي.
آدرش